الجزء ٥

وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ
وَاُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ؕ
فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ
فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ الْفَرِيْضَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۲۴﴾

۽ اهي عورتون بہ اوهان تي حرام آهن، جيڪي ڪنهن ٻئي جي نڪاح ۾ آهن، سواءِ انهن (جنگي قيدي عورتن جي) جيڪي اوهان جي حصي (ملڪيت) ۾ آيون. حرمت جي هنن حڪمن ڪي الله اوهان تي فرض ڪيو آهي، ان ڪانسواءِ ٻيون (سموريون عورتون) اوهان لاءِ حلال آهن. انهن ڪي پنهنجي مال (مهر) جي ذريعي نڪاح ڪرڻ لاءِ حاصل ڪريو. پاڪ دامن جي حيثيت ۾ پر شهوت راني جي خيال سان نہ هجي. پوءِ جن سان اوهان صحبت جو مزو حاصل ڪيو آهي تہ ڪين مقرر ڪيل مهر بہ ادا ڪيو. البته جيڪڏهن مقرر ڪيل مهر ۾ توهان باهمي رضامندي سان ڪمي بيشي ڪريو تہ ان ۾ ڪو گناهہ ڪونهي. بيشڪ الله پوري معلومات رکڻ وارو ۽ سندس هر حڪم حڪمت وارو آهي.(24)

۽ اهي (مسلمان) عورتون اوهان تي حرام آهن جيڪي ڪنهن ٻئي (مسلمان) جي نڪاح ۾ هجن. ’حصن‘ قلعي ڪي چوندا آهن، جيڪو حفاظت لاءِ هوندو آهي. سو ’محصنات‘ معنیٰ محفوظ ٿيل عورت نڪاح سان يا سٺي خاندان سان. ’محصنات‘ جو مادو ’احصان‘ آهي جنهن مان مراد شادي ٿيل عورتون، آزاد عورتون، پاڪدامن عورتون ۽ مسلمان عورتون هونديون آهن. مُحْصِنِيْنَ معنیٰ ”مُتَعَفِّفِيْنَ عَنِ الزِّنَا“ يعني زنا کان پاڪباز، ”غَيْرُ مُسٰفِحِيْنَ“ معنیٰ غير زاني. نڪاح لاءِ اهڙن مردن ۽ عورتن جو پاڻ ۾ رشتو هوندو. پر اهي شادي شده غير مسلم عورتون جيڪي جنگ ۾ قيدي ٿي اچن ۽ حڪومت انهن مان

ڪنهن ڪي اوهان جي حوالي ڪري ته انهن جو اڳيون نڪاح نه رهندو. اوهان پاڻ رکو يا ٻئي ڪي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيو. (حڪومت گهري ته اهڙين ٻانهين ڪي آزاد ڪري ڇڏي. گهري ته فديو (بدلو) وٺي. گهري ته مسلمان عورتن سان بدلو ڪري) هي مٿي ذڪر ڪيل الله جو قانون آهي جنهن جي دل وجان سان پابندي ڪرڻ اوهان تي لازم آهي. انهن سمورن حرام ڪيل رشتن کانسواءِ ٻيون سڀ عورتون اوهان لاءِ حلال آهن. اوهان انهن سان نڪاح ڪري سگهو ٿا. بشرطيڪ اها شادي يا نڪاح ڪنهن کي قيد و بند ۾ رکڻ نه وري شهوت پوري ڪرڻ لاءِ هجي. اهڙين عورتن سان مال خرچ ڪري پلي نڪاح ڪريو. پوءِ جن عورتن سان اوهان صحبت ڪري ازدواجي زندگي جو فائدو ورتو ته پوءِ انهن کي مقرر ڪيل مهر ضرور حوالي ڪريو. پر جيڪڏهن بعد ۾ خوش اسلوبي ۽ رضامنديءَ سان انهيءَ مهر مان عورت ڪجهه معاف ڪري ۽ نه وٺي ته اهو ڪري سگهجي ٿو انهي ڪمي و بيشي ڪرڻ ۾ اوهان تي ڪا پڪڙ نه هوندي. الله اوهان جي هر فعل کان پوري طرح واقف آهي ۽ هن جو هر حڪم حڪمت ڀريو آهي.

جنگ ۾ جيڪي غيرمسلم عورتون قبضي ۾ اچن ۽ انهن جا ڪافر مڙس دارالحرب ۾ آهن ته قيد ٿي آيل عورتن جو نڪاح ٽٽي ويندو ۽ اهي اسلامي حڪومت جي حوالگيءَ ۾ هونديون ۽ حڪومت جن سپاهين کي ملڪيت ۾ ڏئي ته پوءِ مالڪ پاڻ ان سان تمتع ڪري سگهي ٿو. پر ڪو ٻيو ڏاريو مالڪ جي اجازت سان نڪاح ۾ آڻي سگهي، پر جيڪڏهن زال مڙس گڏ قيد ٿيا آهن ته قيديءَ جي حالت ۾ ته سندن نڪاح باقي رهندو. اها عورت ملڪيت ۾ نه ايندي. پر فديو وٺي يا مسلمان عورت جي بدلي ۾ ڇڏيو ويندو. هڪ فوجي رڳو هڪ عورت وٺي سگهندو. حڪومت،ان کي واپس وٺي نه سگهندي. ان مان اولاد آزاد هوندو. ۽ ٻئي اولاد وارا حق رکندو. مڙس جي وفات بعد زال خودبخود آزاد ٿي ويندي. ملڪيت ۾ اچڻ بعد هڪ حيض اچڻ جو انتظار ڪبو. حامله هوندي ته ٻار جي ولادت تائين مجامعت جائز نه آهي. هن ۾ چئن حيضن جي پابندي ناهي، پر عياشيءَ لاءِ گهڻيون ٻانهيون رکڻ ناجائز آهي. حڪومت طرفان ملڪيت ۾ ڏيڻ نڪاح برابر آهي، پر مالڪ کان سواءِ ٻيو مالڪ جي اجازت سان نڪاح ڪندو. ان بعد مالڪ ان سان مجامعت نه ڪري سگهندو. ڪجهه تفسيرن ۾ آهي ته مالڪ به نڪاح کان سواءِ مجامعت نٿو ڪري

سگهي. هنن آيتن ۾ هي احڪامات آيا آهن: (1) منڪوحه سان نڪاح نہ ٿيندو. (2)محرمات جا احڪام لازم آهن. (3) محرمات کان سواءِ باقي حلال آهن. (4) نڪاح بعد عورت سان ازدواجي رشتو يہ ٿي ويو يا ڪم از ڪم تنهائيءَ ۾ گڏ رهڻ ٿيو تہ هاڻي مهر ڏيڻ لازم آهي. (5) رضامنديءَ سان زال، مهر مان ڪجهہ معاف ڪري يا مرد مهر کان ڪجهہ وڌيڪ ڏئي تہ جائز آهي.

وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ؕ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ
بَعْضٍ ۚ فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ
مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَاۤ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ
بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ
الْعَنَتَ مِنْكُمْ ؕ وَاَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ع ۲۵ ع ۴

۽ توهان مان ڪوئي شخص خانداني مسلمان عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي تہ پوءِ هو اوهان جي مؤمن ٻانهين سان نڪاح ڪري جيڪي اوهان جي قبضي ۾ آهن. الله توهان جي ايمان جو حال چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. اوهان سڀ هڪ ٻئي (جي جنس) مان آهيو، پوءِ انهن ٻانهين سان سندن مالڪن جي اجازت سان نڪاح ڪريو ۽ انهن جا مهر ملڪي رواج موجب ادا ڪريو. انهن کي نڪاح جي عقد ۾ رکڻ لاءِ حاصل ڪريو. بدڪاري يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ خراب تعلقات رکڻ واريون نہ هجن. جڏهن اهي نڪاح ۾ جڪڙجي وڃن ۽ پوءِ ڪنهن بدڪاريءَ جون مرتڪب ٿين تہ انهن کي (لونڊي هجڻ ڪري) جيڪا سزا آزاد غيرشادي شده عورتن لاءِ مقرر آهي ان جي اڌ سزا ڏني

**ويندي. اهڙي (شاديءَ جي) اجازت ان شخص کي آهي جنهن کي (شادي نہ هئڻ سبب) گناهہ جو خطرو هجي. پر جيڪڏهن اوهان صبر ڪريو تہ هي توهان جي حق ۾ بهتر آهي. الله نهايت بخشڻهار ۽ هميشہ مهربان آهي(25)**

توهان مان جيڪو ماڻهو هڪ آزاد مسلمان عورت سان نڪاح ڪرڻ جي طاقت نہ رکي تہ پوءِ انهن عورتن سان نڪاح ڪري جيڪي جنگ دوران قيدي ٿي ٻانهي بڻجي وئي آهي ۽ مؤمن آهي. آزاد خانداني عورت جو مهر ۽ گهرو خرچو گهڻو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي مالي پوزيشن اهڙي نہ آهي ۽ ڪيس هر حال ۾ شادي ڪرڻ ضروري آهي تہ هو مملوڪه (ٻانهيءَ) سان شادي ڪري، ان جو مهر بہ گهٽ ۽ روزمره جو خرچو بہ گهٽ هوندو، پر جيڪڏهن صبر ڪري ۽ آزاد عورت سان نڪاح جو انتظار ڪري تہ اهو عمل ترجيح جوڳو آهي. هن ۾ اوهان ڪا ذلت يا عيب نہ سمجهو تہ اوهان هڪ غلام عورت سان شادي ڪئي آهي، جيڪا جنگ ۾ قيدي ٿي آئي آهي. اصل شيءِ ايمان آهي. الله اوهان جي ايمانن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ايماندار غلام مسلمان عورت پنهنجي ايمان ۾ ان عورت کان بهتر هجي جيڪا آزاد مسلمان عورت آهي ۽ ايماني خصلتن کان محروم آهي. ياد رکو اوهان سڀ انساني ناتي سان هڪ جهڙا انسان آهيو. ٻانهي ۽ آزاد سڀ انسان آهن. وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ (بني اسرائيل: 70/17) يعني آدم جو هر اولاد قابل احترام آهي. ”اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ“ (الحجرات: 13/69) الله وٽ تقوىٰ وارو ئي مانائتو آهي. ان ڪري انهن غلام عورتن جي سرپرست جي اجازت سان بنا ڪنهن گهٻراهٽ جي نڪاح ڪريو. ياد رکو تہ اهي نڪاح جي خيال سان هجن کلم کلا بدڪار ۽ بدچال عورتون نہ هجن. (المائده: 5/5) ۽ نہ وري اهڙيون هجن، جيڪي ڳجهہ ڳوهہ ۾ فحاشيءَ جون مرتڪب ٿين. جيڪڏهن نڪاح ڪرڻ کان پوءِ اهڙين غلام عورتن مان ڪا بدچال ٿي ٿئي تہ ان کي ان سزا جو اڌ جيتري سزا ڏبي جيڪا سزا آزاد مسلمان غيرشادي شده عورت لاءِ مقرر ٿيل آهي. (النور: 2/24) هي رخصت انهن آزاد مسلمان ماڻهن تي آهي جيڪي سمجهن ٿا تہ شادي نہ ڪرڻ سبب ڪنهن گناهہ جا مرتڪب ٿي ويندا. پر جيڪڏهن اوهان پاڻ کي ضابطي ۾ رکي سگهو ٿا ۽ صبر ڪريو ٿا ۽ بهتر وقت جو انتظار ڪريو تہ

هي اوهان جي حق ۾ وڌيڪ بهتر آهي. (النور: 33/24) ياد رکو الله انساني ڪمزورين کي بخشڻ وارو ۽ پنهنجي رحمت سان نوازڻ وارو آهي. مسلمان شادي شده عورت جي زنا ثابت ٿيڻ تي رجم جي سزا آهي، جيڪا سورة النور جي آيت مان نبوت جي نوري نظر سان نظر اچي ٿي.

معلوم هئڻ گهرجي تہ هن وقت هي غلام جي رسم ختم ٿي چڪي آهي. اسلام بہ ان کي ڏيري ڏيري ختم ڪرڻ جا ذريعا ۽ وسيلا پيدا ڪيا تہ جيئن هي غلط رسم دنيا تان ختم ٿي وڃي. جنسي شهوت کي اضطراري حالت نٿو چئي سگهجي جهڙي طرح البقره: 173/2 ۾ بک ۽ بيماريءَ لاءِ آهي.

يُرِيدُ اللَّهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ وَيَتُوبَ عَلَيْكُمْ ۗ
وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿٢٦﴾ وَاللَّهُ يُرِيدُ أَن يَتُوبَ عَلَيْكُمْ وَيُرِيدُ الَّذِينَ يَتَّبِعُونَ
الشَّهَوَاتِ أَن تَمِيلُوا مَيْلًا عَظِيمًا ﴿٢٧﴾ يُرِيدُ اللَّهُ أَن يُخَفِّفَ عَنكُمْ ۚ وَخُلِقَ
الْإِنسَانُ ضَعِيفًا ﴿٢٨﴾

الله گهري ٿو تہ هو توهان لاءِ پنهنجا حڪم واضح ڪري ۽ اوهان کي انهن نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلائي، جيڪي توهان کان اڳ ٿي گذريا آهن، (نيڪوڪار هيا) ۽ توهان تي عنايت جي نظر ڪري ۽ الله خوب ڄاڻڻ وارو ۽ سندس هر ڪم حڪمت وارو آهي(26) الله اوهان تي مهرباني ڪرڻ گهري ٿو ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو ۽ ڪمال حڪمت وارو آهي(27) الله گهري ٿو تہ اوهان تي رحمت ڪري ۽ توهان جون ميرايون مِٽائي ۽ اهي ماڻهو جيڪي نفساني خواهشات جا پيروڪار آهن، اهي گهرن ٿا تہ اوهان حق جي رستي کان ڀٽڪي پري هليا وڃو(27) مشيت الاهي آهي تہ هو اوهان تان بار هلڪو ڪري، انسان ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي. (28)

الله گهري ٿو تہ توهان تي انهن ڪامياب ماڻهن جي بيان ڪرڻ سان جيڪي اڳ ۾ گذري چڪا آهن، جن ۾ انبياءِ صالحين، صديقين شامل آهن، جيڪي ٻنهي جهانن جي سعادتن کان بهره ور ٿيا، جن معاشرتي ۽ ازدواجي زندگي جي قانون جي پابندي ڪئي تہ جيئن اوهان لاءِ هدايت جي راهہ کلي وڃي ۽ انهن وانگر اوهان جو معاشرو خوشگوار بنجي وڃي ۽ اوهان کي پنهنجي رحمت سان نوازي اوهان جون ڪوتاهيون ڪمزوريون معاف ڪري. الله اوهان جي هر مصلحت کي سمجهڻ وارو ۽ پنهنجي هر حڪم ۾ حڪمت رکڻ وارو آهي. الله تہ گهري ٿو اوهان تي پنهنجي رحمت جو اعادو ڪري ۽ اوهان انهن برائين کان باز اچي وڃو ۽ توبه ڪريو جن ۾ هينئر مبتلا ٿي ويا آهيو. پر جيڪي ماڻهو الله جي هن واضح هدايت ۽ چٽي حڪمن باوجود پنهنجي نفساني خواهشن ۾ رذل آهن ۽ حق ۽ سچ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. انهن جي خواهش آهي تہ اوهان بہ هنن وانگر سنئي مناسب رستي کي ڇڏي حق ۽ سچ کان پري ٿي وڃو ۽ هنن وانگر بي حيائي ۽ نافرمانيءَ واري زندگي اختيار ڪريو. الله گهري ٿو تہ اوهان تي بي جا سختي ۽ رڪاوٽ وجهڻ بدران اوهان لاءِ نرمي ۽ آساني پيدا ڪري. ان ڪري هن ڪيترين شين جي اجازت ڏني آهي. شهوت راني، زنا ۽ فحاشيءَ کان بچڻ لاءِ نڪاح ڪري خوشگوار زندگي گذاريو. ڪاڌي پيتي جون بيشمار اهڙيون شيون موجود آهن، جيڪي اوهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. اوهان لاءِ جائز طور طريقا بہ گهڻا آهن. هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انسان پنهنجي طبيعت ۾ ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي. هو پنهنجي خواهشن ۽ جذبات ۾ گهيريل آهي. الله هن کي بي لغام ۽ ڇڙ واڳ ڇڏڻ نٿو گهري. جنهن ۾ هن جي هلاڪت ۽ تباهي جو سامان آهي. انڪري حلال ۽ جائز شين جي ڪثرت موجود ڪئي اٿس تہ اوهان جائز خواهشون پوريون ڪريو.

واڳ ڏٽي تو وس، آءُ ڪا پاڻ وَهيٽي. (شاهہ)

***

درمیانِ قعرِ دریا تختہ بندم کردئ
باز می گوئی کہ دامن تر مکن ہوشیار باش

مون کي تختي تي ويهاري درياءَ ۾ ڦٽو ڪيو اٿو، هاڻي چئو ٿا ته خيال ڪر، ڪپڙا نه پساءِ.

مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾
ايا ائين چون متان پاند پسائيين (شاهه)

الله طرفان ”اڪراهه“ ناهي، پر انسان کي اختيار آهي. عبد ۾ خدا جي رضا ناهي، پر مشيت آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً
عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۚ وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿۲۹﴾ وَمَنْ
يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّ ظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ
يَسِيْرًا ﴿۳۰﴾ اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ
مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿۳۱﴾

مؤمنؤ! توهان هڪ ٻئي جو مال ناحق طريقي سان نه کائو. ها سواءِ ان جي ته اهو توهان جي باهمي رضامنديءَ سان تجارت هجي ۽ نه پنهنجي پاڻ کي هلاڪ ڪريو. بيشڪ الله اوهان تي مهربان آهي ۽ جيڪو به اهو ڪم ظلم ۽ زيادتي سان ڪندو ته عنقريب اسان ان کي دوزخ جي باهه ۾ وجهنداسون (29) ۽ اهو الله لاءِ نهايت آسان آهي. (30) جن ڪبيره گناهن کان اوهان کي روڪيو ويو آهي، جيڪڏهن توهان بچندا رهيا ته اسان اوهان جون ننڍڙيون برايون مٽائي ڇڏينداسون ۽ اوهان کي عزت واري جڳهه ۾ جاءِ ڏينداسون. (31)

انسانن جي حقوق جي حفاظت جو بيان سورت جي شروع کان هلندو اچي. پهرين آيتن ۾ چيو ويو ته اوهان سمورا انسان هڪ وحدت جي پيداوار آهيو. سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيو، ان ڪري خريد و فروخت ۾ ايمانداري ۽ امانتداريءَ سان ڪم وٺو، پر انسان حرص ۽ هوس

جا غلام بڻجي ناجائز طريقن سان ٻين جو مال هڙپ ڪرڻ ۾ رڌل هوندا آهن. اهڙي ذهنيت معاشري لاءِ تباهه ڪن هوندي آهي. ان ڪري مؤمنن جي جماعت کي چيو ويو آهي تہ ائين هرگز نہ ڪجو جو ٻين جو مال ناجائز طريقي سان هضم ڪري وڃو. زندگيءَ جون ضروري شيون ڏيڻ وٺڻ ۾ هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڪريو، جنهن کي تجارت سڏجي ٿو، جنهن ۾ مناسب منافعو حاصل ڪرڻ جائز آهي، پر ڌوڪي ۽ ڪوڙ سان ڏيتي ليتي ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي جي مجبوري ۽ سادگيءَ يا اعتماد کي ڌوڪو ڏئي، هن کان ناجائز نفعو ڪمائڻ منع ڪيل آهي. هر هڪ کي پنهنجي محنت جو حق ملڻ گهرجي. (النجم: 39/53) پر جيڪڏهن غلط حربا استعمال ڪندؤ (البقره: 275/2) تہ اوهان پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪندا.

الله جو ٻڌايل نظام اوهان لاءِ رحمت جو باعث آهي ۽ هن جي ذات اوهان تي نهايت مهربان آهي. ”وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ كَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ“ (الحجرات: 7/49) الله اوهان کي ايمان جي نعمت جي محبت سان سرشار ڪيو ۽ ان کي اوهان جي دلين ۾ سينگاريو آهي. الله ڪفر، گناهه ۽ نافرمانيءَ کي ناپسند قرار ڏنو آهي. ياد ڪريو تہ بلا وجه ڪنهن جي جان ۽ مال تصرف ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ناحق قتل تہ قتل آهي، پر معاشرتي نظام مال، جيڪو قومي استحڪام ۽ حيات جو ذريعو آهي، ان ۾ بگاڙ پيدا ڪري معاشري کي تباهي يا موت جي منهن ۾ ڌڪيليو. هي اوهان جو ۽ ٻين جو معاشي قتل آهي، ان کان بچو. اهڙي چٽي نصيحت ۽ تاڪيد باوجود بہ جيڪا قوم اهڙي روش اختيار ڪندي، جو اها ظلم ۽ زيادتي ڪري ٻين جو حق تلف ڪندي تہ اهڙي قوم جو انجام جلد از جلد پڙڪندڙ باهه آهي ۽ مڪافات عمل ۾ اهڙو بدلو ڏيڻ الله لاءِ مشڪل نہ آهي، نهايت آسان آهي، ڇو تہ جيڪو نظام بہ عوام جي فلاح ۽ بهبود خلاف هوندو تہ اهو تباهيءَ جو سامان خود پيدا ڪندو آهي ۽ ڪڏهن بہ معاشرتي زندگي خوشگوار نہ ٿي سگهندي. خيانت واريون مذموم حرڪتون ۽ ذليل اعمال ڪري، پاڻ کي رسوا ۽ ذليل نہ ڪريو، جو اهڙي ذلت ۽ رسوائي اوهان جي نفس لاءِ موت جو پيغام آهي. ياد رکو تہ جن ڪبيره گناهن کان اوهان کي روڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: شرڪ، ڪفر، سود، زنا، شراب نوشي وغيره (الاعراف: 33/7) جيڪڏهن انهن کان پاڻ کي بچائي رکندا تہ پوءِ اسان جي فضل ورحمت واري قانون موجب اوهان جي غلطين خطائن جا برا اثر اوهان تان هٽائي

ڇڏيندا سون . ”نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّـٰٔاتِكُمْ“ ۾ ”نُكَفِّرْ“ معنىٰ ”مَحْوُ“ هٽائي ڇڏڻ، مغفرت، بخش
ڪرڻ، حفاظت ۾ آڻڻ آهي. ۽ اوهان جي معاشري ڪي اهڙي سني مقام تي رسائيندا سون،
جيڪو نهايت وڏي عزت آبرو ۽ خوبين جو مقام هوندو. (النساءِ: 31/4، الانعام: 120/6،
الشوريٰ: 37/42، النجم: 32/53) ڪبيره گناهن ڪان اجتناب جي معنىٰ آهي تہ گناهہ ڪرڻ جا
سڀ وسيلا موجود آهن، پر پوءِ بہ گناهہ نہ ڪري.

امام غزالي رحمة الله عليه تہ فرمائي ٿو تہ جڏهن انسان گناهہ ڪري ٿو تہ ان سان هن جي
معصوم ۽ پاڪيزه فطرت متاثر ٿيندي آهي ۽ آهستي آهستي هو گناهہ ڪان نفرت ڪرڻ
بدران ان ڪي پسند ڪرڻ لڳندو آهي، پر جڏهن هو ڪبيره گناهن ڪان توبه ڪندو آهي ۽
گناهہ ڪرڻ جي استطاعت هوندي، ان ڪان پاڻ ڪي بچائيندو آهي تہ هن جي دل تي گناهن
جو زنگ هٽجڻ شروع ٿي ويندو آهي تہ پوءِ هو گناهن ڪان نفرت ۽ نيڪيءَ جي رغبت
رکندو آهي تہ هن جون ”سَيِّـٰٔاتِ“ مٽجي وينديون آهن ۽ الله جي بخشش ۽ حفاظت ۾
حسنات برابن جي جاءِ تي اچي وينديون آهن.

وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ؕ
وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ؕ وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ
شَیْءٍ عَلِيْمًا ﴿۳۲﴾ وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا مَوَالِیَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَ الْاَقْرَبُوْنَ ؕ
وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ
شَیْءٍ شَهِيْدًا ﴿۳۳﴾ ع ۵/۲

جنهن شيءِ ۾ الله بعض ڪي بعض تي فضيلت عطا ڪئي آهي، ان جي توهان
تمنا نہ ڪريو، مردن لاءِ ان مان حصو آهي، جيڪو هنن ڪمايو ۽ عورتن لاءِ ان
مان حصو آهي جيڪو انهن ڪمايو. الله ڪان سندس فضل طلب ڪريو. بيشڪ
الله هر شيءِ ڪي چڱي طرح ڄاڻي ٿو (32) ۽ والدين ۽ قريبي رشتيدارن جي
ڇڏيل مال مان اسان هر هڪ لاءِ سندن حقدار وارث مقرر ڪيا آهن ۽ جن سان

**اوهان جو معاهدو ٿي چڪو آهي ته انهن جو حصو انهن کي ڏيو. الله هر شيءِ جو يقينًا گواهه آهي (33)**

اهڙي شيءِ جي تمنا نه ڪريو، جنهن ۾ الله تعالىٰ ڪجهه ماڻهن کي ڪجهه ماڻهن کان زياده ڏنو آهي. اها فضيلت الله جي طرفان آهي. ائين نه سوچيو ته ڪاش اهو سڀ ڪجهه مون کي ملي وڃي ها. (النساء 34/4) هن ڪائنات جو ڪاروبار مؤثر طريقي سان هلائڻ لاءِ الله تعالىٰ ماڻهن ۾ جدا جدا صلاحيتون پيدا ڪيون آهن. هڪ پلمبر کان وٺي ماهر انجنيئر تائين، هڪ ٽيڪنيشن کان ماهر ڊاڪٽر تائين جدا جدا ڪمن لاءِ الڳ الڳ ماڻهو آهن ۽ اهو فرق هر اداري، هرسوسائٽي ۽ هر قوم جي افراد ۾ رکيو ويو آهي. ڪو ليڊر آهي ته ڪو ڪارڪن (Follower)، جيڪڏهن اهو فرق نه هجي ته پوءِ ننڍي کان ننڍا ۽ وڏي کان وڏا ڪم سرانجام ڏئي نه سگهبا. هي سڀ ڪجهه هڪ حڪيم جي حڪمت آهي، ان ڪري ڪنهن سان حسد نه ڪرڻ گهرجي، پر ان جهڙيون خوبيون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. ”اَلْحَسَدُ يَحْرِقُ النَّاسَ كَمَا يَحْرِقُ النَّارُ الْحَطَبَ“ جهڙيءَ طرح باهه ڪاٺيءَ کي ساڙي ٿي، حسد به اهڙيءَ طرح حسد ڪندڙ کي ساڙي تباهه ڪري ٿو. قرآن ۽ حديث ۾ ”فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ“ مان مراد آهي نيڪين ۾ اڳتي وڌڻ ۾ ڪوشش ڪرڻ چڱو ڪم آهي. يعني رشڪ ڪرڻ ۽ ان جهڙيون خوبيون پيدا ڪرڻ آهي يا انهن ۾ مسابقت ڪرڻ آهي، پر حسد ۽ ساڙ سراپا تباهي آهي. مردن جيڪو پنهنجي عمل سان حاصل ڪيو آهي، ان جي مطابق ان جي حاصلات ۽ نتيجن ۾ ان جو حصو آهي ۽ عورتن پنهنجي عمل سان جو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، ان جي مطابق ان جو قل ۽ بدلو ان جي حصي ۾ آهي. ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي عملن مطابق نتيجن جون حقدار آهن. هتي ڪَسَبَ مان مراد نيڪيون ۽ چڱا عمل ۽ بد عماليون به آهن ته ان مان الله جي رزق جي حصول جو به مطلب نڪري ٿو يعني مرد پنهنجي ڪمائي جو مالڪ آهي ته عورت پنهنجي ڪمائي جي مالڪه آهي، پر جيتري قدر فطري فرضن جو تعلق آهي ته ان ۾ ڪٿي مردن کي برتري آهي ته ڪٿي عورتن کي آهي. قرآن انهيءَ نظرئي جي نفي ڪئي آهي ته مستقل هستي رڳو مردن جي آهي ۽ عورتون مستقل هستي نٿيون رکن اهي رڳو مردن جي خدمت لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن.
(آل عمران: 185/3، النساء: 124/4، النحل: 97/16، المؤمن: 40/40)

الله تعالىٰ نوع انسان کي مرد ۽ عورت جي ٻن صورتن ۾ پيدا ڪيو آهي. اهي ٻئي پنهنجو پنهنجو الڳ وجود رکن ٿا ۽ ٻئي پنهنجن افعال ۽ اعمال جا مالڪ ۽ ذميوار آهن. ٻنهي جي هن ڪائناتي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ برابر جي ضرورت آهي. هنن ٻنهي جي وجود سان مڪمل زندگيءَ جو دارومدار آهي. اوهان کي هر حال ۾ الله جي بخشش جي طلب ڪرڻ گهرجي. يقيناً هو هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي، ڪا به شيءِ هن کان پري يا ڳجهي نه آهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪو ترڪو (مالِ وراثت) ماءُ ۽ پيءُ يا قريبي رشتيدار مرڻ بعد ڇڏي وڃن، ان لاءِ اسان حقدار ۽ سندن حصا مقرر ڪري ڇڏيا آهن. دور جهالت ۾ ڪنهن کي متبنّىٰ يا پاءُ سڏيو ويندو هو ته ان کي به ملڪيت جو حق هوندو هيو ۽ ويجهن دوستن جو به حصو مقرر هوندو هيو، جنهن کي اسلام روڪي رڳو حقدار رشتيدارن تائين محدود ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح اوهان جو جنهن به عورت سان نڪاح جو رشتو قائم ٿي وڃي ته اسان ان جو حصو به مقرر ڪيو آهي، جيڪو هن کي پنهنجي مڙس ۽ اولاد جي ترڪي مان ملندو. اهو انهن جي ضرور حوالي ڪريو ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڏوڪي بازي نه ڪريو. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته الله حاظر ناظر آهي. هر شيءِ هن جي علم ۾ آهي. ڪا به شيءِ هن کان لڪل نه آهي. اَلَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ مان مراد اهڙا عهد و پيمان آهن، جن سان اوهان اهڙا وعدا ڪيا آهن، اهي دوست رشتيدار يا مسڪين هجن جن جو ترڪي ۾ ڪو حصو ناهي ته انهن کي ڪجهه ڏيڻ جي گنجائش آهي.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَآ اَنْفَقُوْا
مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِيْ
تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَ اهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ وَ اضْرِبُوْهُنَّ ۚ
فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ﴿۳۴﴾
وَاِنْ خِفْتُمْ شِقَاقَ بَيْنِهِمَا فَابْعَثُوْا حَكَمًا مِّنْ اَهْلِهٖ وَحَكَمًا مِّنْ اَهْلِهَا ۚ
اِنْ يُّرِيْدَآ اِصْلَاحًا يُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَيْنَهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا خَبِيْرًا ﴿۳۵﴾

مرد عورتن جا نگران ۽ پرجهلا آهن. ان ڪري تہ الله (فطري صلاحيتن سبب) بعض کي بعض تي فضيلت ڏني آهي ۽ ان ڪري بہ تہ مرد (انهن تي) پنهنجو مال خرچ ڪرڻ لاءِ (ذميدار) آهن. نيڪ زالون (مؤمنن جون) ٻانهن ٻيلي (هم راز هم آواز) ۽ سندن غير موجودگي ۾ الله جي حفاظت سان پنهنجي ۽ ان جي مال ۽ حقن جي حفاظت ڪندڙ آهن. جن عورتن جي نافرماني ۽ سرڪشي جو انديشو هجي تہ انهن کي سمجهايو ۽ کين بسترن تي (سمهڻ وقت) اڪيلو ڪريو ۽ پوءِ بہ نہ مڃن تہ کين هلڪي ٿپا ٿپي ڪريو. پوءِ جيڪڏهن سرڪشي ڇڏي اوهان جي ڳالهہ مڃي وٺن تہ پوءِ هنن جي خلاف ڪنهن بہ قسم جي زيادتي واري راهہ اختيار نہ ڪيو. (34) جيڪڏهن ڪا بہ تدبير ڪامياب نہ ٿئي ۽ اوهان کي زال مڙس جي درميان عليحدگي جو انديشو ٿئي تہ پوءِ هڪ امين مڙس پنهنجي خاندان مان هڪ امين زال جي خاندان مان مقرر ڪيو. پوءِ جيڪڏهن اهي ٻئي (زال مڙس يا بہ امين) اصلاح جا خواهشمند هوندا تہ الله تعالیٰ سندن درميان موافقت پيدا ڪري ڇڏيندو. يقينًا الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ هر شيءِ کان باخبر آهي.(35)

---

”قَوّٰامُوْنَ“، ”قَوَّام“ يا ”قَيِّمْ“ اهڙو شخص، جو ڪنهن فرد يا اداري جي معاملن کي درست حالت ۾ هلائي. حفاظت يا نگهباني ڪري. هتي بہ اهائي معنیٰ مطلوب آهي، سورة النساءِ آيت 135 ۾ آهي: ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ“ ۾ ”قَوّٰمِيْنَ“ ۽ ”قَوّٰامُوْنَ“ ساڳيو صيغو ساڳئي مفهوم ۾ آيو آهي تہ انصاف جي نگراني ڪيو. اهڙيءَ طرح آيت 5 ۾ مال کي ”قِيٰمًا“ بہ انهيءَ مفهوم ۾ آهي. جنهن مطابق مرد عورتن جي زندگيءَ جي ضرورتن جو بندوبست ڪرڻ وارو آهي. انهيءَ ڪري جو الله تعالیٰ بعض کي بعض تي ڪجهہ خاص شين ۾ فضيلت ۽ برتري ڏني آهي. (النساءِ: 32/4) هت ”فضيلت“ مان مراد شرف، عزت، تڪريم مراد نہ آهي، پر مرد ۽ عورت جي فطري صلاحيتن ۾ فرق مراد آهي. اها ذميداري مردن تي ان لاءِ بہ آهي تہ مرد پنهنجي ڪمائي مان انهن تي خرچ ڪندا آهن.

زال جي ضرورتن جو ڪفيل مرد آهي، جو ته عورت ڪٽي ڪمائيندي به هجي پر گهٽ وقت ڪسب معاش ڪان معذور رهي ٿي، باقي انسان جي ناتي مرد ۽ عورت جا حق برابري وارا آهن. ( البقره: 228/2، الاحزاب: 35/33) مرد گهر کان ٻاهر ڪم ڪار لاءِ رات ڏينهن وجي ٿو پر عورت کي پنهنجن فطري ضرورتن ۽ معاشرتي حالتن موجب گهر ۾ رهڻو پوي ٿو. پوءِ جيڪي عورتون نيڪ ۽ صالح آهن ته اهي فرمانبردار ۽ اطاعت شعار هونديون آهن. الله جي طرفان جيڪا حفاظت هنن کي مليل آهي، پنهنجن مڙسن جي غير حاضري ۾ سندن حقن ۽ گهر جي حفاظت ڪندڙ آهن. خَيْرُ مَتَاعِ الدُّنْيَا اَلْمَرْاَةُ الصَّالِحَةُ (صحيح مسلم) دنيا جي سڀ ڪان سنين شين ۾ نيڪ زال آهي. حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ جو فرمان آهي: ”خَيْرُ النِّسَآءِ اِمْرَاَةٌ اِذَا نَظَرْتَ اِلَيْهَا سَرَّتْكَ وَاِذَا اَمَرْتَهَا اَطَاعَتْكَ وَاِذَا غِبْتَ عَنْهَا حَفِظَتْكَ فِيْ نَفْسِهَا وَمَالِهَا“ بهترين زال اها عورت آهي، جنهن کي ڏسڻ سان دل کي سرور ملي. جيڪا تنهنجي حڪمن جي دل و جان سان اطاعت ڪري تنهنجي غيرموجودگيءَ ۾ پنهنجي عصمت، عزت ۽ مرد جي مال جي حفاظت ڪري. اهڙيءَ طرح مرد ۽ عورت جو گڏيل ڪردار آهي. پر جيڪڏهن ان جي باوجود بنا ڪنهن معقول سبب جي زال سرڪشي ۽ بي اعتنائي ڪري ٿي ته پوءِ عقلمند مرد يڪدم دل برداشته ٿي يڪدم قطع تعلقات نه ڪري ڇڏين، پر ڪين گهرجي ته پهريان نرمي ۽ پيار سان انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن. ان هوندي به هو نه سڌرن ته پوءِ الڳ بستري تي ڌار ٿي سمهڻ گهرجي، ته من نفسياتي طرح هن جي ذهن ۾ تبديلي اچي وڃي. ان هوندي به هو پنهنجي سرڪشي ڪان باز نه اچي ته پوءِ بغير ڪنهن نقصان رسائڻ جي هن کي پاڻ ٿڦا ٿپي ڪري يا عدالت ڪان ڪيس ڪا تنبيه طور سزا ڏياري، جنهن مان مراد سزا ڏيڻ ناهي، پر رنجش جو اظهار آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي اصلاح ڪري فرمانبردار ۽ اطاعت گذار ٿئي ته پوءِ ان تان سختي وارو رويو ختم ڪريو ۽ خواه مخواه الزام ڏئي معاملي کي وڌيڪ خراب نه ڪريو.

ياد رکو ته الله نهايت بلند ۽ بزرگي وارو آهي. جيڪو بخشڻ وارو به آهي ته سزا ڏيڻ وارو به آهي ۽ ان کي ڪو به روڪي نٿو سگهي. انهن سيني طريقن جي باوجود به جيڪڏهن مصالحت جي صورت نٿي نڪري ۽ زال مڙس ۾ عليحدگي جو خطرو محسوس ڪريو ۽ ڏسو ته مڙس توڙي زال پنهنجي پنهنجي ضد ۽ هوڏ کان نٿا لهن ته پوءِ

اصلاح خاطر هڪ ٻي تدبير ڪيو، جنهن ۾ هڪ شخص مرد جي طرفان ۽ هڪ شخص عورت جي طرفان پنچائت طور مقرر ڪريو. پوءِ جيڪڏهن هنن ٻنهي (زال مڙس) يا ٽياڪڙن اصلاح جي نيت ڪئي ته الله تعالىٰ هنن جي وچ ۾ مصالحت جا اسباب پيدا ڪندو. بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو ۽ هر شيءِ جي خبر رکڻ وارو آهي. جيڪڏهن مرد سرڪشي ڪري ته ان جو ذڪر (النساء 128/4) ۾ آيو آهي. الله تعالىٰ مرد ۽ عورت ۾ اصلاح پسند ڪري ٿو، ان ڪري پهريان مرد ذاتي طرح ڪوشش ڪري ته معاملو گهر جو گهر ۾ حل ڪري، نه ته پوءِ ثالث ۽ عدالت جي معرفت ناهه جي ڪوشش ڪجي. حديث شريف ۾ آهي ته حلال شين ۾ سڀ کان خراب طلاق آهي. (صحيحين) هن ترتيب وار تدريج سان صلح جو موقعو ڏيڻ مان اصل مراد آهي ته شايد سوچ سمجهه سان معاملو نيڪ ٿي وڃي.

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّبِذِی الْقُرْبٰی وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْجَارِ ذِی الْقُرْبٰى وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ۙ ﴿۳۶﴾

توهان رڳو الله جي بندگي ڪريو ۽ ڪنهن کي به ان ۾ شريڪ نه ناهيو ۽ والدين سان حسن سلوڪ ڪريو ۽ قريبي رشتيدارن، يتيمن ۽ محتاجن (سان) ۽ مائٽن، پاڙيسرين ۽ گڏ رهندڙ ساٿي ۽ مسافرن ۽ پنهنجي ٻانهين سان چڱائي ڪريو. بيشڪ الله ان کي پسند نٿو ڪري جيڪو تڪبر ڪندڙ ۽ پاڻ پڏائيندڙ آهي. (36)

خانداني معاشرت جي سلسلي ۾ مڙس ۽ زال جي معاملن کان بعد باقي رشتيدارن ۽ معاشري جي ڪمزور طبقي جي حقن جو ذڪر آهي. هاڻي والدين، رشتيدارن، فقيرن، مسافرن يا پاڙيسرين ۽ ٻين واسطيدارن سان لاڳاپن جو بيان اچي رهيو آهي. ياد رهي ته انسان کي انساني حقن جي احترام لاءِ آماده ۽ مجبور ڪرڻ واري فقط خدا جي خشيت ۽ تقوىٰ آهي. هتي خوف ۽ تقوىٰ ايمان بالله ۽ لقاءُ بالله سان اچي ٿو. ان ڪري

حقوقِ انساني کان اڳ توحيدِ خداوندي ۽ ان جي عبادت ۽ اطاعت جو ذڪر آهي ته الله جي بندگي ڪريو ۽ ڪنهن شيءِ کي به ان سان شريڪ نه ڪريو. هن جي هر حڪم ۽ قانون کي دل و جان سان قبول ڪريو. پنهنجي ماءُ پيءُ سان، رشتيدارن سان، يتيمن ۽ مسڪينن سان، پاڙيسري سان ۽ پاڙي ۾ رهندڙ ڌارين سان، ميل جول وارن ماڻهن سان ۽ مسافر ماڻهن سان ۽ انهن ٻانهن سان جيڪي اوهان جي سرپرستيءَ ۾ آهن. يعني معاشري جي هنن سيني طبقن ۽ ماڻهن سان سني سلوڪ احسان ۽ ڀلائي واري طريقي سان پيش اچو. هتان معلوم ٿيو ته پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻ ڀائرن، قريبي رشتيدارن ۽ انسانذات جي سيني طبقن سان سٺا ناتا رکو. دراصل پوري انسانيت هڪ خاندان ئي آهي. والدين، قريبي رشتيدارن، پاڙيسرين کان علاوه ميل جول وارن ماڻهن سان به مدد جو هٿ وڌايو.

دور افتاں را باحسان یاد کردن مردھیست
ورنہ ہر نخل بپائے خود ثمر می افگند

احسان سان ڌارين کي ياد ڪرڻ ئي مردانگي آهي، ورنه ڪجي به پنهنجو ڦل پنهنجي پاڙ ۾ اڇلي ٿي.

والدين جي لاءِ (البقره: 83/2، النساءِ: 4/ 36، الانعام: 51/6، بني اسرائيل: 17/ 24،23 لقمان: 13/31، الاحقاف: 13/46) ۾ تفصيل ۽ تاڪيد سان بيان ٿيل آهي ته هنن سامهون اف به نه ڪريو. اهڙي طرح يتيمن مسڪينن مسافرن قيدين وغيره لاءِ (البقره: 2/ 220، النساء: 4/ 10-2، الذاريات: 51/ 19، الدهر: 76/ 8، الحاقه: 69/ 34، الفجر 89/ 19-18-17، البلد: 90/ 14 کان 16) وغيره ۾ نهايت تاڪيد سان ذڪر ڪيل آهي ته هنن ڏتڙيل بي سهارا طبقي جي ضرور امداد ۽ نگهباني ڪريو.

هن آيت ۾ انهن سيني طبقن ۽ انساني رشتن لاڳاپن جو ترتيب وار ذڪر آهي، جنهن سان روزمره جي زندگيءَ ۾ واسطو رهي ٿو. ان ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ حق ادائيءَ بعد سڀ کان اول والدين جو ذڪر آهي، جن سان نهايت نرمي، شفقت، سخا، فرمانبرداريءَ جا تعلق رکڻا آهن، جن جو قرآن ۾ گهڻو ذڪر آهي. ان بعد ذوالقربيٰ قريبي رشتيدارن، دور جي رشتيدارن جا حق ادا ڪرڻا آهن. ”اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِی الْقُرْبٰى“

(النحل: 90/16) بين رشتيدارن ۾ مسڪين، پاڙيسري رشتيدار ۽ عام پاڙيسري، هم مجلس، مسافر، ٻانها ۽ ملازم شامل آهن. سڀ اوهان جا ڀائر آهن. هنن جي غربت سبب هنن کي هتڪ آميز نگاهن سان نه ڏسو ۽ پاڻ کي دولت مند سمجهي اونچو ۽ اعلىٰ انسان نه سمجهو ڇو ته جيڪي ماڻهو پاڻ پڏائيندا آهن ۽ غرور ۽ آڪڙ ۽ وڏ ماڻهپو ڏيکاريندا آهن. الله انهن کي پسند نه ڪندو آهي. حديث شريف آهي: "لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ اَحَدٌ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ مِّنْ كِبْرٍ" الله ان شخص کي ڪڏهن به جنت ۾ داخل نه ڪندو، جنهن جي دل ۾ سرنهن جي داڻي برابر تڪبّر هوندو.

نمي ڪمي نهار، ڏمر ڏولائو (شاهه)

***

مٹادے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہو
کہ دانہ خاک میں مل کر گل و گلزار ہوتا ہے

***

ولر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺ گهٽو (شاهه)

***

رنگ لاتی ہے حنا پتھر سے پس جانے کے بعد
سرخرو ہوتا ہے انسان ٹھوکریں کھانے کے بعد

الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ وَيَكْتُمُوْنَ مَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ
مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ۚ ﴿۳۷﴾ وَالَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ
اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَمَنْ يَّكُنِ
الشَّيْطٰنُ لَهٗ قَرِيْنًا فَسَآءَ قَرِيْنًا ﴿۳۸﴾ وَمَاذَا عَلَيْهِمْ لَوْ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِهِمْ عَلِيْمًا ﴿۳۹﴾

جيڪي ماڻهو پاڻ بہ بخل ڪن ٿا ۽ ٻين ماڻهن کي بہ بخل جو مشورو ڏين ٿا ۽ ان (نعمت ايزدي) کي ظاهر نٿا ڪن، جيڪا الله هنن کي پنهنجي فضل سان عطا ڪئي آهي ۽ اسان ڪافرن لاءِ ذلت آميز عذاب تيار ڪيو آهي.(37) (۽ انهن ماڻهن کي بہ الله پسند نٿو ڪري) جيڪي پنهنجو مال رياء طور خرچ ڪن ٿا. نہ الله تي ايمان رکن ٿا ۽ نہ آخرت جي ڏينهن تي. اهڙا ماڻهو شيطان جا ساٿي آهن ۽ جنهن جو ساٿي شيطان هجي تہ اهو نهايت بڇڙو ساٿي آهي(38) ۽ هنن جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن هو الله ۽ آخرت تي ايمان آڻين ها ۽ جو ڪجھ الله هنن کي ڏنو آهي، ان مان (الله جي راھ ۾) خرچ ڪن ها ۽ الله هنن جي حال کان چڱي طرح واقف آهي.(39)

مٿي حقوق الله ۽ حقوق العباد جو ذڪر آهي، جنهن ۾ الله جي توحيد جو بيان آهي. حقوق العباد ۾ معاشري اندر والدين ۽ قريبي رشتيدارن سان ۽ ٻين محروم، مجبور، محتاج، مسڪين طبقن سان سُٺا ۽ خوشگوار تعلقات رکڻ جو حڪم آهي. ان ۾ ڪنهن کي حقير سمجهي، پاڻ کي تڪبر ۽ غرور ۾ اچي وڃڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ هاڻي مال، جيڪو انساني فلاح ۽ بهبود جو ذريعو آهي، ان ۾ بخل ڪندڙن جو بيان آهي. اهي دولت جي نشي ۾ مخمور ماڻهو سمجهن ٿا تہ هنن جي دولت ۾ ڪمي آئي تہ هو بہ هنن يتيمن مسڪينن جهڙا ٿي ويندا، ان ڪري هو پنهنجي دولت کي سنڀالي رکن ٿا ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ يا ٻين نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کان بخل ڪن ٿا ۽ ٻين دولتمند ماڻهن کي بہ بخل ڪرڻ جو چون ٿا. اهي بخيل ماڻهو پنهنجي دولت لڪائي رکن ٿا تہ متان ڪو ڏسي وٺي. سائل سوال ڪري، حالانڪ اها دولت الله جو فضل آهي، جنهن کي نوع انسان جي ضرورتمند ماڻهن لاءِ کليو رکيو وڃي. اهڙن ڪنجوس ۽ بخيل ماڻهن، جن الله جي نعمت جي ناشڪري ڪئي آهي، انهن لاءِ دردناڪ عذاب تيار آهي. وري ماڻهن جو ٻيو هڪڙو اهڙو گروھ آهي، جيڪو خدا جي رضامندي ۽ خوشنودي جي لاءِ نہ، پر پنهنجي ذاتي شهرت مفادن ۽ نماءُ لاءِ خير خيرات ڪندا آهن تہ ماڻهو هن کي سنو سمجهن. اهي ريا ۾ مبتلا ٿيل ماڻهو آهن. اهي ماڻهو الله ۽ آخرت ۾ ويساھ نٿا رکن، جيڪڏهن هنن جو

الله تي پختو ايمان هجي ۽ آخرت ۾ جزا ۽ سزا جو يقين رکندا هجن ته پوءِ ڪڏهن به الله کي ناراض ڪري ريا ۽ نمائش وارو شيطاني ڪم نه ڪن.

ياد رکو ته جنهن جو ساٿي شيطان هجي ته ان ڪان وڌيڪ بيو بڇڙو ساٿي ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن هي خود فريبي ماڻهو الله ۽ آخرت تي ايمان رکندا هجن ها ۽ الله پاران ڏنل نعمتن ۽ مال دولت کي الله جي خوشنوديءَ لاءِ خرچ ڪن ها ته هنن کي ان جو اجر ملي ها. هنن نامراد ماڻهن جي انهي غلط ۽ غليظ سوچ ڪان الله تعالىٰ پوري طرح باخبر آهي. (البقره: 2/261-195، آل عمران: 3/117-92، النساء: 4/42، الانفال: 8/60، التوبه: 9/54، الطلاق: 65/7، الماعون: 107/6) "اَلَّذِيۡنَ هُمۡ يُرَآءُوۡنَ" انهن لاءِ ويل آهي، جيڪي ريا ڪن ٿا. حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ جو فرمان آهي: "مَنۡ صَلّٰى يُرَآئِيۡ فَقَدۡ اَشۡرَكَ وَ مَنۡ صَامَ يُرَآئِيۡ فَقَدۡ اَشۡرَكَ وَ مَنۡ تَصَدَّقَ يُرَآئِيۡ فَقَدۡ اَشۡرَكَ" جنهن نماز پڙهي ۽ ريا ڪيو ته شرڪ ڪيائين. جنهن روزو رکيو ۽ ريا ڪيائين، ته هن شرڪ ڪيو. خيرات صدقو ڪيائين ۽ ريا ڪيائين ته شرڪ ڪيائين، ڇوته هو اهو خير جو ڪم الله تعالىٰ جي رضا ۽ حمد و ثنا لاءِ نٿو ڪري، پر پنهنجي تعريف لاءِ ڪري ٿو، گويا پاڻ کي الله جي برابر سمجهي ٿو.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظۡلِمُ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَاِنۡ تَكُ حَسَنَةً يُّضٰعِفۡهَا وَ يُؤۡتِ مِنۡ لَّدُنۡهُ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾ فَكَيۡفَ اِذَا جِئۡنَا مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍۢ بِشَهِيۡدٍ وَّجِئۡنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيۡدًا ﴿۴۱﴾ يَوۡمَئِذٍ يَّوَدُّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ عَصَوُا الرَّسُوۡلَ لَوۡ تُسَوّٰى بِهِمُ الۡاَرۡضُ ؕ وَلَا يَكۡتُمُوۡنَ اللّٰهَ حَدِيۡثًا ﴿۴۲﴾ ع

وقف النبی عليه السلام — ع ۶

بيشڪ الله ڪنهن سان به ٿورڙو به ظلم نٿو ڪري. نيڪيءَ کي ڪيترا دفعا وڌيڪ وڌائي ٿو ۽ پاڻ وٽان وڏا اجر عطا ڪري ٿو. (40) ان ڏينهن ڪهڙي صورتحال هوندي جڏهن اسان هر امت مان هڪ گواهه آڻينداسون ۽ اي حبيب اسان توکي هنن سمورن تي گواهه ڪنداسون.(41) ان ڏينهن جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ جي نافرماني ڪئي، اهي خواهش ڪندا ته ڪاش انهن

کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري انهن تي زمين برابر ڪئي وڃي ۽ هو الله کان ڪا شيءِ لڪائي نہ سگهندا.(42)

الله ڪنهن سان بہ ذرو ڀر ظلم نٿو ڪري، ڪنهن جي بہ عمل جي بدلي ۾ نہ ڪمي ڪري ٿو ۽ نہ ان کي ان کان محروم رکي ٿو، پر رحمان رحيم رب تہ نيڪيءَ جي بدلي ۾ وڏو اجر عطا ڪري ٿو جيڪو ٻيڻو ٽيڻو، ڏهوڻو هجي ٿو. اي پيغمبر ﷺ قيامت واري ڏينهن هنن ماڻهن جو ڇا حال هوندو، جو هر امت مان هڪ شاهد سڏيو ويندو، يعني هر امت جو پيغمبر پنهنجي امت جي اعمال جي شاهدي ڏيندو تہ هنن دنيا ۾ ڪهڙا چڱا ۽ ڪهڙا برا ڪم ڪيا آهن ۽ توکي بہ هنن ماڻهن مٿان شاهد بنائينداسون. (البقره 143/2، النحل: 89/16، الحج: 78/22) اهڙي طرح "جِئۡنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيۡدًا" مان مراد آهي تہ نبي ڪريم ﷺ انهن نبين مٿان شاهدي ڏيندا تہ هنن پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي امت جا گناهہ بہ هوندا تہ سندس ڪهڙي امتيءَ فرمانبرداري ۽ اطاعت ڪئي ۽ ڪهڙي امتيءَ نافرماني ۽ انڪار ڪيو.

علامه قرطبي رحمة الله عليه پنهنجي تفسير ۾ حضرت سعيد بن المسيّب رحمة الله عليه جو قول نقل ڪيو آهي تہ حضور ﷺ جن جي آڏو هر صبح و شام سندس امت پيش ڪئي ويندي آهي. پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي هر امتيءَ جي چهري ۽ سندس اعمال کان واقف رهن ٿا. انهيءَ علم ڪامل جي ڪري پاڻ قيامت جي ڏينهن گواهہ هوندا. (ضياءُ القرآن) شاهہ عبدالعزيز رحمة الله عليه تفسير فتح العزيز ۾ لکي ٿو تہ اوهان جو رسول ﷺ اوهان تي گواهي ڏيندو، ڇو تہ هو نبوت جي نور سان پنهنجي دين جي هر مجيندڙ کي سڃاڻي ٿو تہ ان جو دين ۾ ڪهڙو رتبو آهي. ايمان جي ڪهڙي حقيقت آهي ۽ اهو ڪهڙو پردو آهي، جنهن جي ڪري هن جي ترقي رڪيل آهي. هو اوهان جي گناهن کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ ايمان کي بہ ڄاڻي ٿو. اوهان جي نيڪ ۽ بد اعمال کان آگاهہ آهي ۽ اخلاص ۽ تعلق کي بہ ڄاڻي ٿو. (ضياءُ القرآن) جڏهن انبياء شاهد هوندا تہ پوءِ ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگهندو. (معاذالله) قيامت جي ڏينهن ائين ٿيندو تہ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ الله جي رسول جي حڪمن جي انحرافي ڪئي تہ اهي نافرمان ماڻهو حسرت ۽ ندامت ۾ چوندا تہ هنن کي زمين ڳيهي وڃي ۽ هو تهس نهس ٿي وڃن. تہ جيئن هن دردناڪ عذاب کان بچي سگهن، ڇو تہ هو الله کان ڪا بہ

شيءِ لڪائي ڪو نہ سگھندا. پر هر شيءِ هن جي اڳيان چٽي ۽ ظاهر هوندي. ”وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ“، ”وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ“ (حم السجده: 46/41، الدهر: 31/76، الغاشيه: 24/88)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا ۭ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَاۗءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَاۗىِٕطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَاۗءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَاۗءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿۴۳﴾

مؤمنؤ! جڏهن اوهان نشي جي حالت ۾ هجو تہ نماز جي ويجهو بہ نہ وڃو جيستائين جيڪي اوهان چئو تا ان کي سمجهندا هجو ۽ جنابت (ناپاڪي) جي حالت ۾ بہ نماز جي ويجهو نہ وڃو. جيستائين اوهان غسل ڪيو. ها اگر توکي اهڙي (جنابت) جي حالت ۾ مسجد مان گذرڻو پوي تہ (بحالت ضرورت) گذري سگهو ٿا. يا جيڪڏهن اوهان بيمار آهيو (پاڻي استعمال ڪرڻ سان وڌيڪ تڪليف جو خطرو آهي) يا سفر ۾ هجو يا پائخانو ڪري آيا آهيو يا پنهنجي زال سان صحبت ڪئي آهي ۽ انهن حالتن ۾ پاڻي نہ آهي تہ اوهان پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو ۽ پنهنجي چهري ۽ منهن جن هٿن کي مسح (مک) ڪريو. بيشڪ الله جي هيءَ رعايت ان لاءِ آهي تہ الله معاف ڪرڻ وارو ۽ بخش ڪرڻ وارو آهي. (43)

هن ڪان اڳ حقوق الله، حقوق العباد جي صحيح ادائگي جو ذڪر هو ۽ انسان جي ذهن جي تطهير ضروري هئي، تڏهن هو پورا حق ادا ڪندو. بخل نہ ڪندو، انفاق في سبيل الله ڪندو، ان ذهن ۽ قلب جي تطهير جو بهترين ذريعو نماز آهي ۽ نماز ۾ خشوع خضوع و نيزاري پيدا ڪرڻ لاءِ ذهن صاف هئڻ گهرجي، ان ڪري مؤمنن کي ارشاد آهي تہ اي مؤمنؤ! جيڪڏهن اوهان نشي جي حالت ۾ آهيو تہ پوءِ نماز جي ويجهو بہ نہ وڃو

يعني ڪنهن به صورت ۾ نماز جو ارادو به نه ڪريو، ڇو ته نماز الله آڏو خشوع ۽ خضوع سان پيش ٿيڻ جو نالو آهي. ان ڪري نماز لاءِ ضروري آهي ته اوهان کي چڱي طرح معلوم ٿئي ته اوهان جيڪي ڪجهه زبان سان چئي رهيا آهيو، سمجهو ته اهو درست چئي رهيا آهيو. حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته حضور اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیه وسلم جن فرمايو: ”اِذَا نَعَسَ اَحَدُكُمْ وَهُوَ يُصَلِّيْ فَلْيَرْقُدْ حَتّٰى يَذْهَبَ عَنْهُ النَّوْمُ“ (صحيح بخاري) جڏهن نماز پڙهندي اوهان تي ننڊ جو غلبو آهي ته نماز ڇڏي ڏيو ۽ سمهي پئو. ننڊ کان پوءِ جڏهن هوش حواس نيڪ ٿي وڃن ته پوءِ نماز ادا ڪريو. هت لفظ ”تَقُوْلُوْنَ“ آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ڪيس ايترو پتو هجي ته هو ڇا پڙهي (چئي) رهيو آهي. هتي ”تَفَقَّهُوْا“ يا ”تَفْهَمُوْا“ مراد ناهي. بهتر آهي ته آيات جي معنيٰ ۽ مفهوم به سمجهندو هجي، پر جيڪڏهن معنيٰ نٿو سمجهي ته ڪم از ڪم ڪيس اها پوري خبر هجي ته ڇا چئي رهيو آهي. (تفهيم القرآن)
اهڙي طرح جنابت (ناپاڪي) جي حالت ۾ آهيو. جنهن ۾ غسل ڪرڻ فرض آهي غسل ڪري پاڪ نه ٿيو ته نماز ادا نه ڪريو. ها مگر رستي تان گذرندي الا عابري سبيل ۾ ڪجهه جي چواڻي صلوات مان مراد مسجد آهي ۽ جنابت جي حالت ۾ ضرورت وقت مسجد ۾ ويهي نٿو سگهي، پر گذري وڃڻ جي اجازت آهي. ڪن بزرگن جو چوڻ آهي ته هت الا عابري سبيل مان مراد سفر ڪندڙ واٽهڙو ماڻهو مراد آهي، جيڪو جنابت ۾ غسل ڪري نٿو سگهي ته تيمم ڪري نماز ادا ڪري يا اوهان بيمار آهيو يا سفر ۾ آهيو يا ڪو پائخانو ڪري آيو آهي يا اوهان مان ڪنهن (زال سان) صحبت (مجامعت) ڪئي آهي ۽ هن کي وضو ڪرڻ جي ضرورت آهي يا غسل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪيس پاڻي نٿو ملي ته انهن ٻنهي حالتن ۾ پاڪ زمين کان ڪم وٺو، جنهن ۾ نيت ڪري ٻئي هٿ زمين تي هڻي پنهنجي چهري ۽ هٿن جي مسح (مک) ڪريو. انهن سمورين مجبوري جي حالتن ۾ جتي پاڻي ميسر ناهي يا پاڻي استعمال نٿو ڪري سگهي ته تيمم ڪري پاڪ ٿي نماز ادا ڪريو، الله اهڙين حالتن ۾ درگذر ڪرڻ وارو ۽ آساني پيدا ڪرڻ وارو ۽ بخشش ڪرڻ وارو مهربان رب آهي.

شراب جي ممانعت جو پهريون حڪم سورة البقره آيت 219 ۾، ٻيو حڪم هن سورة النساء جي آيت 43 ۾ ۽ آخري حرمت وارو حڪم سورة المائده جي آيت 90 ۾ آيو آهي

تہ شراب ۽ هر نشي واري شيءِ حرام آهي ۽ تيمم جو ذڪر المائده 5/ 56 ۾ آيو آهي. تيمم جي نيت ڪرڻ ۽ منهن ۽ هٿن ٻانهن کي پاڪ مٽيءَ سان مسح ڪرڻ فرض آهي. ڪي فقهاء چون ٿا تہ منهن لاءِ الڳ، هٿن ٻانهن لاءِ الڳ هٿ مٽيءَ تي هڻي (نونڻيون شامل ناهن). ڪن جو خيال آهي تہ هڪ دفعو بہ ڪافي آهي. احتياط ٻن ۾ آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يَشْتَرُوْنَ الضَّلٰلَةَ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ تَضِلُّوا السَّبِيْلَ ﴿٤٤﴾ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاَعْدَآئِكُمْ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ۙ وَّكَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيْرًا ﴿٤٥﴾ مِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا وَاسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ وَّرَاعِنَا لَيًّا بِاَلْسِنَتِهِمْ وَطَعْنًا فِى الدِّيْنِ ؕ وَلَوْ اَنَّهُمْ قَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا وَاسْمَعْ وَانْظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَقْوَمَ ۙ وَلٰكِنْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٤٦﴾

انهن ماڻهن جي حالت قابل غور آهي، جن کي آسماني ڪتاب مان هڪ حصو ڏنو ويو هو. هنن جون سموريون ڪاوشون گمراهي خريد ڪرڻ ۾ صرف آهن ۽ خواهش رکن ٿا تہ اوهان بہ سڌي رستي کان ڀٽڪي وڃو(44) الله اوهان جي دشمنن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو، اوهان هنن کان نہ ڊڄو. اوهان لاءِ الله جي سرپرستي ۽ نصرت ڪافي آهي. (45) انهن يهودين ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي توريت جا جملا پنهنجي اصلي مطلب کان ڦيرائين ٿا ۽ ردو بدل ڪن ٿا ۽ گفتگو ۾ ذو معنيٰ الفاظ استعمال ڪن ٿا ۽ چون ٿا اسان ٻڌو ۽ نٿا مڃون هو (سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا جي بدلي) سَمِعۡنَا وَعَصَيۡنَا چون ٿا. ۽ (چون ٿا) اسان جي گذارش ٻڌ توڙي تنهن جي ڳالهہ نہ ٻڌي ويندي ۽ رَاعِنَا جي جڳهہ زبان مروڙي رَاعِيۡنَا چون ٿا. پر جيڪڏهن هن گندي حرڪت بجاءِ هو چون ها تہ اسان غور سان

ٻڌو ۽ ان جي اطاعت ڪيون ٿا ۽ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ اسان جي ڳالهہ ٻڌ ۽ اسان تي نظر ڪرم ڪر چون ها تہ هنن لاءِ بهتر هو. ليڪن الله هنن جي انڪار سبب هنن تي لعنت ڪئي. سو ٿورڙن ماڻهن کان سواءِ ايمان نٿا آڻين.(46)

نماز جي اهميت بيان ڪرڻ ۽ الله جي بارگاهہ ۾ خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪرڻ ۽ هر حالت ۾ پابنديءَ سان نماز ادا ڪرڻ، جنهن ۾ انسان الله جي قربت حاصل ڪري ٿو، جهڙي عمل کان پوءِ سلسلہ بيان اهل ڪتاب طرف تي رهيو آهي ۽ مؤمنن کي ٻڌايو ويو آهي تہ جهڙي طرح الله تعالىٰ اوهان جي فلاح ۽ بهبود لاءِ شريعت جا احڪام نازل ڪيا آهن، اهڙي طرح اهل ڪتاب يهود ۽ نصارىٰ تي بہ خداوند ڪريم هدايت جا دروازا کولي ڇڏيا هيا. پر انهن هدايت بدران گمراهي اختيار ڪئي، جنهن ڪري ذليل و خوار ٿي ويا. (النساء 46/4) اوهان مؤمنن کي انهن واقعن مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. انهن ماڻهن جي حالت قابل غور آهي، جن کي خدا جي حڪمن مان انهن جي ڪتاب ۾ ڪجهہ حصو ڏنو ويو هو، تہ هو ان مان نصيحت حاصل ڪري اصلاح ڪن، پر هنن ان جي خلاف ورزي ڪئي ۽ گمراهہ ٿي ويا. اهو ساڳيو فلاح بهبود وارو اصلاحي نظام جيڪو هينئر تڪميل جي صورت ۾ قرآن مجيد ۾ موجود آهي. هنن جون سموريون ڪوششون ۽ ڪاوشون هدايت بدران گمراهي خريد ڪرڻ (اختيار ڪرڻ) ۾ لڳل آهن. هنن جي اها خواهش آهي تہ اوهان بہ هنن وانگر صراط مستقيم (سڌي رستي) تان ٿڪي وڃو. الله توهان جي هنن سمورن دشمنن کان پوري طرح آگاهہ آهي. اوهان هنن جي انهن سازشن کان نہ ڊڄو. الله اوهان جو بهترين دوست سرپرست ۽ مددگار اوهان لاءِ ڪافي آهي.

اي پيغمبر خدا خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ هنن يهودين (جي علماء) ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن، جن جي اها عادت ٿي وئي آهي تہ هو لفظن جي اصل معنىٰ ۾ پنهنجي مطلب جي هير ڦير آڻين ٿا. (المائده: 41/5) ۽ جڏهن توسان ملن ٿا تہ انهيءَ ارادي سان تہ دين حق خلاف غلط الفاظ ۽ جملا استعمال ڪري زبان مروڙي لفظن کي بدلائي ۽ بگاڙي پيش ڪن، يعني سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا(ٻڌو سون ۽ قبول ڪيوسيون) بدران سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا (ٻڌوسون ۽ نڪرائي ڇڏيوسون) چون ٿا. اهڙي طرح رَاعِنَا (اسان تي نظر ڪرم ڪر) بدران رَاعِيْنَا (اي اسان جا

ڏنار) چون ٿا. يا اِسۡمَعۡ غَيۡرَ مُسۡمَعٍ (تون اسان جي ڳالهہ ٻڌ تنهنجي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي ويندي) ۽ دين متين بابت طعني ۽ طنز سان حقارت ڀري گفتگو ڪن ٿا. (البقره: 104/2) هي سراپا شرارت ۽ دشمني جا پيڪر آهن، جيڪي سچي دين کي نقصان پهچائڻ ۾ سرگردان آهن، جيڪڏهن هنن جي نيت صاف هجي ها ۽ ارادا نيڪ هجن ها تہ پوءِ هو سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا (اسان ٻڌو ۽ ان تي عمل ڪيو) يا اِسۡمَعۡ وَانۡظُرۡنَا (اسان جي گذارش ٻڌو ۽ رحم جي نظر سان نوازيو) چون ها تہ هنن جي دنيا ۽ آخرت لاءِ بهتر ۽ سڌو رستو هجي ها، پر هنن جي هن انڪار ۽ سرڪشي سبب الله جي ڦٽڪار جا حقدار ٿي ويا آهن. هنن جي وڏي اڪثريت گمراهيءَ جو شڪار آهي ۽ توهان ڏسندو تہ هنن مان ٿورڙا ايمان جي نعمت کان بهره ور ٿيندا. جن ماڻهن جي ذهنيت ايتري قدر خراب ٿي وڃي اهي دين اسلام جي اعلىٰ تعليم کي ڪٿي قبول ڪري سگهندا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ اٰمِنُوۡا بِمَا نَزَّلۡنَا مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ
اَنۡ نَّطۡمِسَ وُجُوۡهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰٓى اَدۡبَارِهَاۤ اَوۡ نَلۡعَنَهُمۡ كَمَا لَعَنَّاۤ اَصۡحٰبَ
السَّبۡتِ ؕ وَكَانَ اَمۡرُ اللّٰهِ مَفۡعُوۡلًا ﴿۴۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَيَغۡفِرُ
مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَرٰۤى اِثۡمًا عَظِيۡمًا ﴿۴۸﴾

اي اهل ڪتاب (يهود و نصارىٰ) جن کي (الله پاران) ڪتاب ڏنو ويو آهي، اوهان ان تي ايمان آڻيو، جو ڪجهہ اسان نازل ڪيو آهي، جيڪو ان جي تصديق ڪري ٿو جيڪو اوهان وٽ آهي. ان کان اڳ ۾ جو اسان اوهان جا چهرا ميٽايون ۽ ان کي پٺي طرف ڦيرايون يا انهن تي اهڙي طرح لعنت ڪريون، جهڙي طرح ڇنڇر جي ڏينهن جي نافرماني ڪرڻ وارن تي ڪئي آهي. ياد رکو هيءَ سڪٽي تنبيه نہ آهي پر سخت چتاءُ (Warning) آهي. الله جا احڪام ناڪام نٿا ٿي سگهن، ضرور پورا ٿي نتيجا آڻيندا. (47) بيشڪ الله اهو هرگز پسند نٿو ڪري تہ ان

سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان ڪان گهٽ (گناهہ) پنهنجي قانوني حيثيت ۾ جنهن کي گهري بخش ڪري جنهن بہ الله سان شرڪ ڪيو ان زبردست گناهہ جو ناهہ ناهيو.(48)

يهود ۽ نصاريٰ کي خطاب آهي تہ اي اهل ڪتاب جيڪو ڪتاب (قرآن مجيد) اسان هن آخري پيغمبر خاتم النبيين ﷺ تي تڪميل دين جو آخري صحيفو ڪري نازل ڪيو آهي، جيڪو اوهان جي ڪتابن توريت، انجيل جي الله طرفان موڪليل هدايت نامي طور تصديق ڪري ٿو، اوهان ان ڪتاب (قرآن حڪيم) تي دل و جان سان ايمان آڻيو. (البقره: 2/ 137، النساء: 64/4) ۽ ان جي انڪار ۽ مخالفت ڪان باز اچو، ان ڪري هن ڪان اڳ ايمان آڻيو جو اسان اوهان جا چهرا مسخ ڪري پنيءَ طرف ڪري ڇڏيون، يعني اوهان جي حالت ذلت ۽ خواري واري ڪري ڇڏيون. "اَنۡ نَّطۡمِسَ وُجُوۡهًا" ۾ ڪنهن جو نالو نشان مٽائي ڇڏڻ کي "طَمَسَ" چوندا آهن. چهري جو حليو بگاڙڻ ۽ نقش نگار خراب ڪرڻ کي "طَمۡسُ الۡوَجۡهِ" چوندا آهن. اها هن لفظ جي لغوي معنىٰ آهي. امام بيضاوي ۽ قرطبي ان جو اصطلاحي مفهوم "صلاحيتن جو ختم ٿي وڃڻ" ڪيو آهي. هتي بہ يهودين ۽ ڪافرن دين اسلام جي واضح نشانين ۽ آيتن جي موجودگيءَ ۾ انڪار جي رٽ لڳائي رکي هئي، انهن کي چتاءُ (Warning) ڏني وڃي ٿي تہ پنهنجي هٺ ۽ ضد تان باز اچو، ورنہ اوهان جون اکيون حق ۽ سچ کي ڏسي تہ رهيون هونديون، پر حق جي سڃاڻپ ڪان محروم هونديون. ڪن بہ ٻڌي رهيا هوندا، پر حق پروڙڻ جي صلاحيت نہ هوندي. بلڪل اهڙي طرح جيئن سبت (ڇنڇر) جي ڏينهن زيادتي ۽ انحرافي ڪندڙن تي اسان جي ڦٽڪار ۽ لعنت پئي. (البقره: 65/2) ان ڪري سڌري وڃو ڇو تہ الله جو مقرر ڪيل قانون ضرور پورو ٿي رهندو. الله کي هرگز پسند ناهي تہ ان سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي. (النساء:4/ 116) شرڪ واري گناهہ لاءِ بخشش جا دروازا بند آهن. باقي شرڪ ڪان سواءِ ٻيا گناهہ الله جنهن کي گهري تہ بخش ڪري ڇڏيندو. شرڪ جي بخشش ناهي. "اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ" (لقمان: 13/31) شرڪ ظلمِ عظيم آهي، جنهن ۾ الله عزّوجلّ حاڪمِ اعلىٰ ۽ مختار ڪُل جي نفي ۽ انڪار آهي. خدا سان همسري ڪرڻ ۽ ان جي سلطنت ۾ ڪنهن ٻئي کي شريڪ سمجهڻ

الله تعاليٰ جي اقتدار اعليٰ سان بغاوت آهي. بغاوت لاءِ معافي ناهي، پر سخت سزا آهي. جهڙيءَ طرح رياست جي آئين ۽ دستور سان بغاوت ڪري ٿو، ته ان باغيءَ لاءِ سخت کان سخت سزا آهي. يهود ۽ نصارن پنهنجن علماءَ (احبار ۽ رهبان) کي خدا جو درجو ڏنو آهي. (التوبه: 31/9) پاڻ کي الله جي محبوب قوم سڏيو آهي. (آل عمران: 3/24-23) هي هرگز بخش نه ڪيو ويندو، باقي ان کان سواءِ ٻين گناهن کي الله گهري ته معاف ڪري ڇڏيندو ڇو ته جيڪو به ماڻهو الله سان ڪنهن کي شريڪ ناهي ٿو ۽ شرڪ ڪري ٿو ته اهو وڏو هٺ ٺوڪيو ڪوڙ آهي، جنهن جي سزا به دردناڪ عذاب آهي. جنهن ۾ مشرڪ هميشه سڙندو رهندو.

اَلَمۡ تَرَ اِلَی الَّذِیۡنَ یُزَکُّوۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ ؕ بَلِ اللّٰهُ یُزَکِّیۡ مَنۡ یَّشَآءُ وَ لَا یُظۡلَمُوۡنَ فَتِیۡلًا ﴿۴۹﴾ اُنۡظُرۡ کَیۡفَ یَفۡتَرُوۡنَ عَلَی اللّٰهِ الۡکَذِبَ ؕ وَ کَفٰی بِهٖۤ اِثۡمًا مُّبِیۡنًا ﴿۵۰﴾ ع ۸

ذرا هنن جي حالت تي غور ڪريو، جيڪي پاڻ کي پاڪ صاف سمجهن ٿا (يا پائين ٿا ته سندن نشونما ٿي رهي آهي) ۽ روحاني ترقي ڪري رهيا آهن. (ائين ناهي) پر الله جنهن کي گهري قانون مشيت موجب پاڪ صاف ڪري ٿو ۽ انهن تي هڪ ڌاڳي جي برابر ظلم نٿو ڪيو وڃي. (49) پاڪيزگي ته خدا وٽ آهي. ڏس هو الله تي کهڙو ڪوڙو بهتان مڙهي رهيا آهن ۽ هنن جي عذاب لاءِ هي کليو گناهه ڪافي آهي. (50)

اي الله جا سچا پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ! ڪڏهن تون هنن جي حالت تي غور ڪيو آهي. ڏنو اٿئي جيڪي پاڻ کي پاڪباز ۽ پارسا سمجهي رهيا آهن. نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ (المائده 18/5) اسان ته الله جي پٽ وانگر آهيون ۽ هن جا منظور نظر ۽ لاڏلا آهيون. باقي انسان حيوان جي حيثيت رکن ٿا. اسان هر گرفت کان آجا آهيون. لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ (آل عمران: (75/3) اوهان سان جيڪو سلوڪ ڪريون ان جو اسان کان ڪو به پڇاڻو

نہ ٿيندو يا ڪو بہ محاسبو ۽ پڪڙ ڌڪڙ نہ ڪئي ويندي. تون هنن ڪي ٻڌاءِ تہ الله ئي جنهن کي گهري ٿو براين کان پاڪ صاف ڪري ٿو. هڪ هڪ کان پورو پورو حساب ورتو ويندو. جنهن ۾ هنن سان ذرو بہ ظلم ۽ زيادتي نہ ڪئي ويندي. هي پنهنجي غلط بيانيءَ ۾ ايترو تہ اڳتي وڌي ويا آهن جو هنن الله لاءِ ڪوڙ جو رستو اختيار ڪيو آهي. هنن جي ڏوهي بنائڻ لاءِ سندن نفساني خواهش ۽ هي ڪلم ڪلا گناهہ ئي ڪافي آهي. (الجاثيه: 23/45)

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ
وَيَقُوْلُوْنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰٓؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۱﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۭ وَمَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۲﴾
اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿۵۳﴾

تو انهن (حق جي دعويدار) ماڻهن جي حالت زار تي غور ڪيو آهي، جن کي خدا جي ڪتاب مان لاڀ تہ مليو آهي، پر اهي جبت ۽ طاغوت (بت ۽ شيطان يا ڪميڻي ۽ بدبخت اڳواڻ) تي عقيدو رکن ٿا ۽ ڪافرن لاءِ چون ٿا تہ اهي مؤمنن کان وڌيڪ سڌي رستي تي آهن(51) هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ جن تي الله لعنت ڪري تہ پوءِ انهن جو ڪو مدد ڪرڻ وارو نہ آهي. (52) ڇا الله جي بادشاهي مان انهن جو بہ ڪو حصو پتي آهي؟ (خدانخواستہ) ائين هجي بہ ها تہ پوءِ هي ماڻهن کي ڪک برابر بہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هجن ها.(53)

اي نبي خَاتَمَ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! تون هنن يهودين جو حال نٿو ڏسين. جن کي الله جي ڪتاب مان هدايت ۽ رهبري لاءِ حصو ڏنو بہ ويو آهي، پر ان جي بجاءِ هو بتن ۽ باطل قوتن جا پوئلڳ ٿي ويا آهن، جبت ڪميڻي حرڪت يا خسيس شيءِ ۽ طاغوت اهي شيطان جيڪي اها ڪميڻي حرڪت ڪن ٿا. ۽ هن انڌي اعتقاد ۽ اسلام دشمنيءَ سبب بت پرست ڪافرن

كي ايماندار مسلمانن كان بهتر سمجهن ٿا. حديث شريف ۾ آهي: "اَلْعِيَافَةُ وَالطُّرُقُ وَالطَّيْرُ مِنَ الْجِبْتِ" جانورن جي آواز مان يا نشان قدم مان فال وٺڻ "جبت" آهي. حالانڪ هي يهودي بت پرستي جا مخالف رهيا آهن، پر اسلام ۽ مسلمان دشمني ۾ بت پرست ڪافرن كي سنو سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ مسلمانن كان هي گهڻو ڀلا ۽ سڌي رستي تي آهن. جڏهن ڪنهن جماعت ۾ ضد هٺ ۽ هوڏ اچي وڃي تہ اها پنهنجي عقيدي ۽ اصولن جي خلاف وڃڻ ۾ ڪو بہ حرج ڪو نہ سمجهندي آهي. مديني جي يهودين جو اهو حال هيو، يقين ڪريو تہ هي اهي ماڻهوئي آهن جن تي خدا جي لعنت جي وسڪار آهي. ياد رکو تہ جيڪي الله جي ڦٽڪار ۽ لعنت جي زير عتاب هجن تہ ممڪن ئي ناهي جو ڪو شخص انهن جي مدد لاءِ اچي. هو بي يارو مددگار عذاب ڀوڳيندا. اهو گمراهہ ٽولو نيڪ بخت مسلمانن جي دشمني ۾ ايترو تہ مست ٿي ويو آهي، جو جيڪڏهن هن كي بادشاهت ملي وڃي ۽ ملڪ جي هر شيءِ هن جي قبضي ۾ هجي تہ هو پاڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن كي بہ رتي برابر ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن. "نَقِيْرٌ" ڪارڪ جي ڪکڙيءَ تي ننڍڙي نشان کي چوندا آهن. يعني حقير ترين شيءِ.

اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَاۤ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ
الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿۵۴﴾ فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَمِنْهُمْ
مَّنْ صَدَّ عَنْهُ ؕ وَكَفٰى بِجَهَنَّمَ سَعِيْرًا ﴿۵۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ
نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا
الْعَذَابَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۵۶﴾

ڇا هي يهود ماڻهن (مسلمانن) سان الله جي انهي فضل ۽ ڪرم تي حسد ڪري رهيا آهن، جيڪو الله هنن (مسلمانن ۽ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ) تي ڪيو آهي. اگر ائين آهي تہ ڀوءِ غور سان ٻڌن تہ اسان اولاد ابراهيم (اسماعيلي شاخ) كي پنهنجي شريعت (ڪتاب) ۽ حڪمت عطا ڪئي آهي ۽ انهن كي هڪ عظيم مملڪت عنايت ڪئي آهي (54) (مگر افسوس جو هنن ان جو قدر نہ ڪيو) هنن

۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي هن (ڪتاب) تي ايمان رکن ٿا ۽ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي منهن موڙي ويا آهن. اهڙن (منڪر) ماڻهن لاءِ دوزخ جي پڙڪا ڏيندڙ باهہ ڪافي آهي. (55) جن ماڻهن اسان جي آيتن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو، انهن کي عنقريب اسان باهہ ۾ اڇليندا سون. انهن جي کل جڏهن پچي ويندي تہ اسان ان جاءِ تي ٻي کل پيدا ڪندا سون تہ جيئن هو پوري طرح عذاب جو مزو چکن. بيشڪ الله هر شيءِ تي غالب آهي، جنهن کي ڪير روڪي نٿو سگهي ۽ هن جو هر ڪم حڪمت سان لبريز آهي.(56)

اهي يهودي مسلمانن سان انهيءَ ڪري سخت حسد ڪن ٿا جو الله تعالىٰ مسلمانن کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان نوازيو آهي. هنن ۾ سندن رسول خاتم النبيين ﷺ تي هدايت ۽ رهبري جو ڪتاب (قرآن ڪريم) نازل ڪيو آهي، جنهن جي ڪري هنن مسلمانن جي زندگيءَ ۾ خوشگوار بهار موجزن آهي. خدا جون اهي نعمتون هن جي حڪمت ۽ قانون جي اطاعت جو لازمي نتيجو آهن. هي سنت الله آهن، هن کان اڳ اهل ڪتاب جي اسلاف جي جد امجد حضرت ابراهيم عليه السلام کي بہ ڪتاب وحڪمت عطا ٿيا ۽ کيس ملڪ عظيم جي امامت عطا ٿي. "مُلکِ عظيم" مان مراد دنيا جي امامت، رهنمائي ۽ اقوام عالم تي اقتدار ڏنو. انهيءَ ابراهيم عليه السلام جي فرزند حضرت اسماعيل عليه السلام جي پشت مان ايندڙ نبي عليه السلام ۽ ان جي امت ان جي پيروي ڪئي آهي تہ ٻئي طرف وري انهي ابراهيم عليه السلام جي ٻئي فرزند حضرت اسحاق عليه السلام جي نسل ۾ هلندڙ سلسلي کي ختم ڪيو آهي. اهو ان ڪري ٿيو، جو اوهان تي جيڪو ڪتاب نازل ٿيو، اوهان ان جي خلاف ورزي ڪئي. پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ان ۾ تحريف ڪئي، ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام جي اولاد مان ٻيءَ شاخ بني اسماعيل کي نوع انسان جي هدايت لاءِ آخري ڪتاب "القرآن" ڏنو ويو آهي تہ هاڻي ان تي عمل پيرا ٿيو. جيڪو اسلام جي دين جي تڪميل ۽ الله جي طرفان سندس وحي الاهي جي ذريعي ايندڙ نعمتن جو اتمام (مڪمل هجڻ) تي چڪو آهي ۽ الله تعالىٰ اسلام کي ئي اوهان لاءِ دين مبين کي پسند ڪرڻ فرمايو آهي. (المائده: 3/5)

ياد رکو تہ جيڪي ماڻهو بہ الله جي قانون يعني دين اسلام جي خلاف ورزي ڪندا

تہ اهي تباهہ و برباد ٿي ويندا ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم جي باهہ آهي، جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي. اهي ماڻهو زندگيءَ جي خوشگوار لمحن کان محروم آهن. ان ڪري حسد جي باهہ ۾ سڙي رهيا آهن. باهہ جي تپش ڪري جڏهن هنن جي بدن جي کل سڙي ويندي تہ وري ڪين ٻي کل ڏني ويندي تہ جيئن هو دائمي عذاب جو مزو چکيندا رهن. اهو سڀ ڪجهہ اللّٰه جي قدرت ۽ طاقت ۾ آهي، جيڪو هر شيءِ تي غالب ۽ جنهن جو هر ڪم حڪمت ۽ دانائي وارو آهي.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ز وَّنُدْخِلُهُمْ
ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿۵۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰٓى اَهْلِهَا ۙ وَاِذَا
حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًاۢ بَصِيْرًا ﴿۵۸﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا
الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ
وَالرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ
اَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿۵۹﴾ ع ٨/٩ ٥

۽ جن ماڻهن (آيت الاهي تي) ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن کي عنقريب اسان اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسون جن جي هيٺان (دامن ۾) نهرون جاري هونديون ۽ اهي انهن (باغن) ۾ هميشه هميشه رهندا. انهن لاءِ اتي پاڪيزه رفيق حيات (زالون) هونديون. انهن کي اسان گهاٽي ڇانو ۾ رکنداسون (57) (مؤمنؤ! اللّٰه اوهان کي عظيم مملڪت عطا ڪرڻ وارو آهي) ان ڪري اللّٰه اوهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ امانتون حقدارن حوالي ڪيو (ڪنهن جو حق نہ مارجو) ۽ جڏهن ماڻهن درميان فيصلو ڪريو تہ انصاف سان ڪريو. اللّٰه جنهن

جي اوهان کي نصيحت ڪري ٿو نهايت سٺي ڳالهه آهي. بيشڪ الله هر شيءِ ٻڌي رهيو آهي ۽ هر شيءِ تي ان جي نظر آهي.(58) مسلمانو (الله جيڪا حڪومت عطا ڪئي آهي ان ۾) الله جي اطاعت ڪريو. ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪريو ۽ انهن جي جن کي اوهان جا معاملا سپرد ٿيا آهن، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ اوهان ۾ اختلاف راءِ ٿي پوي ته (فيصلي لاءِ) ان کي الله ۽ ان جي رسول ﷺ طرف رجوع ڪريو، جيڪڏهن واقعي اوهان الله ۽ قيامت ڏينهن تي ايمان آڻيو ٿا اهو ئي بهترين طريقو آهي ۽ جنهن جو نتيجو به سٺو هوندو. (59)

متي ذڪر ڪيل نافرمان ڪافر گروهه جي ابتڙ اهي نيڪ بخت انسان آهن، جيڪي ايمان جي دولت سان مالا مال تي نيڪي وارا ڪم ڪرڻ وارا آهن ته اسان انهن کي اهڙن خوشگوار پرمسرت باغن ۾ داخل ڪنداسون جن جي دامن ۾ هميشه نهرون وهي رهيون هونديون، جنهن جي ڪري اهي باغ سر سبز شاداب ۽ سدا بهار جي صورت ۾ هوندا، جن ۾ اهي خوشبخت انسان هميشه سڪونت پذير هوندا. هنن سان گڏهنن جا رفيق حيات پارسا ۽ پاڪدامن جوڙا گڏ هوندا. اسان هنن کي پنهنجي رحمت جي مدامي رهڻ واري ڇانءِ (سايه) ۾ سڪونت ڏينداسون. اها خوشگوار زندگيءَ خدا جي رحمت ۽ عطا سان سندن نيڪ عملن جو ثمر هوندي. ياد رکو ته انسانن جي اجتماعي زندگي جي فلاح و بهبود ۽ رياستي نظام جي قيام ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي ته اهي نازڪ ۽ اهم ذميواريون اهڙن لائق ماڻهن جي حوالي ڪجن جيڪي ان جي عهده برآور جا اهل ۽ لائق هجن. ان ڪري نااهل ۽ ناتجربيڪار ماڻهن کي بااختيار بنائڻ کان اجتناب ڪيو. نااهل هن قومي امانت جو صحيح استعمال نه ڪندا، جنهن ڪري پورو نظام ناڪام ٿي ويندو. تنهن ڪري اوهان کي هدايت ڪجي ٿي ته مسلمانؤ! الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي دل و جان سان اطاعت ڪريو. الله تعالىٰ ۽ رسول الله ﷺ جي اطاعت لازم ۽ غيرمشروط آهي. هر حال ۾ اطاعت ڪرڻي آهي. ”مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَمَا نَهٰىكُمْ

عَنۡهُ فَانۡتَهُوۡا ۚ" (الحشر: 7/59) رسول الله ﷺ جو حڪم بنا ڪنهن چون و چرا جي حجت ۽ دليل آهي. (آل عمران: 3/ 32-31، النساء: 4/65-64) پر حڪمران جو حڪم مڃڻ مشروط آهي. "لَا طَاعَةَ لِمَخۡلُوۡقٍ فِيۡ مَعۡصِيَةِ الۡخَالِقِ" حڪمران يا فيصلي ڪندڙ جو حڪم يا فيصلو جيڪڏهن الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي حڪمن مطابق نہ آهي تہ قبول نہ ڪبو. "مَنۡ عَمَلَ عَمَلًا لَيۡسَ عَلَيۡهِ اَمۡرُنَا فَهُوَ رَدٌّ" (صحيح مسلم) اهو عمل، جيڪو اسان جي حڪم موجب ناهي تہ اهو رد آهي. ساڳئي مفهوم جي ٻي حديث آهي: "مَنۡ اَحۡدَثَ فِيۡ اَمۡرِنَا هٰذَا فَهُوَ رَدٌّ"

خلافِ پیمبر کسے رہ گزید

کہ ہرگز بمنزل نخواہد رسید (سعدی)

۽ انهن جي حڪمن کي پنهنجي زندگيءَ جو شعار بڻائي ڇڏيو ۽ پنهنجي حڪمران جي حڪمن ۽ قانون جي پيروي ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ اختلاف راءِ ٿي پوي تہ پوءِ اوهان الله ۽ ان جي رسول ﷺ طرف رجوع ڪريو. يعني خدا جي موڪليل قانون (قرآن) ۽ نبي ڪريم جي پاران سنت رسول ﷺ جي روشني ۾ فيصلو تسليم ڪريو. (الشورىٰ 10/42، النساء: 65/4)

مؤمنن کي حڪم آهي تہ اهي الله ۽ رسول الله ﷺ جي دل و جان سان اطاعت ڪن. "اُولِي الۡاَمۡرِ" (حڪمران) جي حڪمن جي تعميل ۾ الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي اطاعت سان مشروط آهي. "لَا طَاعَةَ لِمَخۡلُوۡقٍ فِيۡ مَعۡصِيَةِ الۡخَالِقِ" خالق جي نافرمانيءَ ۾ ڪنهن مخلوق جي اطاعت نہ آهي. خدا جي اطاعت بہ تڏهن ٿيندي، جڏهن رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪبي. حديث شريف آهي: "مَنۡ اَطَاعَنِيۡ فَقَدۡ اَطَاعَ اللهَ وَمَنۡ عَصَانِيۡ فَقَدۡ عَصَا اللهَ" جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، تہ ان خدا جي اطاعت ڪئي. جنهن منهنجي نافرماني ڪئي تہ ان خدا جي نافرماني ڪئي. "لَا طَاعَةَ فِيۡ مَعۡصِيَةٍ اِنَّمَا الطَّاعَةُ فِي الۡمَعۡرُوۡفِ" (بخاري) الله ۽ رسول ﷺ جي نافرمانيءَ ۾ ڪا اطاعت نہ آهي. اطاعت صرف معروف ۾ آهي. قرآن اسلامي آئين جو بنياد بہ آهي تہ وعظ و نصيحت ۽ تعليم و تلقين جو حڪمت سان لبريز صحيفو بہ آهي.

جيڪڏهن اوهان الله جي قانون ۽ حڪمن جا ۽ آخرت واري ڏينهن جزا سزا تي دل جي سچاين سان ايمان رکڻ وارا آهيو. اوهان جي لاءِ اهو ئي صحيح طريقو آهي، جنهن ۾ اوهان جي بهتري آهي. سٺي انجام جي نويد آهي. هن آيت ڪريمہ ۾ امت جي نظام کي صحيح ۽ سڌي راهہ تي هلائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي. حقدار کي ان جو حق ڏيو. اهل ۽ لائق کي ان جي صلاحيت موجب ذميداري ڏيو. ڪنهن بہ معاملي ۾ خيانت نہ ڪريو. عدل ۽ انصاف سان ماڻهن جا معاملا حل ڪريو، ڪنهن طرف بہ ذاتي خواهش جي ڪري جهڪاءُ نہ ڪريو، ڪاش ڪہ مسلمان الله جي هن حڪم جا پابند ٿي پون تہ پوءِ منجهن مذهبي، سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ انتظامي سمورا معاملا درست ٿي ويندا ۽ سندن زندگيءَ خوشگوار ۽ شاداب رهندي. (النساءِ: 4/ 135، المائده: 2/5، الانعام: 152/6، النحل: 40/16، الشوريٰ: 15/42)

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ يَزْعُمُونَ أَنَّهُمْ آمَنُوا بِمَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ وَمَا أُنْزِلَ
مِنْ قَبْلِكَ يُرِيدُونَ أَنْ يَتَحَاكَمُوا إِلَى الطَّاغُوتِ وَقَدْ أُمِرُوا أَنْ
يَكْفُرُوا بِهِ ط وَيُرِيدُ الشَّيْطَانُ أَنْ يُضِلَّهُمْ ضَلَالًا بَعِيدًا ﴿٦٠﴾ وَإِذَا قِيلَ
لَهُمْ تَعَالَوْا إِلَىٰ مَا أَنْزَلَ اللَّهُ وَإِلَى الرَّسُولِ رَأَيْتَ الْمُنَافِقِينَ يَصُدُّونَ
عَنْكَ صُدُودًا ﴿٦١﴾ فَكَيْفَ إِذَا أَصَابَتْهُمْ مُصِيبَةٌ بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيهِمْ
ثُمَّ جَاءُوكَ يَحْلِفُونَ ۖ بِاللَّهِ إِنْ أَرَدْنَا إِلَّا إِحْسَانًا وَتَوْفِيقًا ﴿٦٢﴾

ڇا تو انهن منافقن کي نہ ڏٺو آهي جيڪي (زبان سان) دعويٰ ڪن ٿا تہ هو ان (ڪتاب يعني قرآن) تي ايمان آڻين ٿا جو اوهان طرف نازل ڪيو ويو آهي ۽ انهن (آسماني ڪتابن) تي بہ جيڪي توهان کان اڳ ۾ نازل ڪيا ويا آهن (مگر هن جي باوجود) هو گهرن ٿا تہ پنهنجا مقدما (فيصلي لاءِ) شيطان صفت حڪمرانن ڏانهن وٺي وڃن. حالانڪہ کين حڪم ڏنو ويو آهي تہ اُنهن

(شيطاني فيصلن حڪمن) جو چٽو چٽو انڪار ڪن. شيطان تہ اهو ئي گھري ٿو تہ هو ڪين دور دراز گھراهين طرف ڀٽڪائيندو رهي(60) ۽ جڏهن هنن کي چيو وڃي ٿو تہ الله جي نازل ڪيل (قرآن) ڏانهن ۽ رسول (خاتم النبيين ﷺ) طرف رجوع ڪريو تہ تون ڏسندين تہ منافق تو ڏانهن رجوع ڪرڻ کان ڀڄندا رهندا (61) پوءِ ان وقت سندن ڪهڙو حال هوندو جڏهن هو پنهنجن ڪارنامن جي ڪري ڪا مصيبت ۾ ايندا تہ هو الله جو قسم کڻي تنهنجي حضور پيش ٿي ويندا ۽ چوندا تہ اسان تہ ڀلائي ۽ بهتريءَ جو ارادو ڪيو هو(62)

گذريل آيت ۾ الله تعاليٰ ۽ رسول الله خاتم النبيين ﷺ جي غيرمشروط اطاعت ۽ اميرالمؤمنين جي مشروط پيرويءَ جا احڪام هيا، جن کي مؤمنن دل ۽ جان سان قبول ڪيو، پر منافقن جو اهو حال هيو، جو هو دين اسلام جي دعويٰ ڪندا هيا، پر سندن اهو قول رڳو زباني هيو، دلين ۾ اهوئي ڪفر ڀريل هيو. هت هنن جي ضلالت ۽ گمراهيءَ ۾ چيو وڃي ٿو تہ اي نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ! ڇا تو انهن ماڻهن (منافقن) جي حالت زار تي غور ڪيو آهي، جيڪي ظاهري طرح اها دعويٰ ڪن ٿا تہ جيڪو ڪجهہ تو تي رب پاران نازل ٿيو آهي، ان تي بہ هو ايمان رکن ٿا ۽ جيڪو تو کان اڳ نبين ۽ رسولن تي نازل ٿيو هو، ان تي بہ ايمان آڻين ٿا. ليڪن علي الاعلان اهڙي دعويٰ ڪرڻ باوجود عملي طور تي اهي پنهنجا فيصلا طاغوت يعني گمراہ ۽ شرير ماڻهن وٽ ڪرائين ٿا. "طاغوت" مان مراد اهڙا حاڪم آهن، جيڪي قانون الٰهي بدران ٻئي ڪنهن قانون سان فيصلا ڪن. حالانڪہ هنن کي واضح هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو اهڙن باطل ۽ گمراهہ عقيدن ۾ انهن جا انڪاري ٿين. بس رڳو الله ۽ ان جي رسول مقبول خاتم النبيين ﷺ جي پيروي اختيار ڪن، پر هنن جي اندر جو شيطان گھري ٿو تہ هنن کي سڌي رستي کان هٽائي گمراهيءَ جي کاهي ۾ ڀري پهچائي ڇڏي. اي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ! جڏهن هنن منافقن کي چئجي ٿو تہ اوهان پنهنجن معاملن ۽ فيصلن جي لاءِ ان قانون ڏانهن رجوع ڪريو، جو الله طرفان نازل ڪيو ويو آهي ۽ ان رسول خاتم النبيين ﷺ ڏي اچو جنهن جي پيروي ۽ اطاعت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي (البقره: 137/2، النساء: 4/ 65-61-59-47) تہ تون هنن کي ڏسندين تہ هو تو ڏانهن

اچڻ کان رڪجي ويندا ۽ نہ ايندا. (المائده: 5/47-45-44) پوءِ جيڪڏهن هنن جي بد اعمالن سبب انهن تي ڪا مصيبت اچي وئي تہ ان وقت انهن جو ڪهڙو حال هوندو، پوءِ تو وٽ پڄندا ايندا ۽ الله جي نانءُ جا قسم ڪٽي چوندا تہ اسان کي تنهنجي فيصلي کان ڪو بہ انڪار ناهي. اسان ٻين وٽ فيصلو ڪرائڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪيو، ان مان اسان جي مراد هئي تہ ڪنهن جي ڀلائي ٿئي ۽ ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ۽ تعلق برقرار رهي. باقي اوهان جي حڪم مڃڻ لاءِ هر وقت حاضر آهيون. رڳو معاملا سلجهائڻ ۽ دلجوئي ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جي ارادي جي خيال سان ڪيو، باقي ڪا بدنيتي نہ هئي. هنن جي ان منافقت کان الله تعالىٰ پوريءَ طرح واقفڪار آهي، جنهن جو ذڪر ايندڙ آيتن ۾ اچي ٿو.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ يَعْلَمُ اللَّهُ مَا فِي قُلُوبِهِمْ فَأَعْرِضْ عَنْهُمْ وَعِظْهُمْ وَقُلْ لَهُمْ فِي أَنْفُسِهِمْ قَوْلًا بَلِيغًا ﴿٦٣﴾ وَمَا أَرْسَلْنَا مِنْ رَسُولٍ إِلَّا لِيُطَاعَ بِإِذْنِ اللَّهِ ۚ وَلَوْ أَنَّهُمْ إِذْ ظَلَمُوا أَنْفُسَهُمْ جَاءُوكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللَّهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُولُ لَوَجَدُوا اللَّهَ تَوَّابًا رَحِيمًا ﴿٦٤﴾ فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُونَ حَتَّىٰ يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوا فِي أَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوا تَسْلِيمًا ﴿٦٥﴾

هي اهي (منافق ۽ فسادي) ماڻهو آهن، جن جي اندر (دل) جي هر ڳالهہ کان الله پوري طرح واقفڪار آهي. پوءِ تون هنن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪر ۽ انهن کي نصيحت ڪندو رهہ ۽ انهن سان گفتگو اهڙي انداز سان ڪر جيڪا هنن جي دل جي گهراين ۾ جاءِ گزين ٿي وڃي (63) ۽ هنن کي ٻڌايو تہ اسان جيڪو رسول خاتم النبيين ﷺ موڪليو آهي ان لاءِ موڪليو آهي تہ الله جي اذن سان ان جي اطاعت ڪئي وڃي، پر جڏهن هو حضور خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت کي ڇڏي پاڻ

تي وڏو ظلم ڪري وينا ته ان وقت هو اوهان جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي الله
ڪان معافي جا طلبگار ٿين ها ۽ رسول الله ﷺ به انهن لاءِ بخشش جي
دعا ڪري ها ته هو (ان سفارش ۽ وسيلي) ضرور الله جل شانه کي توبه قبول
ڪندڙ ۽ هميشه هميشه لاءِ مهربان ٿيندڙ ڏسن ها. (64) پر (اي پيغمبر
ﷺ) تنهنجي پروردگار جو قسم! هي ماڻهو ڪڏهن به مؤمن ٿي نٿا
سگهن، جيستائين پنهنجن جهگڙن جا فيصلا توڪان نه ڪرائن ۽ پوءِ تون
جيڪو به فيصلو ڪرين ان کي دل جي خوشيءَ سان قبول ڪن ۽ ڪا به تنگي
محسوس نه ڪن ۽ دل و جان سان سر تسليم خم ڪن. (65)

الله پوري طرح ڄاڻي ٿو ته هنن جي دلين ۾ ڇا لڪل آهي ۽ سندن زبان تي ڇا ظاهر آهي. هي بلڪل ڪوڙا آهن. (المنافقون: 1/63) تون هنن کان ڪنارا ڪشي ڪر ۽ سندن اصلاح لاءِ ڪين پند و نصيحت جو سلسلو جاري رک ۽ انهن کي اهڙي دلپذير نصيحت ڪر، جيڪا هنن جي دل ۾ اثر ڪري وڃي ۽ تي سگهي ٿو هو دين حق جي سچائي قبول ڪري وٺن. اصل دين اهو آهي جيڪو داخلي انقلاب پيدا ڪري ۽ دل ۽ زبان هڪ آواز هجن.

اي پيغمبرِ حق ﷺ! الله پاران جيڪو هنن کي تنهنجي اطاعت ۽ پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهو ڪو نئون طريقو نه آهي. پر هنن کان اڳ جيترا نبي ۽ رسول ڪرام آيا آهن ۽ جن کي نبوت ۽ رسالت جو منصب ڏنو ويو آهي ته ماڻهن کي خدا جي فرمان موجب انهن جي اطاعت ڪرڻ جو حڪم به ڏنو ويو آهي. پر جيڪڏهن هنن ماڻهن تنهنجي حڪم کي ڏکيو سمجهي ان جي نافرماني ڪري پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو اٿن. (النساءِ: 4/ 65، الاحزاب: 36/33، النور: 24/63-62-51،) ۽ اهڙي وقت رسول ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي رسول جي معرفت خدا کان پنهنجي غلطيءَ جي معافي گهرن ٿا ۽ الله جو رسول ﷺ به انهن جي حق ۾ دعا گهرندو ته ڪين معلوم ٿي ويندو ته الله معافي ڏيڻ وارو ۽ هر حال ۾ پنهنجي رحمت جي ڪرم سان نوازڻ وارو آهي. حضور اڪرم ﷺ جي اها رحمت ۽ برڪت ظاهري زندگيءَ تائين محدود نه هئي، پر اها

شفقت تا ابد قائم آهي، جنهن جو اهل دل ۽ اهل نظر هر گهڙي مشاهدو ڪندا رهن ٿا. حضرت علي ڪرم الله وجهه کان روايت آهي ته هڪ اعرابي پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال کان ٽي ڏينهن پوءِ آيو ۽ مزار اقدس تي نهايت غم ۽ رنج سبب والهانه ڪري پيو. خاڪ مٿي تي ملڻ لڳو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته اي الله جا رسول عليڪ الصلواة والسلام! توهان جيڪي فرمايو، اسان ٻڌو. جيڪو سيکاريو، اسان سکيو ۽ هيءَ آيت "وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا" (النساء: 64/4) پڙهي چوڻ لڳو ته اي سراپا شفقت ۽ رحمت! منهنجي لاءِ مغفرت لاءِ دعا فرمايو. "فَنُوْدِيَ مِنَ الْقَبْرِ اَنَّهٗ قَدْ غُفِرَ لَكَ" مرقد پرانور مان آواز آيو ته توکي بخشيو ويو آهي.

وحده لا شريڪ له جن اتوسين ايمان
مڃيو محمد ڪارڻي قلب ساڻ لسان
او فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اوليا (شاهه)

وحده لا شريڪ له اهو هيڪڙائي حق
ٻيائي ڪي ٻڪ جن وڌو سي ورسيا (شاهه)

يقين ڪريو ته الله انهيءَ ڳالهه جو گواهه آهي ته هي ماڻهو تيستائين مؤمن ٿي نٿا سگهن، جيستائين هو پنهنجن معاملن ۽ فيصلن ۾ توکي پنهنجو حاڪم نٿا بڻائين. نه رڳو ايترو پر تون جيڪو فيصلو ڪرين، هنن جي دل ۾ ذرا پر به ڪنڪو يا حرج محسوس نه ٿئي ۽ انهن کي دل و جان سان تسليم ڪن. (المائده: 48/5، الاعراف: 3/7، النور: 24/ 63-62-51-24، الاحزاب: 60/33 کان 62). "وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۝ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۝" (النجم) رسول الله ﷺ جن قرآن مطابق فيصلا ڪري ٿو، پنهنجي طرفان فيصلا نٿو ڪري. "قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ" (آل عمران: 31/3) جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪرڻ گهرو ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪريو ته ان جي بدلي الله اوهان سان محبت ڪندو. "لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" توهان مان ڪو به تيستائين مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين مون کي پنهنجي والدين ۽ اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان زياده پيار نٿو ڪري.

به مصطفٰی به رساں که دین همه اوست
گر با او نه رسیدی تمام بولهبیست

حضور خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي اطاعت ۽ قربت ئي حقيقي دين آهي. پر جيڪڏهن حضور خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جو قرب ۽ تعلق نصيب نہ ٿيو تہ پوءِ جو ڪجهہ بہ ڪرين اهو دين ناهي، پر ابولهب جو طريقو آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي غيرمشروط اطاعت ۽ اتباع ڪي وري نهايت واضح، زوردار ۽ پراثر تصديق ۾ چيو وڃي ٿو تہ مان رب جليل قسم کڻي گواهي ڏيان ٿو تہ هرگز هرگز ماڻهو تيستائين ايماندار ٿي نٿا سگهن، جيستائين هو تنهنجي حڪمن جي اطاعت نٿا ڪن. هت "وَرَبِّكَ" (تنهنجي رب جو قسم) ڪان اڳ بہ "فَلَا" آهي، جنهن ۾ هن بيان جي بي انتها اهميت بابت بيان آهي. هن آيت جو بہ پوئين حڪم سان تعلق آهي، يعني هي فرمان بہ سندن ظاهري حيات تائين محدود ناهي، پر قيامت تائين آهي ۽ هر شخص لاءِ آهي. اهو عقيدو ايمان جو بنياد ۽ اساس آهي، جيڪو حضور خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي حڪم ڪان منهن موڙي ٿو. الله تعاليٰ زوردار قسم کڻي چوي ٿو تہ اهو شخص مؤمن ناهي.

وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اَوِ اخْرُجُوْا مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ
اِلَّا قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ؕ وَلَوْ اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ
وَاَشَدَّ تَثْبِيْتًا ۙ ٦٦ وَّاِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ۙ ٦٧ وَّلَهَدَيْنٰهُمْ
صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ٦٨ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ
اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ
رَفِيْقًا ؕ ٦٩ ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ٧٠ ع ١١ ٦

(هي جيڪي ايمان جا دعويدار آهن) هنن جي حقيقت حال اها آهي تہ جيڪڏهن اسان هنن ڪي حڪم (فرض) ڪيون ها تہ اوهان پنهنجن ماڻهن (جيڪي ظالم آهن) ڪي قتل ڪيو يا ڪين پنهنجن گهرن ڪان ٻاهر ڪيو (جهڙي

طرح اسان موسىٰ عليه السلام جي ڏينهن ۾ ڪيو هو) انهن مان ٿورڙا ئي ان حڪم جي تعميل ڪن ها. هينئر جيڪا نصيحت هنن کي ڪئي وڃي ٿي، جيڪڏهن هو ان کي پورو ڪن ته اهو هنن لاءِ بهتر هجي ها ۽ دين تي ثابت قدمي سان رهن ها (66) هو ائين ڪن ها ته اسان کين اجر ڪثير عطا ڪريون ها ۽ کين صراط مستقيم تي هلڻ جي هدايت بخشون ها (67) جيڪو به الله (جل شانه) ۽ ان جي رسول (خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم) جي اطاعت ڪندو ته اهو انهن ماڻهن سان گڏ هوندو، جن تي الله انعام ڪيا آهن، يعني انبياء، صديق، شهداءَ، صالح (انسان) آهن ۽ هي بهترين رفيق آهن.(69) اهو خاص فضل الله طرفان آهي ۽ الله جو علم ڪافي آهي(70)

”وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ“ جو ضمير منافقن ڏانهن آهي، جن جو ذڪر پوين آيتن ۾ هلندو اچي ٿو ته جڏهن انهن منافقن تي ٿورڙي آزمائش اچي ٿي ته هنن جي ايمان جو پتو پئجي ٿو وڃي ته ڪيترو ڪمزور ۽ ڪُرڙو گهرڙو آهي، پر جيڪڏهن هنن کي ڪنهن وڏي امتحان ۾ جان جوکو هجي ۽ اسين کين آزمايون ته ٿورڙن خوشنصيب ماڻهن کان سواءِ سڀ فيل ٿي ويندا، پوءِ جن ماڻهن جي ايمان جي اها حالت آهي، جو پنهنجي ٿورڙي ذاتي مفاد جي لالچ ۾ هو خدا جي فرض ڪيل حڪم تي پنهنجي معاملن ۽ فيصلن جو حاڪم رسول خدا خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم کي بڻائڻ جو حڪم ڏنو، پر ان هوندي به هو شرير ۽ سرڪش ماڻهن وٽ فيصلا ڪٽي ٿا وڃن. جيڪڏهن اهڙن بيائي وارن ماڻهن کي اسان حڪم ڏيون ته پنهنجي جان قربان ڪريو (البقره: 54/2) يعني دين خاطر جهاد ڪريو يا خدا جي نظام جي بقا لاءِ جان ڏيڻي پوي يا هجرت ڪرڻ جو حڪم ڏجي يا گهر بار ڇڏڻو پوي ته پوءِ هنن مان ڪي ٿورڙا هوندا جو اهڙن حڪمن جي تعميل ڪن. پر جيڪڏهن هو پنهنجي زندگيءَ کي خدا جي حڪمن جي اطاعت ۾ اختيار ڪن، جن جي رسول خدا خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم کين نصيحت ڪري رهيو آهي ته هي انهن جي لاءِ خيرو برڪت جو باعث ٿيندو ۽ هنن جي ارادن ۾ استقلال ۽ استحڪام اچي ويندو. فرمان نبوي خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم آهي: ”مَنْ عَمِلَ بِمَا عَلِمَ وَوَرَّثَهُ اللّٰهِ عِلْمًا مَالَمْ يَعْلَمْ“ جيڪو پنهنجي علم تي عمل ڪندو، ته الله تعالىٰ ان کي اهو علم عطا ڪندو، جنهن جي هن کي خبر به ناهي. جڏهن واقعي هي ائين ڪن ها ته پوءِ اسان جي

پاران مٿن خير ۽ برڪت، اجر ۽ ثواب جو وڏو انگ ملي ها. ۽ انهن کي ان صراط مستقيم تي هلڻ جي هدايت ڪريون ها، جيڪو رستو الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ وارو آهي. صحابه ڪرام جڏهن اها آيت ٻڌي تہ چوڻ لڳا: "لَوْ فَعَلَ رَبُّنَا لَفَعَلْنَا" جيڪڏهن اسان جو رب اسان کي اهڙو حڪم ڏي ها تہ اسان حڪم جي تعميل ڪنداسون. (آل عمران: 137/3) نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ اصحاب سڳورن جو اهو جواب ٻڌي فرمايو: "اَلْاِيْمَانُ اَثْبَتَ فِيْ قُلُوْبِ اَهْلِهٖ مِنَ الْجِبَالِ الرَّوَاسِيْ" مؤمنن جي دلين ۾ ايمان مستحڪم پهاڙن کان بہ وڌيڪ مضبوط آهي. ڪين انهن پلارن ماڻهن سان گڏ رکون ها جن تي خدا جون بيشمار نعمتون آهن، يعني نبين، صديقين، شهداءِ ۽ صالحن جي صحبت، جن جي رفاقت تمام پلي ۽ فائدي واري آهي. هي الله پاڪ جون خاص نوازشون ۽ نعمتون آهن، جيڪي هر هڪ کي حاصل ڪرڻ گهرجن. جن جي يقين دهاني الله جي پاران آهي، جيڪو هر شيءِ جو علم رکي ٿو ۽ ڪا بہ شيءِ هن جي علم کان ٻاهر نہ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾ وَاِنَّ
مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ
اَكُنْ مَّعَهُمْ شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾ وَلَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ
تَكُنْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾
فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۭ وَمَنْ
يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾

مؤمنؤ! پنهنجي بچاءَ جو اسلحو سنڀالي ساڻ رکو (دشمن جي حملي ۽ سندس سرڪشي ختم ڪرڻ لاءِ) نڪرو (جهاد لاءِ) جهڙي بہ صورتحال هجي الڳ الڳ دستن جي صورت ۾ يا پوري لشڪر سان (71) ۽ يقينًا توهان ۾ اهڙا بہ آهن (جيڪي آزمائش وقت) بلڪل سستي ڪندي جاڻي واڻي دير ڪندا آهن. پوءِ

جيڪڏهن جنگ ۾ اوهان کي ڪا تڪليف پهچي (ته شرڪت نه ڪندڙ چوي ٿو) ته بيشڪ الله مون تي احسان ڪيو جو مان هنن سان گڏ (جنگ جي ميدان ۾) نه هوس (72) ۽ توهان تي الله جو ڪو ئي فضل ٿي وڃي ته پوءِ اهي منافق افسوس ڪندي دل جلي سان چوندو ته گويا توهان جو ۽ هن جو ڪو هڪ ٻئي لاءِ پيار جو رشتو ئي نه هو. ڪاش مان به هنن سان گڏ هجان ها ته وڏي ڪاميابي ماڻيان ها(73) اهڙن منافق ماڻهن جي الله کي ضرورت ناهي، ان ڪري رڳو اهي ماڻهو ئي الله جي راهه ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرن جيڪي دنيا جي زندگي کي آخرت جي بدلي ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهن (اهڙن ماڻهن لاءِ خوشخبري آهي ته) جيڪو به الله جي راهه ۾ جنگ ڪندو پوءِ مارجي (شهيد ٿي) وڃي يا ڪاميابي حاصل ڪري ته ان کي اسان ضرور بهترين اجر عطا ڪنداسون(74)

هن ڪان اڳ مسلمانن کي الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي اطاعت جو حڪم ڏنو ويو هو. هاڻي جهاد جي تلقين ڪئي وڃي ٿي ته جيئن دين حق جي بلندي حاصل ٿئي. ياد رهي ته هنن آيتن جو نزول جنگ اُحد بعد ٿيو. جڏهن هر طرف کان قبيلا دشمنيءَ تي آماده ٿي رهيا هئا. هر طرف کان حملي جو خطرو موجود هيو. مُبلّغ حضرات کي قتل ڪيو پئي ويو. اهڙي آزمائش واري ڏکئي وقت ۾ مسلمانن جي جان نثاري، جان فشاني، همت ۽ جرئت جي ضرورت هئي ته جيئن اسلام جي هن تحريڪ کي ڪوسو واءُ نه لڳي. ان ڪري هنن آيتن ۾ ڪين هدايت ٿي رهي آهي ته اي مسلمانؤ! الله جي دين جي حفاظت ۽ دشمن جي اوچتي حملي لاءِ پنهنجي بچاءَ خاطر هميشه تيار رهو. جڏهن به ڪو اهڙو موقعو پيش اچي وڃي ته دشمن جي مقابلي لاءِ الڳ الڳ ٽولن ۾ يا سمورا گڏجي جهڙي صورتحال ان وقت هجي، جنگ لاءِ نڪري اچو. اوهان کي معلوم هجي ته اوهان مان ڪي اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪڏهن ڪين جنگ لاءِ چيو وڃي ته هو جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ بدران سست ٿي پويان پير ڪن ٿا. ان لڙائيءَ ۾ جيڪڏهن اوهان سان ڪو حادثو پيش اچي ته خوش ٿي نچن ٿا ته الله جو اسان تي ڪرم ٿيو جو اسان هنن (مجاهدن) سان جنگ ۾ شريڪ ڪو نه ٿياسون ۽

وڏي نقصان کان بچي وياسون. پر جيڪڏهن اوهان تي خدا جو فضل ٿئي ۽ اوهان کي جنگ ۾ ڪاميابي نصيب ٿئي ۽ دشمن هار کائي ميدان ڇڏي وڃي ته اوهان جي هن ڪاميابيءَ تي هنن کي رشڪ به اچي ٿو ۽ حسد ۽ ساڙ به ٿئي ٿو. ائين محسوس ٿو ٿئي ڄڻ هنن ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو پيار ۽ دوستي وارو رشتو ئي ڪو نه هيو. مسلمان جي ڪاميابي ۽ مال غنيمت تي عش عش تي حسرت پريا شوڪارا ڪين ٿا ۽ چون ٿا ڪاش اسان به هنن مجاهدن سان گڏ هجون ها ته اڄ اسان به مزا ڪيون ها. هي نه اوهان جي ڏک ۾ ڏکارا آهن، نه وري ڪاميابيءَ ۾ خوش آهن. سو جن مجاهدن دنيا جي زندگي الله جي رضا خاطر قربان ڪري آخرت جي زندگي ورتي آهي، انهن کي گهرجي ته هو الله جي دين لاءِ جهاد جاري رکن. ياد رکو ته جيڪو شخص الله جي خاطر جنگ ۾ حصو وٺي ٿو ۽ جهاد ڪري ٿو اهو قتل ٿي وڃي ته شهادت جو اعلىٰ درجو ملندو، پر جي ڪامياب ٿي وڃي ته غازي ٿي عزت ۽ وقار ماڻيندو، يعني ٻنهي صورتن ۾ هو خدا جي اجر عظيم جو حقدار هوندو.

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید

(مشتاق سچاروي)

برتر از اندیشۂ سود و زیاں ہے زندگی
ہے کبھی جاں اور کبھی تسلیمِ جاں ہے زندگی

هي اهڙن مؤمنن جو ڪم آهي، جيڪي الله جي خوشنودي ۽ آخرت جي ڪامل اعتقاد سان قربان ٿيڻ لاءِ راضي آهن. هي ازلي عاشقن جو ڪم آهي. ڪاهل ۽ سُست ان نعمت کان محروم آهن.

کشتگانِ خنجرِ تسلیم را
ہر زماں از غیب جانے دیگرست

خدا جي رضا تي سر ڏيڻ وارن کي الله طرفان هر گهڙي نئين زندگي ملي ٿي.

عاشق زهر پياڪ، وِهُه ڏسي وهسڻ گهڻو. (شاهه)

وَمَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ
وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ج
وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۙ ج وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ﴿۷۵﴾ ط اَلَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ج وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ
الطَّاغُوْتِ فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ج اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿۷۶﴾ ع ۱۰ ۶ ۷

مؤمنؤ! اوهان کي ڇا ٿيو آهي، جو توهان الله جي راهہ ۾ مجبور مردن عورتن ۽ ٻارڙن (جي آزادي لاءِ) جنگ نٿا ڪريو، جيڪي پڪاري رهيا آهن تہ اي الله اسان کي هن حالت مان ڪڍ، جنهن جا ماڻهو ظالم آهن ۽ اسان واسطي پنهنجي طرفان ڪو همدرد ۽ حامي پيدا ڪر ۽ ڪنهن کي پنهنجي طرفان اسان جو مددگار ڪري موڪل (75) مؤمن الله جي راهہ ۾ جنگ ڪندا آهن ۽ ڪافر شيطاني راهہ ۾ طاغوتي مقصدن لاءِ لڙائي لڙن ٿا (هي شيطان جا دوست آهن) سو توهان هنن شيطان جي دوستن (ساٿين) سان جهاد ڪريو ۽ بي خوف ٿي وڃو ڇو تہ شيطاني چال ڪمزور هوندي آهي (76)

مسلمانؤ! اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو اڃان تائين الله جي راهہ ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ نہ نڪتا آهيو، حالانڪ ڪيترا ڪمزور ۽ بيوس مرد عورتون ۽ ننڍا ٻارڙا آهن جي مڪي شهر ۾ ظلم ۽ سرڪش ڪافرن جا ظلم ۽ عذاب برداشت ڪري رهيا آهن ۽ نهايت عجز ۽ انڪساري سان خدا کي ٻاڏائي رهيا آهن تہ يا الله! هن شهر جي ظالم ۽ سرڪش ماڻهن اسان جي زندگي عذاب بنائي ڇڏي آهي ان ڪان اسان کي نجات ڏيار. پنهنجي طرفان اسان ڪمزور ماڻهن لاءِ ڪو ولي وارث ۽ مددگار پيدا ڪري اسان کي هن درد ناڪ عذاب ڪان نجات ڏيار. هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ الله طرفان مسلمان کي انهن لاءِ جنگ جي اجازت نہ ڏني وئي آهي تہ هر صلح پسند قومن تي ڪاهہ ڪري ملڪ فتح ڪن ۽ مال دولت

هٿ ڪن، پر جنگ جي اجازت بلڪ جنگ ڪرڻ جو حڪم انهيءَ ڪري ڏنو ويو آهي ته هو لاچار ۽ ڪمزور مسلمانن کي ڪافرن جي عذاب کان بچائڻ لاءِ ضرور بضرور جنگ ڪن ۽ اها جنگ الله جي راهه جي جنگ آهي. (الحج: 39/22) جنهن ۾ جان ڏيڻ به وڏيڪ سعادت آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی،
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا۔

***

شہادت ہے مقصود و مطلوب مؤمن
نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی (اقبال)

مؤمن جي جنگ هميشه في سبيل الله يعني الله جي راهه تي هوندي آهي، ڇو ته هو پنهنجي ذاتي خواهش يا مال دولت هٿ ڪرڻ لاءِ جهاد نه ڪندا آهن. هو حق ۽ سچ جي حمايت ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏيڻ کي به سعادت سمجهندا آهن، پرجيڪي ڪفر جي واٽ اختيار ڪن ٿا اهي طاغوت يعني گمراهي، ظلم ۽ زيادتي لاءِ جنگ جوٽيندا آهن. اوهان کي الله ايمان جي نور سان نوازيو آهي. ان ڪري اوهان خدائي نظام جي خلاف ڪم ڪندڙن سان جهاد ڪريو ۽ شيطان جي حمايتي ٽولي خلاف لڙو. ياد رکو اوهان کي الله جي حمايت حاصل آهي. شيطاني ٽولو ڪيترو به مضبوط نظر اچي، اوهان جي مقابلي ۾ سندن مڪر ۽ فريب وارا حربا لاحاصل ٿيندا ۽ سندس پير اکڙي ويندا ڇو ته سندن سارا منصوبا ڪوڙا ۽ ڪمزور آهن، جيڪي تدبيرون ۽ سازشون ظلم واستبداد لاءِ هونديون آهن، اهي آخر واريءَ جا ڪمزور قلعا ثابت ٿيندا آهن.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ قِيۡلَ لَهُمۡ كُفُّوۡۤا اَيۡدِيَكُمۡ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ‌ ۚ
فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيۡهِمُ الۡقِتَالُ اِذَا فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ يَخۡشَوۡنَ النَّاسَ كَخَشۡيَةِ اللّٰهِ
اَوۡ اَشَدَّ خَشۡيَةً‌ ۚ وَقَالُوۡا رَبَّنَا لِمَ كَتَبۡتَ عَلَيۡنَا الۡقِتَالَ‌ ۚ لَوۡلَاۤ اَخَّرۡتَنَاۤ
اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيۡبٍ‌ ؕ قُلۡ مَتَاعُ الدُّنۡيَا قَلِيۡلٌ‌ ۚ وَالۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى

وَ لَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿۷۷﴾ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ؕ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَا لِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿۷۸﴾

ڇا تو هنن جي حال تي غور ڪيو ڪين جڏهن چيو ويو تہ (اجان جنگ ڪرڻ يا قرباني ڏيڻ جو وقت نہ آيو آهي ان ڪري) پنهنجا هٿ روڪي رکو في الحال نماز جو اهتمام ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو (تہ هي ان وقت اهڙو تاثر ڏيندا هئا تہ هو جان قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهن) ۽ جڏهن مٿن جنگ فرض ڪئي وئي تہ هينئر سندن اها حالت آهي جو هنن مان هڪ ٽولو ماڻهن (دشمن) کان ائين ڊڄي ٿو جيئن ڪو الله کان ڊڄندو هجي يا ان کان بہ زياده ۽ چون ٿا تہ اسان جا پروردگار اسان تي هي لڙائي ڪرڻ ڇو فرض ڪيئي، اسان کي ٿوري مهلت ڇو نہ ڏنئي (اي حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ) تون هنن کي چؤ تہ دنيا جو مفاد معمولي شيءِ آهي ۽ (ان جي مقابلي ۾) آخرت خدا جي حڪمن جي نگهداشت رکندڙن لاءِ تمام سٺي نعمت آهي ۽ اتي اوهان جي ذرا پر بہ حق تلفي نہ ڪئي ويندي. (77) (موت کان ڊڄي جهاد نہ ڪرڻ وارو) موت تہ اوهان کي ڪٿي بہ هجو اهو هر حال ۾ اوهان جو پيڇو ڪندو. توڙي ڪٽي اوهان مضبوط بلند بالا قلعن ۾ هجو. (هي منافق جيڪي تنهنجي رسالت جو اقرار ڪرڻ وارا آهن، ڪين جڏهن) ڪا ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي تہ چون ٿا تہ اها (تنهنجي ڪري نہ آهي، پر) الله پاران آهي پر جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ پوءِ هي چون ٿا تہ اها برائي تنهنجي ڪري آهي، ڪين چؤ تہ هر شيءِ الله جي طرفان آهي، پوءِ هنن کي ڇا ٿي ويو آهي جو حقيقت سمجهڻ کان غافل آهن.(78)

هن آيت جا تي مفهوم آهن ۽ ٽئي پنهنجي جڳهه تي صحيح آهن. هڪ مفهوم هي آهي ته توهان هنن جي حالت تي ذرا غور ڪيو ته اسلام جي اچڻ کان اڳ هي ماڻهو ناحق قتل ۽ خونريزي جا دل داده هيا يعني مڪي زندگي دوران هنن کي چيو ويندو هو ته اوهان جنگ و جدل کان باز اچو، نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪريو. اوهان جي سعادت ۽ ڪاميابي جو اهو ئي رستو آهي. ان وقت اوهان کي غلط راهه روري کان روڪيو ويندو هو ۽ سعادت واري واٽ جي تلقين ڪئي ويندي. ان وقت ته اوهان خونريزي ۽ ناحق قتل جهڙي قبيح فعل کي به سٺو سمجهندا هيو، ۽ هر وقت جنگ جو تقاضو ڪندا هيو. پر هاڻي جڏهن اسلام پنهنجي دفاع لاءِ اوهان کي جهاد طور جنگ ڪرڻ جو چوي ٿو ته يڪايڪ اهي ساڳيا جنگجو جهاد في سبيل الله ۾ حصو وٺڻ ۾ ماڻهن کان ائين ڊڄن ٿا، جيئن ڪوئي الله کان ڊڄي رهيو هجي يا اجان به وڌيڪ ڊڄن ٿا ۽ چون ٿا خدايا! اسان تي جنگ چو فرض ڪئي وئي. اسان کي ڪجهه وقت مهلت چو نه ڏني وئي. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو هاڻي جنگ جو مال غنيمت سپاهين جي ملڪيت نه، پر رياست جي ملڪيت آهي ۽ رياست تقسيم ڪرڻ جي مجاز آهي. اي خدا جا سچا رسول ﷺ! هنن کي ٻڌائي ڇڏ ته جنهن دنيا جي محبت ۾ اوهان موت کان پڇڻ گهرو ٿا ته يقين ڪريو ته دنيا جو اهو سرمايو تمام ٿورڙي فائدي جو آهي، اصل سرمايو آخرت ۾ ڪم اچڻ وارا نيڪ عمل ۽ پرهيزگاري آهي. ان ڏينهن ڪنهن سان به ڪنهن قسم جي حق تلفي ڪا نه ٿيندي. اوهان قبل اسلام ته ظلم ۽ زيادتي واري جنگ ۾ ڪڏي پوندا هئا. ۽ هينئر الله جي راهه ۾ حق ۽ انصاف جي سربلندي لاءِ جنگ ڪرڻ کان ڪيٻايو ٿا ۽ موت کان ڊڄو ٿا ۽ چئو ٿا ته جنگ ڪرڻ معنىٰ موت جي منهن ۾ وڃڻ! سو موت ته هر حال ۾ اچڻ وارو آهي، ڀلي ڪٽي اوهان پاڻ کي مضبوط ڪوٽ قلعن ۾ لڪائي رکو. جڏهن موت هڪ حقيقت آهي ته پوءِ ذلت جي زندگي تي عزت جي موت کي ترجيح چونٽا ڏيو. طبعي موت هڪ بي اختيار عمل آهي، پر الله جي رضا لاءِ جان قربان ڪرڻ اختياري عمل آهي، جنهن ۾ موت موت ناهي، پر حياتِ جاودان آهي. (البقره: 154/2، آل عمران: 169/3، 170-185، الحج: 58/22)

هنن جي ڪوتاهه بيني انهيءَ حد تائين آهي، جو جيڪڏهن هنن کي ڪا ڪاميابي يا خوشي ملي ٿي ته چون ٿا ته هن ۾ رسول خدا ﷺ جو ڪو به عمل دخل ناهي. اهو

اسان کي خدا جي پاران آهي. پر جي سندن برن اعمالن سبب ڪا تڪليف يا رنج پهچي ته چون ٿا اهو اوهان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي ناقص منصوبن ۽ مشورن ڪري ٿيو آهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته انسانن جي هر عمل جا نتيجا الله پاران ملندا آهن. قانون مڪافات موجب چڱائيءَ جو چڱو ۽ برائيءَ جو برو نتيجو ملندو آهي. چڱائي ۽ برائي انساني عمل آهن ۽ ان جو نتيجو مڪافات عمل خدا پاران آهي، ان ڪري نتيجا الله طرفان ئي آهن. كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللهِ هر شيءِ الله طرفان آهي. خبرناهي ته هي بيوقوف ڇو نٿا سمجهن. هن آيت جو ٻيو مفهوم اهو آهي ته مڪي زندگيءَ ۾ ڪڏهن مسلمان ڪمزور هيا ۽ بي سروسامانيءَ جي حالت ۾ هيا ته ان وقت ڪافر مؤمنن تي ظلم ۽ زيادتيءَ جي پهاڙ ڪيرائي رهيا هئا ۽ اهي زيادتيون برداشت ڪرڻ کان وڌي ويون هيون، ان وقت پنهنجي دفاع ۾ لڙائيءَ کان روڪيو ويو هيو ۽ ڪين ايماني قوت حاصل ڪرڻ لاءِ نماز جي تاڪيد ڪئي وئي هئي، پر هاڻي مديني ۾ ڪين جنگ جو حڪم ڏجي ٿو ته هو دشمن کان ائين ڏڄن ٿا، جيئن خدا کان ڏڄجي. ٽيون مفهوم آهي ته جيستائين نماز ۽ زڪواة لاءِ چيو ويو ته ان ۾ رغبت رکندا هيا، پر جڏهن هاڻي جنگ جو حڪم آهي ته سندن بدن تي ڏڪڻي اچي وڃي ٿي. حضرت مولانا مودودي اهي ٽئي مفهوم بيان ڪيا آهن. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ڪجهه تفسيرن پهريون مفهوم لکيو آهي. احسن البيان ۾ ٻين مفسرن ٻيو نمبر مفهوم لکيو آهي.

مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ز وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ط
وَ اَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ط وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٧٩﴾ مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ
اَطَاعَ اللّٰهَ ج وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾ وَيَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ز
فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِىْ تَقُوْلُ ط وَاللّٰهُ
يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ج فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ط وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨١﴾

اصل حقيقت اها آهي تہ توکي جيڪا بہ چڱائي (خير) ملي ٿي اها الله جي عنايت سان آهي ۽ جيڪا بہ برائي (مصيبت) اچي ٿي اها تنهنجي نفس پاران آهي (هنن جي اصل بيماري اها آهي تہ هي تنهنجي رسالت بابت تردد ۾ آهن) اسان توکي ماڻهن جي (هدايت لاءِ) رسول ڪري موڪليو آهي، هن لاءِ الله جي گواهي ڪافي آهي(79) جيڪو بہ رسول جي اطاعت ڪري ٿو ان دراصل الله جي اطاعت ڪئي. پر جنهن روگرداني ڪئي تہ ان جي (گمراهي جي) توتي ڪا بہ ذميواري نہ آهي. اسان توکي هنن تي نگران ڪري نہ موڪليو آهي. (80) هو چون ٿا تہ سر تسليم خم آهي پر جڏهن توکان جدا ٿين ٿا تہ انهن مان هڪ ٽولو پنهنجي ان ڳالهہ جي بلڪل ابتڙ مشورا ڪري ٿو. الله هنن جون اهي ڪارگذاريون لکي رهيو آهي، جيڪي هو رات پر منصوبا جوڙين ٿا، سو تون هنن کان ڪنارڪشي ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ يقين ڪر تہ الله ڀروسي ڪندڙ لاءِ ڪافي ڪارساز آهي(81)

معلوم هئڻ گهرجي تہ هر اهو عمل جيڪو چڱو هوندو ۽ الله جي قانون مطابق هوندو تہ ان جو نتيجو بہ خوشگوار ۽ سٺو نڪرندو، پر جيڪو عمل برو هوندو ۽ خدا جي قانون جي خلاف هوندو تہ ان جو نتيجو بہ برو نڪرندو، گويا چڱائي خدا جي ٻڌايل قانون جي پيروي آهي ۽ برائي خدا جي قانون جي خلاف ورزي آهي. مصيبتون ۽ مشڪلاتون اوهان جي پنهنجي هٿن جي ڪمائي آهي. (الشوریٰ: 30/42) هن ڪان اڳ بہ ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا (الاعراف: 131/7) باقي هي رسول محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم اسان جو نوع انسان لاءِ موڪليل پيغمبر آهي. (البقره: 119) جيڪو اسان جي وحي جي مطابق ڪم ڪري ٿو. (الانعام: 107/6) ۽ عالمگير انسانيت جي ڀلائي جو ڏسي ٿو. هن جي انهيءَ ڪارڪردگيءَ جو شاهد پاڻ الله آهي تہ هو پنهنجي فرض جي ادائگي يعني انسانن تائين الله جي پيغام کي پهچائڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نٿو ڪري ۽ هو انهن بدڪردارن جي بدعملن

جي برن نتيجن جو ذميوار نہ آهي. هنن جي بڪواس تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ناهي. فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا پنهنجي الله تي ڀروسو ڪر جيڪو تنهنجي مدد ۽ ڪاميابي لاءِ ڪافي آهي.

ياد رکو جيڪو الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪري ٿو تہ هو درحقيقت الله جي اطاعت ڪري ٿو. مَنْ اَطَاعَنِيْ فَقَدْ اَطَاعَ اللهَ وَمَنْ عَصَانِيْ فَقَدْ عَصَا اللهَ وَمَنْ اَطَاعَ اَمِيْرِيْ فَقَدْ اَطَاعَنِيْ وَمَنْ عَصَا اَمِيْرِيْ فَقَدْ عَصَانِيْ (صحيح بخاري) پر رسول اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي هدايت باوجود ڪنهن روگرداني ڪئي تہ ان جو هو پاڻ ذميدار آهي. (الشورىٰ: 42/ 53-52) اي رسول خدا خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ! اسان توکي هنن جي مٿان نگهبان ڪري نہ رکيو آهي، (الشورىٰ: 48/42) جو هنن جي اعمال جو توکي ذميوار بڻائجي. هي منافق ماڻهو تنهنجي اڳو تہ تنهنجي ڳالهہ مڃن ۽ قبول ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ اوهان جو هر حڪم اسان جي اکين تي، پر جڏهن هو توکان اٿي ٻاهر وڃن ٿا تہ انهن مان ڪجهہ ماڻهو رات جي ڪچهرين ۾ ان جي خلاف مشورا ڪندا آهن. اهي جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا، اهو الله کان ڳجهو ناهي. الله هنن جي انهي رات وارين ڳجهين ڳالهين کي ڄاڻي ٿو ۽ ان کي لکي ٿو. جڏهن هنن ماڻهن جو تنهنجي دعوت خلاف منفي رويو آهي تہ توکي گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي. هنن کان پلي پاسو ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ تنهنجي ڪاميابي لاءِ الله ئي ڪارساز آهي. ”اَلَيْسَ اللهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ“ ۽ ”وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى“ (النجم: 39/54)

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ؕ وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا
كَثِيْرًا ۝۸۲ وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ؕ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى
الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى اُولِي الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ؕ وَلَوْلَا
فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝۸۳

پوءِ ڇا هي ماڻهو قرآن ۾ غور و فڪر نٿا ڪن، جيڪڏهن هي (قرآن) الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي پاران هجي ها تہ هن ۾ هو تمام گهڻو اختلاف ڏسن

**ها. (82) (اي مؤمنؤ! هي اوهان جا خير خواهہ نہ آهن چو تہ) جڏهن هنن کي کنهن امن يا خوف واري خبر معلوم ٿئي ٿي تہ هو ان کي (عوام الناس ۾) پکيڙي ڇڏين ٿا. پر جيڪڏهن هي الله جي رسول (خاتم النبيين ﷺ) ۽ انهن ماڻهن آڏو پيش ڪن ها جيڪي معاملن جا ذميدار آهن تہ جيئن اهي انهن مان نتيجو ڪڍي سگهن ۽ ان خبر جي اصل حقيقت جو پتو لڳائي سگهن. جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها تہ ڪجهہ ٿورڙن ماڻهن کي ڇڏي باقي شيطان جي پيروي ڪن ها. (83)**

---

هي منافق ماڻهو جيڪي ڏينهن جو دين اسلام جو اقرار ڪن ٿا ۽ ظاهري طور نمازون بہ جماعت سان پڙهن ٿا پر وري رات جو دين اسلام ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ خلاف مشورا ۽ سازشون ڪن ٿا. جڏهن تہ هنن جي هدايت لاءِ نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي حيات مبارڪ ۽ قرآن مجيد موجود آهن. چا هي ماڻهو قرآن جي تعليمات تي غور و فڪر نٿا ڪن. منافقن ۽ ضعيف ايمان وارن کي قرآن تي الله طرفان نازل هئڻ تي شڪ هيو، جنهن جي ڪري قرآن ۾ تسلي ڏني وئي تہ هي الله جو ڪلام آهي. هن ۾ ڪو شڪ ناهي. (البقره: 20/2) ۽ خدا طرفان ڏنل عقل کان بہ ڪم نٽا وٺن، حالانڪہ قرآن تدبر ۽ تفڪر جو درس ڏئي ٿو ۽ انڌن، گونگن، ٻوڙن وانگر قرآن پڙهڻ کان روڪي ٿو. (الفرقان: 73/25) جيڪڏهن هي قرآن الله جي طرف کان نہ هجي ها ۽ ڪنهن ٻئي طرفان آيو هجي ها تہ پوءِ هن جي ڪيترن ئي ڳالهين ۾ اختلاف هجي ها. (النساء: 82/4) حالانڪہ قرآن حڪم اول کان آخر تائين مڪمل طور هڪجهڙو آهي. غور ۽ فڪر ڪرڻ واري تي هيءَ حقيقت عيان ٿي پوي ٿي، پر هنن جو اهو حال آهي، جو جيڪڏهن امن جي سني خبر يا خوف جي خراب خبر پهچي ٿي تہ ان کي جلدي جلدي ماڻهن ۾ پکيڙڻ گهرن ٿا، جيڪو مناسب ناهي. خوف ۽ خطري جي خبر پکيڙي ماڻهن ۾ بي چيني ۽ بيزاري پيدا ڪن ٿا. هنن کي گهرجي تہ هر اهڙي خبر جي وضاحت لاءِ الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ ڏانهن رجوع ڪن ها ۽ صاحب اختيار ماڻهن وٽ پيش ڪن ها تہ اهي ان خبر جي صحيح حقيقت معلوم ڪري سگهن ها. بنا تحقيق جي افواهن کي پکيڙڻ ۽ غلط خبرون هلائڻ کان سختيءَ سان منع ڪيو ويو آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪوڙي هئڻ لاءِ بس اهو ثبوت ڪافي آهي تہ هو
بڌل ڳالهہ کي پکيڙي. اوهان جي هنن ڪمزورين باوجود جيڪڏهن توهان تي الله جو خاص
فضل ۽ ڪرم نہ هجي ها تہ اوهان مان ٿورڙن کان سواءِ وڏي اڪثريت شيطان جي پيرويءَ
۾ لڳي وڃي ها. هتان معلوم ٿيو تہ مسلمانن کي پوري تحقيق ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن خبر
کي پکيڙڻ يا ان تي عمل ڪرڻ نہ گهرجي. (الانعام: 19/6، يونس: 10/ 57-37، هود: 11/ 13،
بني اسرائيل: 17/ 89، 41، 9، الڪهف: 54/18، طٰهٰ: 20/ 113، الفرقان: 25/ 30، الروم: 30/ 58،
الزمر: 27/39، حٰم السجده: 44/41، الحجرات: 6/49، الطور: 52/ 34-33)

فَقَاتِلْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ وَحَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ
اَنْ يَّكُفَّ بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَاللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّاَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٤﴾ مَنْ يَّشْفَعْ
شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ
كِفْلٌ مِّنْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾ وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا
بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ
حَدِيْثًا ﴿٨٧﴾ ع

النصف
ع ۱۱ ۸

سو (اي پيغمبر خدا خاتم النبيين ﷺ ! هنن کي ڇڏي ڏي) الله جي راهہ ۾ جهاد ڪر
توتي ڪنهن ٻئي جي ذميداري نہ آهي ۽ اهل ايمان ۾ جنگ جو جذبو پيدا ڪر،
عجب ناهي تہ الله انهن منڪر ماڻهن جو جنگي زور ختم ڪري ڇڏي. الله وڏي
زور وارو آهي ۽ (ڪافرن کي) عبرتناڪ سزا ڏيڻ وارو آهي (84) جيڪو شخص
ٻہ نيڪ ڪم (سني ڳالهہ) جي حق ۾ هٿ وندائيندو تہ ان کي ان جي جزا (ثواب
مان ۽ سٺن نتيجن مان) حصو ملندو، ۽ جيڪڏهن ڪو برائي جو ساٿ ڏيندو (يا

برائيءَ جي حق ۾ ڳالهائيندو ته ان لاءِ ان (گناهہ) مان حصو آهي(هي الله جو فيصلو آهي) ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو (85) (جيڪڏهن اوهان جنگ لاءِ نڪرو ٿا) ڪو شخص (گروه) توهان جي زندگي ۽ سلامتي ۽ ڪاميابي جا ٻول ٻولي ٿو ته توهان ان کي ان کان بهتر موٽ ڏيو، پر جي حالات سازگار نه به آهن ته ڪم از ڪم ان کي برابريءَ جي لفظن سان آجيان ڪيو. ڪنهن سان به زيادتي نه ڪريو ان ڪري جو يقيناً الله هر شيءِ جو حساب وٺڻ وارو آهي. (86) (تون هر حال ۾ هن مشن کي جاري رک) ته اقتدار ۽ اختيار صرف الله جو آهي، ان کان سواءِ ڪنهن جي قانون آڏو جهڪڻو ناهي، توهان سڀني کي هو قيامت واري ڏينهن جمع ڪندو. جنهن (ڏينهن) جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ ناهي ۽ الله کان وڌيڪ ڪير آهي، جو سچي ڳالهہ ڪري سگهي ٿو.(87)

بس اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! ڪنهن ٻئي جي پرواهہ ڪندي بغير ته اهي تنهنجو ساٿ ڏين ٿا يا نٿا ڏين، تون الله جي دين جي قيام ۽ مظلومن جي امداد ۽ حمايت لاءِ مخالفن سان جنگ شروع ڪري ڇڏ. تنهنجي مٿان تنهنجي پنهنجي ذات ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي ذميداري عائد نٿي ٿئي، پر پنهنجي جماعت جي ڪمزورين کي دفع ڪرڻ لاءِ هنن جي مناسب اصلاح ڪري، ڪين راهہ حق ۾ جان قربان ڪرڻ جي ترغيب ڏئي شوق پيدا ڪر ته جيئن هو جنگ جي ميدان جا فيصلاڪُن ڪردار بڻجي وڃن ۽ سندن همت ۽ جرائت سبب الله اوهان تان توهان جي دشمنن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي روڪڻ جا اسباب پيدا ڪري، ڇو ته اهڙن متڪبرن لاءِ الله جي گرفت شديد آهي. اِنَّ بَطۡشَ رَبِّكَ لَشَدِيۡدٌ (البروج: 12/85) جيڪا دشمنن کي ذلت آميز شڪست ۾ جڪڙي ڇڏيندي.

اي نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! تون پنهنجي ذات ۽ مخلص اصحاب ڪرام جي ڪوششن سان پنهنجو منصبي فرض نڀائيندو رهہ، پوءِ جيڪو به توسان گڏجي هن نيڪ ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو ته ان کي ان جي نيڪيءَ جو بدلو ضرور ملندو، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو مخالفن سان ملي بري ڪم جو مرتڪب ٿيندو ۽ غلط نظام جي تائيد ۾ پنهنجون

توانائون خرچ ڪندو تہ ان جي تباهہ ڪن نتيجن ۾ اهو بہ شامل هوندو. هن آيت جو هيءُ مفهوم بہ آهي تہ مشڪل ۾ ڪنهن جي مدد ڪرڻ، ڪيس حق وٺرائڻ ۾ ساٿ ڏيڻ، هن کي جائز نفعو ڏيارڻ، درد تڪليف دور ڪرڻ، جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جي حق تلفي نہ ٿيندي هجي، اها شيءِ سفارش آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن جي حق تلفي ٿئي ٿي يا ناجائز ڪمن ۾ مدد ڪجي تہ اها بري سفارش هوندي. (المائده: 2/5) الله جي قوت سيني کان وڌيڪ آهي. جيڪڏهن هن مشڪل مرحلي دوران اوهان ڏي ڪو امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام موڪلي ۽ پليڪار ڪري تہ اوهان ان کي سندس جواب ۾ وڌيڪ بهتر ۽ سلامتي واري موٽ ڏيو. جيڪڏهن اوهان جواب ۾ وڌيڪ سلامتيءَ جو پيغام نٿا ڏئي سگهو تہ گهٽ مان گهٽ جيترو هن سلامتي جو قدم کنيو آهي اوترو وک وڌايو. الله تعالیٰ اهڙين سمورين ڳالهين جو پورو پورو حساب رکي ٿو ۽ ان مطابق نتيجا نڪرن ٿا. ڪجهہ تفسيرن ۾ آهي تہ مسلمانن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ جيڪو اوهان سان احترام جو ورتاءُ ڪري، ان جو خوشخلقي ۽ شائستگيءَ سان جواب ڏيو يا زياده شائستگي ڏيکاريو. يعني ڪو "السلام عليڪم" چوي تہ اوهان "وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته سان جواب ڏيو، يعني جواب ان کان وڌيڪ ڏجي. پر جيڪڏهن وڌيڪ نٿا ڏئي سگهو تہ جيترو هن چيو آهي، اوترو جواب ڏيو. "السلام عليڪم" جي جواب ۾ "وعليڪم السلام" چئو. جيڪڏهن ڪافر "السام عليڪم" چون تہ اوهان ڪين "وعليڪم السام" چئو. جيئن تہ مٿان قتال جي آيت آيل آهي، ان ڪري منهنجو ڏنل مفهوم زياده قرين قياس آهي، چوتہ قتال يا جنگ ۾ ڪو امن ۽ سلامتيءَ جي ڳالهہ ڪري تہ ان کي پايہ تڪميل تي پهچايو، خواه مخواه جنگ ۾ الجهندا نہ رهو. ياد رکو هن ڪائنات تي حقيقي اقتدار صرف هڪ الله کي آهي. اهو ئي حقيقي عبادت ۽ اطاعت جي لائق آهي ۽ ان جي ئي قانون کي بقا آهي. اهو ئي اوهان کي پنهنجي حضور قيامت ۾ ڪٺو ڪندو، قيامت جهڙي جنگ جي منظر واري ميدان ۾ ڪٺو ڪندو ۽ اوهان جي ڪاميابي ۽ مخالفن جي ناڪاميءَ جو اعلان ٿيندو. هن حقيقت ۾ ڪو بہ شڪ شبهو ناهي. هي الله جو قول ۽ فيصلو آهي ۽ ڀلا الله کان پنهنجي قول ۽ واعدي پوري ڪرڻ ۾ ڪير ان کان وڌيڪ سچو آهي. بيشڪ الله ئي سچو آهي. صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهٗ - اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا (سورة الفتح: 48/ 1) وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا ۭ نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ (سورة

الصف: 13/61) اهڙي طرح نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَنْ تَغْزُوْكُمْ قُرَيْشٌ بَعْدَ عَامِكُمْ هٰذَا وَلٰكِنَّكُمْ تَغْزُوْنَهُمْ (تفسير ابن ڪثير) يعني هن سال کان پوءِ قريش اوهان تي حملو ڪري ڪو نه سگهندا پر اوهان هنن تي حملہ آور ٿيندا.

فَمَا لَكُمْ فِى الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَ اللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۸۸﴾ وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۠ وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ۙ﴿۸۹﴾

(هي منافق بظاهر اوهان جا دوست سڏائن ٿا، پر پرپٺ توهان جي تباهي گهرن ٿا) پوءِ اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو اوهان هنن منافقن جي بابت ٻہ جماعتون ٿي ويا آهيو، حالانڪ الله هنن (منافقن) جي ڪڌن ڪرتوتن سبب مشيت خداوندي تحت ڪين دين تي آڻي وري ڪفر ڏانهن ابتو ڦيري ڇڏيو آهي، جيڪي ماڻهو قانون خداوندي جو اتباع ڇڏي غلط رستي تي اچي ويا آهن، انهن کي توهان ڪا بہ هدايت جي راهہ نٿا ڏيکاري سگهو(88) هو گهرن ٿا تہ جهڙيءَ طرح پاڻ منڪر آهن، اوهان بہ اهڙي طرح منڪر ٿي وڃو تہ جيئن توهان سڀ عقيدي ۾ برابر برابر ٿي وڃو. سو اوهان هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست نہ ناهيو، جيستائين هو الله جي راهہ ۾ هجرت ڪن (پنهنجو ايمان ۽ اخلاق ثابت ڪن) پر جيڪڏهن هو انهن کان روگرداني ڪن تہ ڪين گرفتار ڪريو ۽ جتي بہ ڏسو اتي قتل ڪريو، هنن مان نہ ڪنهن کي پنهنجو دوست بنايو ۽ نہ وري پنهنجو مددگار ناهيو. (89)

مسلمانو! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو اوهان منافقن جي باري ۾ ٻه فريق (ٻه ڌريون) ٿي ويا آهيو. هن بعد واري آيت ۾ اچي ٿو ته مسلمان هجرت نه ڪرڻ وارن ۽ ظاهر ۾ پاڻ کي مسلمان سڏائڻ وارن بابت مختلف راءِ ۾ ونڊجي ويا هئا، ڪن جو چوڻ هو ته نوان نوان مسلمان آهن. هنن سان نرمي ڪريو ۽ هجرت ڪرڻ تي زور نه ڀريو. پر ٻئي طبقي جو خيال هو ته الله هجرت فرض ڪئي آهي ته جيئن مديني ۾ مسلمان گڏجي هڪ قوت بڻجي سگهن. الله اهڙن ذاتي مفادن لاءِ هجرت نه ڪرڻ وارن کي منافقين سڏيو آهي. الله هنن جي انهيءَ ٻٽي پاليسيءَ جي ڪرتوتن سبب ڪين الٽائي ڇڏيو آهي ۽ سندن ظاهري ڏيک ڏيکاءَ کي سندن اندر جي احوال سان پڌرو ڪري ڇڏيو آهي ته هجرت نه ڪرڻ جي ڪري هنن جي ظاهري ايمان کي رد ڪري منافق سڏيو آهي. اوهان هنن کي ڪهڙي هدايت ڪري سگهو ٿا. ۽ ڪيئن صراط مستقيم تي آڻي سگهو ٿا، جڏهن هنن جي بداعماليءَ سبب الله هنن کي سعادت ۽ نيڪ بختي بدران شقاوت ۽ بدبختي وارن ۾ شمار ڪيو آهي. (المائده: 56/5، التوبه: 71/9، النحل: 63/16، المجادله: 21/58، الممتحنه: 60/ 9-13، الصف: 61/8-7) ياد رکو ته جنهن کي سندس بداعماليءَ سبب الله گمراهه چوي ان کي حق ۽ سچ جي راهه تي ڪير نٿو آڻي سگهي. هنن منافقن جي دلي خواهش آهي ته جهڙي طرح هنن بيائيءَ جو پردو ڍڪي ڪفر جو رويو اختيار ڪيو آهي. اوهان به هنن وارو طريقو اختيار ڪريو ته جيئن اوهان سڀ هڪ جماعت بڻجي وڃو، پر ياد رکو جيستائين هي ماڻهو ڪافرن جو ساٿ ڇڏي الله جي راهه ۾ هجرت ڪري نٿا اچن، تيستائين اوهان کي گهرجي ته هنن مان ڪنهن کي به پنهنجو دلي دوست ۽ مددگار نه بڻايو. جيڪڏهن هي هجرت ڪري نٿا اچن ۽ دشمن جا ساٿي بڻيا رهن ٿا ته اهي به اوهان جا دشمن ئي آهن ته پوءِ هنن سان جنگ ڪريو، ڪين قتل ڪريو يا گرفتار ڪريو. هي اهي منافق آهن، جيڪي مڪي مڪرمه کان هجرت ڪري مديني اچڻ لاءِ تيار نه هئا. دارالڪفر ۾ رهندڙ اهڙا مسلمان، جيڪي دارالاسلام ڏانهن هجرت ڪري سگهن ٿا ۽ پوءِ به دارالڪفر ۾ رهن، اهي منافق آهن. پر جيڪي ڪمزور ماڻهو هجرت جي طاقت نٿا رکن، اهي منافق نه هوندا. هيءُ حڪم اهڙن مسلمان منافقن لاءِ آهي، جيڪي جنگ ۾ ڪافرن جي مدد ڪن ٿا.

اِلَّا الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ
صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا قَوْمَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ
فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَ اَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا
جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿۹۰﴾

مگر انهن ماڻهن کي قتل نہ ڪريو جو اهڙي قوم سان گڏ آهن جن سان اوهان جو ڪو ئي امن جو معاهدو ٿيو آهي. اهڙي طرح جڏهن اهي ماڻهو اوهان وٽ انهيءَ حال ۾ اچن تہ نہ هو اوهان سان جنگ ڪرڻ گهرن ٿا ۽ نہ وري اوهان سان ملي اوهان جي دشمنن (پنهنجي قوم) سان لڙڻ گهرن ٿا. غير جانبدار رهڻ گهرن ٿا (تہ انهن سان بہ جنگ نہ ڪريو) جيڪڏهن قانون مشيت مطابق هنن وٽ اوهان تي غالب هجڻ جي قوت هجي ها تہ ضرور توهان سان جنگ ڪن ها. پر جيڪڏهن هو اوهان کان الڳ رهن ۽ جنگ نہ ڪن ۽ اوهان طرف اصلاح ۽ آشتي جو اظهار ڪن تہ پوءِ الله بہ اوهان کي هنن خلاف ڪنهن بہ ڪارروائي جي اجازت نٿو ڏئي.(90)

پر جيڪڏهن اهي ماڻهو دشمنن جو ساٿ ڇڏي ڪنهن اهڙي قوم ڏانهن هليا وڃن، جن سان اوهان جا امن وارا معاهدا ٿي چڪا آهن ۽ هي بہ انهن وانگر ئي امن سان رهڻ گهرن ٿا يا اهي ماڻهو، جيڪي جنگ کان تنگ ٿي اوهان وٽ هلي اچن ٿا، نہ اوهان سان لڙائي ڪرڻ گهرن ٿا ۽ نہ وري اوهان سان ملي پنهنجي قوم سان جنگ ڪرڻ گهرن ٿا. بالڪل غير جانبدار رهڻ گهرن ٿا تہ اهڙيءَ صورت ۾ هنن سان ڪنهن طرح بہ جنگ يا جهيڙو نہ ڪيو ويندو. جيڪڏهن ماشاءَ الله هنن ۾ اوهان تي غالب اچڻ جي طاقت هجي ها تہ اهي ضرور اوهان سان جنگ ڪن ها. هن حالت ۾ جيڪڏهن هو اوهان کان مڙي وڃن ۽

جنگ يا ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪن، صلح لاءِ آماده هجن تہ پوءِ اوهان بہ هنن خلاف ڪجھ نہ ڪريو، جنگ تہ رڳو سرڪشن ۽ ظالم ماڻهن جو زور ٽوڙڻ لاءِ هوندي آهي، ورنہ اسلام تہ امن جو علمبردار آهي. ان ڪري امن جو پيغام قائم رکو. جيڪي واجب القتل ان ملڪ ۾ هليا ويا آهن، جن سان امن جا معاهدا آهن، تہ معاهدي جو احترام ڪري، انهن تي حملو نہ ڪيو ويندو. هي معاهدي جو احترام آهي، منافقن جي خون بها جو ناهي.

سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّاْمَنُوْكُمْ وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ؕ كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى الْفِتْنَةِ اُرْكِسُوْا فِيْهَا ۚ فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَيُلْقُوْٓا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ ؕ وَاُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ۝٩١ ع

ع ۱۲/۴/۹

هنن کان علاوه ڪجھ ٻيا اهڙا ماڻهو بہ ڏسندو جيڪي گهرن ٿا تہ اوهان سان بہ امن سان رهن ۽ پنهنجي قوم سان بہ. مگر جڏهن بہ (مسلمانن خلاف) فتنه انگيزي لاءِ سڏيا وڃن ٿا تہ اونڌي منهن ان ۾ ڪري پون ٿا. اهي ماڻهو جيڪڏهن اوهان کان ڪناره نٿا ڪن ۽ نہ وري صلح ۽ آشتي جو هٿ وڌائين ۽ نہ پنهنجا هٿ شرارت کان روڪين تہ توهان هنن کي پڪڙي قيد ڪريو ۽ انهن کي جتي بہ ڏسو قتل ڪري ڇڏيو ۽ هي اهي (منحوس بدبخت) ماڻهو آهن جن تي اسان اوهان کي پورو اختيار ڏنو آهي(91)

هت منافقن جي ٽئين گروهہ جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي. هنن مٿين ٻن طبقن کان علاوه منافقن ۾ ٿوڪي ڪجھ اهڙا ماڻهو بہ ملندا، جيڪي لڙائيءَ جا خواهشمند نہ آهن. اهي توهان سان بہ امن ۾ رهڻ گهرن ٿا تہ هو پنهنجي قوم جيڪا اوهان جي مخالف آهي، ان سان بہ صلح صفائي سان رهڻ گهرن ٿا. پر جڏهن هنن جي قوم ڪين اوهان جي خلاف جنگ يا ڪنهن فتني جو سڏ ڏئي تہ پوءِ هو پنهنجي واعدي ۽ اصول تي نٿا رهن، پر

انهيءَ فتني جي باهہ ۾ ڪاهي پون تا ۽ انهي فتنہ گري کان پوءِ بہ نہ ڪناره ڪش ٿي پاسو ڪن ٿا نہ وري صلح جي آڇ ڪن ٿا ۽ نہ وري پنهنجين زيادتين کان باز اچن ٿا تہ پوءِ انهن کي گرفتار ڪريو تہ جيئن اهو فتنو رڪجي وڃي، پر جيڪڏهن هو جنگ جو اعلان ڪن تہ پوءِ انهن سان جنگ ڪريو ۽ جتي ملن انهن کي قتل ڪريو. هنن ماڻهن خلاف اوهان کي جنگ ڪرڻ ۽ ڪين قتل ڪرڻ جي اجازت آهي. اها اجازت انهيءَ ڪري ناهي تہ اوهان جنگ جا خواهشمند آهيو، پر هنن اوهان جي خلاف جنگ جو ماحول پيدا ڪيو آهي. ان ڪري جنگ ۾ ڪنهن کي قتل ڪرڻ ۾ نہ ديت آهي نہ وري غلام آزاد ڪرڻو آهي. بلڪ جنگ دوران دشمن کي قتل ڪرڻو يا قيد ڪرڻو آهي. (البقره: 2/193-190-178)

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا
فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ
فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ
وَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖ
وَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ۡ
تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۹۲﴾ وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا
فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ
عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾

پر قتل ڪرڻ جي اجازت ۾ ڪا بہ بي احتياطي نہ هئڻ گهرجي، ڇوتہ مسلمان لاءِ جائز ناهي تہ هو ڪنهن مسلمان کي قتل ڪري مگر ها جيڪڏهن قتل (بغير قصد) غلطي سان ٿي وڃي يعني جيڪڏهن ڪنهن جي هٿان ڪوئي مؤمن غلطي سان قتل ٿي وڃي تہ ان تي هڪ مسلمان غلام ٻانهي جو آزاد ڪرڻ ۽

خون بها ادا ڪرڻ جيڪو مقتول جي گهر وارن کي ادا ڪيو وڃي لازم آهي. پر جيڪڏهن مقتول جا رشتيدار معاف ڪري ڇڏين، ته اهو صدقو هوندو. پر جيڪڏهن مقتول توهان جي دشمن قوم مان آهي ۽ اهو مؤمن به هجي ته رڳو هڪ غلام ٻانهي جو آزاد ڪرڻ ئي لازم آهي. پر جي مقتول ان قوم مان هجي جنهن سان اوهان جو صلح وارو معاهدو ٿيل آهي ته خون بها جيڪا ان جي گهر وارن کي ڏني وڃي ۽ هڪ مسلمان غلام يا ٻانهي آزاد ڪرڻ آهي. پر جنهن کي غلام يا ٻانهي ميسر نه هجي ته (ان تي لڳاتار (بنا وقفي) ٻن مهينن جا روزا لازم آهن. الله جي پاران هي خاص عنايت آهي ۽ گناهه بخشرائڻ جو طريقو آهي، هي زوردار حڪم ڏيندڙ عليم ۽ حڪيم آهي.(92) جيڪو ماڻهو ڪنهن تي ڄاڻي واڻي (ارادي قتل سان) قتل ڪري ان جي سزا جهنم آهي. اهو ان (جهنم) ۾ ئي رهندو. ان تي الله جو غضب هوندو ۽ لعنت هوندي (ياد رهي ته قتل جي ڏوهه جي نوعيت تي سزا ڪم زياده ٿي سگهي ٿي). (93)

---

هنن ٻن آيتن ۾ قتل جي مختلف قسمن جي سزا جو ذڪر آهي. قرآن ڪريم جو نزول جي وقت عرب معاشرو قبائلي جنگين ۾ مصروف هو، جنهن ڪري قتل انساني عام جام هيو. هت قتل جي ڇئن صورتن جي سزا جو ذڪر آهي. ڪنهن مؤمن لاءِ جائز ناهي ته هو ڪنهن مؤمن کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري. هت ”مَا كَانَ“ مان مراد ”مَا صَحَّ لِمُؤْمِنٍ“ يعني مؤمن لاءِ هڪ مؤمن جو قتل ڪرڻ ڪنهن به حالت ۾ درست ناهي، بلڪ هي انتهائي حرام ۽ قبيح فعل ان جي شايان شان نه آهي، پر جيڪڏهن ڄاڻي واڻي قتل جي ارادي سان مقتول جو قتل نه ٿيو آهي، ڪنهن غلطيءَ يا خطا سبب قتل خطا ٿيو آهي ته اهڙي صورت ۾ قاتل هڪ مسلمان غلام (ٻانهو يا ٻانهي) کي آزاد ڪرائيندو ۽ مقتول جي وارثن کي ديت يعني خون بها به ادا ڪرڻي هوندي. (البقره: 178/2، المائده: 45/5) پر جيڪڏهن مقتول جا وارث خون بها (ديت) معاف ڪن ته پوءِ ديت ڏيڻي نه پوندي رڳو

غلام آزاد ڪرڻو پوندو، هينئر غلام نہ آهن تہ پوءِ ٻہ مهينا لاڳيتا روزا رکڻا پوندا تہ جيئن حقوق الله جي پورائي ٿئي. حقوق العباد ۾ تہ مقتول جي وارثن ديت ونڻ معاف ڪري ڇڏيو آهي. حديث شريف آهي: "اَلْمُسْلِمُ تَتَكَافَا دِمَاءُهُمْ" مسلمان ۾ خون جو بدلو قاتل کي قتل ڪرڻ آهي.

ٻي صورت اها آهي تہ مقتول مؤمن آهي، پر دشمن قوم جو فرد آهي تہ پوءِ رڳو غلام آزاد ڪرڻو پوندو ۽ ديت ڏيڻي ناهي، ڇو تہ مقتول دشمن قبيلي جو ماڻهو آهي. انهن کي ديت ڏئي وڌيڪ طاقتور ناهي ڪرڻو. ٽين صورت اها آهي تہ مقتول جو تعلق اهڙي قوم سان آهي، جن سان اوهان جو معاهدو ٿيل آهي تہ پوءِ مقتول جي وارثن کي ديت بہ ڏيڻي آهي ۽ غلام بہ آزاد ڪرڻو آهي. مگر هن صورت ۾ ديت تہ ضرور ڏيڻي آهي، جيڪو حق انساني آهي، پر غلام آزاد ڪرڻ بدران ٻہ مهينا لڳاتار روزا رکڻ سان حق خداوندي ادا ٿي ويندو. هي الله جي پاران خاص رعايت آهي، جنهن ۾ حق خداوندي ادا ٿي ٿو وڃي. بيشڪ الله جي تمام حڪمن ۾ حڪمت ۽ ان جي علم جي وسعت شامل آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ يا هير ڦير جي اجازت ناهي. اها سزا جرمانو نہ آهي، پر توبه ۽ ڪفارو آهي. جرماني ۾ ندامت، شرمساري ۽ اصلاح نفس نہ هوندي آهي، پر هن ۾ توبه ۽ ڪفارو آهي، جيڪو گناهن کي ڌوئي ٿو ۽ انسان روحاني سڪون محسوس ڪري ٿو.

چوٿين صورت اها آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن مؤمن جو قتل "قتل عمدا" يعني سوچي سمجهي قتل جي ارادي سان قتل ڪري ٿو تہ ان جو بدلو جهنم آهي، جنهن ۾ هو هميشه رهندو. قتل عمد ۾ ديت ۽ غلام آزاد ڪرڻ جو ذڪر ناهي، بلڪ قاتل جي سزا قتل ٿئي آهي. (البقره: 178/2 ۽ المائده: 32/5) قرآن مجيد ۽ ارشادات نبوي مطابق قتلِ عمد هڪ عظيم تر گناهہ آهي. قرآن جنهن سخت لهجي ۽ سخت انداز ۾ سزا بيان ڪئي آهي، اها ڏسي ٻڌي لڱ ڪاندارجي وڃن ٿا. حديث پاڪ آهي: "قَتْلُ الْمُؤْمِنِ اَعْظَمُ عِنْدَاللهِ مِنْ زَوَالِ الدُّنْيَا" پوري دنيا جي فنا ٿي وڃڻ کان بہ الله تعالىٰ وٽ قتل عمد شديد ترين گناهہ آهي. حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنه قتل عمد لاءِ چوي ٿو: "مُتَعَمِّدًا مُسْتَحِلًّا مَّقْتَلَةً" يعني ڄاڻي واڻي مسلمان جي قتل کي حلال سمجهڻ، حالانڪ الله وٽ اهو حرام فعل آهي. قتل عمد ۾ قتل ڪرڻ جي سببن ۽ حالتن جو جائزو وٺي عدالت قتل عمد جي سزا قتل کان عمر قيد

وغيره بہ ڪري سگهي ٿي. قتل عمد ۾ مسلمان جو قاتل عدالت پاران قتل ڪيو ويندو ۽ هميشہ جهنم ۾ رهندو ۽ الله پاران ڦٽڪار وارو ۽ لعنتي هوندو ۽ وڏي عذاب جو حقدار هوندو. حديث شريف ۾ آهي: لَا يُقْتَلُ مُسْلِمٌ بِكَافِرٍ (صحيح بخاري) مسلمان کي ڪافر جي قتل ڪرڻ تي قتل نہ ڪيو ويندو، مگر ذمي ڪافر جي قاتل کي قتل جي سزا ملڻ گهرجي، ڇوتہ ذميءَ کي اسلامي رياست طرفان جان ۽ مال جي سلامتيءَ جي ضمانت آهي. اسلام ۾ رڳو ٻن صورتن ۾ قتل ڪرڻ جي اجازت آهي: هڪ جنگ ۾ ٻيو قتل عمد ۾ عدالت پاران قتل جي بدلي ۾ قتل ڪرڻ.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ
اَلْقٰٓى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۡ
فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ۭ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ
فَتَبَيَّنُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٩٤﴾ لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ
الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَ الْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ
وَ اَنْفُسِهِمْ ۭ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ
دَرَجَةً ۭ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ۭ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ
اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٩٥﴾ دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَ مَغْفِرَةً وَّ رَحْمَةً ۭ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا
رَّحِيْمًا ﴿٩٦﴾ ع ١٣ ٥ ١٠

مؤمنؤ! اوهان جڏهن جهاد جي خيال سان تيار ٿي نڪرو تہ تحقيق ڪريو، جيڪڏهن ڪو اوهان ڏانهن امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام موڪلي تہ اوهان جو اهو رد عمل نہ هجي تہ هو ايمانداري سان ائين نہ ڪري رهيو آهي، پر منافقت ڪري پنهنجي جان بچائڻ ٿو گهري ۽ اوهان ان کي ماري مال غنيمت حاصل ڪرڻ لاءِ

دنياوي زندگي جو سامان تلاش ڪريو (ياد رکو ان جي مقابلي ۾) الله وٽ گهڻو مال غنيمت آهي. هن کان اڳ اوهان بہ انهيءَ حالت ۾ هئا ۽ الله توهان تي احسان ڪيو سو (هميشہ) تحقيق ڪندا ڪيو، جو تہ الله اوهان جي عملن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو(94) (جنگ لاءِ نڪرندا ڪريو) جن مسلمانن کي ڪا معذوري نہ آهي ۽ اهي گهرن ۾ ويٺل رهن ٿا ۽ جيڪي الله جي راهہ ۾ جان ۽ مال سان جهاد ڪن ٿا، اهي ٻئي برابر ٿي نٿا سگهن. الله گهر ۾ رهندڙن تي جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ وارن کي فضيلت ڏني آهي. هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ انهن مان هر هڪ لاءِ الله ڀلائي جو وعدو ڪيو آهي ۽ مجاهدين کي پوئتي رهندڙن (قاعدين) تي هڪ اجر عظيم جي فضيلت ڏني آهي(95) هي هن الله طرفان اهي بلند درجات آهن جن جي ڪري مغفرت ۽ رحمت جا در کلن ٿا ۽ الله وٽ بخشش ۽ رحمت جو بي انتها سامان هميشه هميشه موجود آهي.(96)

مؤمنن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ جڏهن اوهان الله جي راهہ ۾ ٻاهر نڪرو يعني جنگ جي ارادي سان نڪرو تہ سڀ کان پهريان اهو معلوم ڪيو تہ جن سان جنگ ڪرڻ وڃو ٿا اهي اوهان جا دوست آهن يا دشمن آهن. (الحجرات: 6/49) ائين نہ ٿئي جو هر هڪ کي دشمن سمجهي حملو ڪري ڏيو، جيڪڏهن انهن مان اوهان کي امن ۽ سلامتي وارو پيغام ملي يا ماڻهو السلام عليڪم چوي تہ اوهان جو اهو ردعمل نہ هجي تہ هي ايمانداري سان سلام يا سلامتي جو پيغام نٿو ڏئي. منافقت ڪري پنهنجي جان بچائڻ گهري ٿو.

اسلام جي اوائلي ايام ۾ ”السلام عليڪم“ هڪ شعار هيو، جنهن جي چوڻ واري جو مقصد هيو تہ مان مسلمان آهيان تہ توکي مون مان خطرو ناهي، نہ ئي مون کي تومان خطرو آهي. اسان هڪ ٻئي لاءِ سلامتي ۽ امن وارا آهيون. پر لڙائيءَ ۾ جڏهن مسلمان دشمن تي حملو ڪندو هيو تہ ڪو شخص ”السلام عليڪم“ چوي تہ ان کي ان بنا تي قتل نہ ڪريو، تہ هي جان بچائڻ لاءِ ائين ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ مسلمان هجي، ان ڪري شڪ جي بنياد تي ڪافر جو بچي وڃڻ ايترو خطرناڪ ناهي، جيترو مسلمان کي قتل

ڪرڻ. ان ڪري تحقيق ڪريو تہ هي دشمن آهي يا دوست، بغير جاچ پڙتال ۽ تحقيق جي حملو ڪري ڏيڻ جو مطلب آهي تہ اوهان الله جي واسطي جنگ ڪرڻ لاءِ نہ نڪتا آهيو، پر مال غنيمت جو شوق آهي. ان ڪري هميشہ خدا جي خوشنوديءَ وارو ڪم ڪيو، پوءِ ڏسو تہ توهان ڪي الله پاران ڪاميابيءَ سان گڏ ڪيترو مال غنيمت ملي ٿو. اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ تہ توهان برابر مال غنيمت ۽ دنياوي مفادن لاءِ جنگ ڪندا هئا، پر هاڻي الله اوهان کي هي نئون اصول ٻڌائي اوهان تي وڏو احسان ڪيو آهي ۽ توهان جي جنگ جي نظريي کي تبديل ڪيو آهي. ان ڪري هر قدم کڻڻ کان اڳ ۾ تحقيق ضرور ڪريو تہ جنگ رڳو انهن سان ڪريو، جن سان حق ۽ سچ لاءِ جنگ ضروري هجي. الله اوهان جي هر عمل کان پوري طرح باخبر آهي، ان ڪري اوهان پنهنجي نيت ۽ اندر جو احوال ان کان لڪائي نٿا سگهو.

اهڙا مسلمان جيڪي معذور ناهن تندرست توانا ۽ جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لائق آهن، پر ان هوندي بہ بنا عذر جي جنگ ۾ شريڪ نٿا ٿين، اهي انهن ماڻهن جي برابر نٿا ٿي سگهن، جيڪي پنهنجي جان سان ۽ پنهنجي مال سان الله جي رضا خاطر الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن. الله مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ وارن کي انهن ماڻهن تي جيڪي بنا عذر جي جهاد ۾ شريڪ نٿا ٿين، تي وڏي فضيلت وارا درجا ڏنا آهن. (الحشر: 59/ 19) خدا هر چڱي ڪم لاءِ وعدو سڀ سان ڪيو آهي، يعني جيڪي خاموش رهيا آهن تہ انهن کي بہ چڱائي جو بدلو ملندو ڪنهن جو بہ نيڪ عمل ضايع نہ ٿيندو. پر الله وٽ درجي جي اعتبار سان جهاد ڪرڻ وارن جو جهاد ۾ شريڪ نہ ٿيندڙن کان وڏي فضيلت وارو مقام آهي. (الانشقاق: 19/84) انهن سمورن جا سندن عمل مطابق الله وٽ درجا مقرر آهن. مجاهدين ۽ قاعدين جا رتبا برابر نہ آهن، پر پوءِ بہ هي ان جي بخشش ۽ رحمت جو فيضان آهي ۽ هو ٻانهن جون غلطيون ۽ گناهہ معاف ڪرڻ وارو ۽ رحمت سان نوازڻ وارو رب ڪريم آهي.

ياد رهي تہ جنگ تبوڪ کان اڳ عام ماڻهن لاءِ جهاد فرض نہ هو، ان ڪري ڪي جهاد ۾ شريڪ ٿيندا هئا تہ ڪي نہ ٿيندا هئا. انهن کان پڇاڻو بہ ڪو نہ ٿيندو هو، پر جنگ تبوڪ لاءِ نفير عام (عام اعلان) ٿيو هو، گويا هن جنگ ۾ شرڪت فرض آهي. ان ڪري جيڪي شريڪ نہ ٿيا، انهن کان پڇاڻو بہ ٿيو ۽ تنبيه ۽ سزا بہ ٿي.

إِنَّ الَّذِينَ تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيٓ أَنفُسِهِمْ قَالُوا۟ فِيمَ كُنتُمْ ۖ قَالُوا۟
كُنَّا مُسْتَضْعَفِينَ فِي الْأَرْضِ ۚ قَالُوٓا۟ أَلَمْ تَكُنْ أَرْضُ اللّٰهِ وٰسِعَةً
فَتُهَاجِرُوا۟ فِيهَا ۚ فَأُو۟لٰٓئِكَ مَأْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۖ وَسَآءَتْ مَصِيرًا ﴿٩٧﴾ إِلَّا
الْمُسْتَضْعَفِينَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدٰنِ لَا يَسْتَطِيعُونَ حِيلَةً
وَلَا يَهْتَدُونَ سَبِيلًا ﴿٩٨﴾ فَأُو۟لٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ أَن يَعْفُوَ عَنْهُمْ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ
عَفُوًّا غَفُورًا ﴿٩٩﴾ وَمَن يُهَاجِرْ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي الْأَرْضِ مُرٰغَمًا
كَثِيرًا وَسَعَةً ۚ وَمَن يَخْرُجْ مِنۢ بَيْتِهِۦ مُهَاجِرًا إِلَى اللّٰهِ وَرَسُولِهِۦ
ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ أَجْرُهُۥ عَلَى اللّٰهِ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿١٠٠﴾ ع ١٤

(جيڪي ماڻهو اهڙي موقعي تي بہ وطن ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هيا، جتي ڪين سندن دين جي ڪري ظلم ڪيا ٿي ويا) جڏهن اهڙن ماڻهن جي جان الله جا فرشتا قبض ڪرڻ ايندا ۽ ڪين چوندا تہ اوهان پنهنجو ايمان خطري ۾ وجهي پاڻ تي ظلم ڪري رهيا هئا، جو اوهان ان حال ۾ ٽڪيا رهيا. هو چوندا تہ اسان ان ملڪ ۾ بالڪل بيوس هياسون تہ فرشتا چوندا تہ ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي تہ اوهان اوڏانهن هجرت ڪري وڃو. هي اهي ماڻهو آهن جن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو ڪهڙو نہ برو ٺڪاڻو آهي (92) پر ها اهي مرد ٻچا ٻار جيڪي واقعي بيوس هيا نہ ڪوئي حيلو هلائي ٿي سگهيا ۽ نہ وري ڪا راهہ نظر آئي ٿي (98) اميد آهي تہ الله اهڙن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏي. الله وڏو معاف ڪرڻ وارو ۽ بخشڻهار آهي. (99) ۽ جيڪو بہ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪري ٿو اهو (خدا جي) زمين ۾ پناهہ واسطي سني رهائش ۽ ڪافي وسعت پائيندو ۽ جيڪو شخص

**ٻہ پنهنجي گهر کان الله ۽ ان جي رسول ﷺ طرف هجرت ڪرڻ لاءِ نڪرندڙ ڪي ان دوران موت اچي وڃي تہ ان جو اجر الله جي ذمي واجب هوندو. الله بخشڻهار ۽ رحمت ابدي جو مالڪ آهي. (100)**

هاڻي انهن مسلمانن جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪي هجرت فرض ٿي وڃڻ بعد بہ هجرت ڪرڻ ۾ سستي ڪري رهيا هئا. هجرت نہ ڪرڻ لاءِ ڪوئي جائز عذر بہ ڪو نہ هيو، پر پوءِ بہ پنهنجي قبيلي ۽ مڪي شهر کي الوداع ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. جيڪي ماڻهو هجرت ڪرڻ جي حڪم باوجود بہ هجرت نہ ڪري پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪري رهيا آهن ۽ اهڙي حال ۾ فرشتا هنن جو روح قبض ڪندا ۽ چوندا توهان ڪنهن حال ۾ هيو، ايمان جي دعوىٰ تہ ڪندا هيو تہ اسان مسلمان آهيون، پر پوءِ بہ خدا جي رسول ﷺ جڏهن هجرت جو حڪم ڏنو تہ اوهان هجرت ڇو نہ ڪئي؟ تہ اهي ماڻهو جواب ۾ چوندا تہ اسان ان هنڌ مجبور ۽ معذور ڪيا ويا سون. ان ڪري پنهنجي ايمان ۽ عقيدي مطابق عمل ڪري ڪو نہ سگهياسون. بس وقت جي نزاڪت مطابق زندگي گذاري سون، ان تي ڪين فرشتا چوندا تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي ملڪ ۾ دٻيل هيسيل ۽ ڪمزور هيو تہ پوءِ خدا جي زمين وسيع هئي، اوهان ٻئي هنڌ هجرت ڪري ڇو نہ ويا. حقيقت ۾ هي غلط عذر پيش ڪرڻ وارا اهي ماڻهو آهن، جن جو سندن بداعمالين ڪري دوزخ ۾ ٺڪاڻو آهي ۽ دروزخ ڪهڙي نہ بري جڳهہ آهي، مگر اهڙا مرد ۽ عورتون ۽ ٻار جيڪي پنهنجي مجبوري سبب لاچار آهن ۽ ڪين ڪو بہ رستو هجرت جو نہ هجي تہ پوءِ اميد آهي تہ الله اهڙن مجبور ۽ بيوس ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏي. بلاشڪ الله بخش ڪرڻ وارو ۽ معافي ڏيڻ وارو آهي.

ياد رکو تہ جيڪو ماڻهو ذاتي مفادن لاءِ نہ پر الله جي دين جي خاطر هجرت ڪري ٿو تہ ان کي الله جي زمين تي تمام گهڻيون رهائش جون جايون ۽ رزق روزي جي ڪشادگي ملي ٿي ۽ جيڪو پنهنجي گهر کان الله ۽ رسول ﷺ طرف هجرت ڪرڻ لاءِ نڪري ٿو پر رستي ۾ وفات ڪري وڃي ٿو تہ هن جو الله وٽ اجر لکجي ويو ۽ ان کي سندس نيت جي مطابق عمل جو اجر ضرور ملندو. الله هر حال ۾ نيڪي ڪندڙ کي بخشڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو آهي. الله دلين جو مالڪ آهي ۽ هر ڪنهن کي ان جي نيت موجب اجر عطا ڪري ٿو. "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" عملن جو اجورو نيت مطابق ملندو، يعني جهڙي

نيت، تهڙي مراد. حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي هجرت بعد مديني منوره جي رياست
دارالهجرة ۽ ڪافرن وارا علائقا دارالحرب سڏجڻ لڳا. ان ڪري اسطاعت رکندڙ مسلمانن
کي درالحرب کان دارالهجرت ڏانهن هجرت ڪرڻ لازم قرار ڏنو ويو. جتي مسلمان
پنهنجي ايمان ۽ اعتقاد مطابق آزاديءَ سان عبادت به ڪري سگهن. ۽ الله جي دين جي
تبليغ جاري رکي سگهن. فتح مڪه بعد جڏهن اسلام کي غلبو حاصل ٿيو ته نبي اڪرم
خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جن فرمايو ته ”لَا هِجْرَةَ بَعْدَ فَتْحِ الْمَكَّةَ وَلٰكِنْ جِهَادٌ وَّ نِيَّةٌ“ فتح مڪه بعد هجرت نه،
پر جهاد ۽ نيت آهي. چوته دارالاسلام ۾ پناهه جي جڳهه ميسّر آهي، پر جيڪڏهن بعد ۾
اهڙيون ساڳيون حالتون پيدا ٿي پون ته هجرت ڪرڻ فرض آهي. (تفهيم القرآن) حضرت
مولانا مودودي چوي ٿو ته دنيا جي تمام مسلمانن لاءِ تمام حالتن ۾ هجرت منسوخ نه ٿي
آهي. هيءُ حڪم ان وقت جي حالتن لاءِ هيو.

وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ
اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا
مُّبِيْنًا ﴿١٠١﴾ وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَاۗىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ
مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ ۣ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَاۗىِٕكُمْ ۠
وَلْتَاْتِ طَاۗىِٕفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَھُمْ وَ
اَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ
فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ۭ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ اَذًى
مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَنْ تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ
اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٠٢﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا
وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰي جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ
كَانَتْ عَلَي الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾

جڏهن توهان (جهاد لاءِ) ٻاهر نڪرو ۽ اوهان کي دشمن کان نقصان پهچڻ جو خطرو هجي ته ان ۾ ڪو حرج ناهي ته توهان نماز ۾ ڪمي ڪريو. ان ڪري جو مخالفين اوهان جا کليا دشمن آهن. (101) ۽ (اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ) جيڪڏهن تون پاڻ پنهنجي جماعت سان گڏ آهين (خطرو به آهي) ۽ قيام صلواة نماز ادا ڪرڻ گهرو ٿا ته ان جو طريقو هي آهي ته هڪ گروهه توسان قيام ڪري ۽ پنهنجا هٿيار به سنڀالي رکي. جڏهن هو سجدو ڪري وٺن ته اهي تنهنجي پوئين طرف هليا وڃن ۽ ٻيو گروهه جنهن اڃان تائين نماز ادا نه ڪئي آهي، اهو توسان (ٻي رڪعت ۾) نماز ادا ڪري. اهي به ساڳي طرح احتياط ڪندي پنهنجا هٿيار سنڀالي رکن. ان ڪري جو توهان جا مخالف ته دل سان گهرن ٿا ته توهان ٿورڙو به پنهنجن هٿيارن کان غافل ٿيو ته اوهان تي هڪ ڀيري ئي حملو ڪري ڏين (ان ڪري قيام صلواة وقت به هٿيارن کي پاڻ کان الڳ نه ڪريو) پر جيڪڏهن اوهان کي برسات جي ڪري ڪا تڪليف محسوس ٿئي يا اوهان بيمار آهيو ته پوءِ هٿيارن کي الڳ رکڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. پر ان صورت ۾ به پنهنجي حفاظت کان غافل نه ٿيڻو آهي. هنن مخالفن لاءِ الله طرفان رسوا ڪن شڪست جي سزا مقرر ٿي چڪي آهي، جا انهن کي ضرور ملندي (102) پوءِ جڏهن اوهان نماز کان فارغ ٿي وڃو ته ائين نه سمجهو ته اوهان فرائض خدائي کان آجا ٿي ويا ان ڪري هن بعد) اٿندي ويهندي ليٽندي هر وقت هر حال ۾ الله سان رابطو قائم رهي. پر جڏهن توهان کي دشمن کان اطمينان محسوس ٿئي ته پوءِ پوري اهتمام سان مقرر وقت تي پوري نماز قائم ڪريو. ڇو ته نماز مسلمانن تي وقت جي پابندي سان فرض ڪئي وئي آهي. (103)

ايندڙ آيتن ۾ صلواة سفر ۽ صلواة خوف جو ذڪر آهي. اصل ۾ نماز قصر يعني

چار رڪعت واري فرض ڪي بہ رڪعتون ڪري پڙهڻ ۽ چار رڪعتن کان گهٽ واري فرض ڪي اصل حالت ۾ پڙهڻ جو حڪم جنگ واري نماز لاءِ هيو، جو بعد ۾ سفر واري نماز لاءِ بہ ڪيو ويو. البتہ صلواة خوف يعني جنگ جي حالت ۾ قصر ڪري نماز پڙهڻ، جنهن جي امامت امام الانبياء خاتم النبيين ﷺ ڪري رهيا هجن تہ ان ۾ مقتدين لاءِ قصر ڪري نماز پڙهڻ جو طريقو الڳ آهي، جو هن بعد بيان ٿيندو. معلوم ٿيو تہ وقت جي پابنديءَ سان هر حالت ۾ سفر هجي يا جنگ جو منظر، نماز ادا ڪرڻي آهي، پر جيڪڏهن مجبورًا جنگ جي حالت ۾ بلڪل موقعو نہ ملي تہ پوءِ بعد ۾ قضا ڪري پڙهي جيئن پيغمبر اسلام خاتم النبيين ﷺ جنگ خندق ۾ ڪيو. ياد رهي تہ جنگ يا سفر ۾ قصر ڪرڻ الله تعالىٰ جي طرفان عطيو آهي، جنهن کي قبول ڪرڻ ضروري آهي. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي: ”تِلْكَ صَدَقَةٌ تَصَدَّقَ اللهُ بِهَا عَلَيْكُمْ فَاقْبِلُوْا صَدَقَتَهٗ“ هي الله تعالىٰ طرفان اوهان لاءِ صدقو آهي، توهان ان جو صدقو قبول ڪريو. امام ابوحنيفه رحمه الله وٽ قصر واجب آهي، جڏهن تہ امام شافعي رحمه الله وٽ افضل آهي. اهڙيءَ طرح سفر جي فاصلي ۾ اختلاف آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ سفر ۾ ڪڏهن بہ چار رڪعتون نہ پڙهيون آهن. (تفهيم القرآن)

(اي مسلمانو) جيڪڏهن اوهان خدا جي زمين تي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر تي نڪرو تہ پوءِ هن ۾ ڪو گناهہ ناهي تہ اوهان پنهنجي فرض نماز کي گهٽ ڪيو، جيڪڏهن اوهان کي اهو خوف هجي تہ دشمن اوهان کي نقصان پهچائيندا جو تہ ڪافر بلاشڪ اوهان جا کلم کلا دشمن آهن. هي آهي سفر ۾ صلواة قصر جو ذڪر، پر جيڪڏهن جنگ جاري هجي ۽ حضور خاتم النبيين ﷺ بہ موجود هجن تہ ان صورت ۾ جماعت جو هڪ حصو پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جي پٺيان هڪ رڪعت ادا ڪري ۽ پاڻ ڪريم جن خاتم النبيين ﷺ ٻئي رڪعت لاءِ اٿڻ بدران وينا رهن تہ يا ٻي رڪعت جي ڊگهي قرائت ڪن، جيئن پهريون حصو ٻي رڪعت پاڻ پڙهي سلام ڦيري هليو وڃي ۽ ٻيو حصو حضور خاتم النبيين ﷺ جي اقتدا ۾ ٻي رڪعت ۾ شامل ٿئي. پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ ٻن رڪعتن بعد سلام ڦيريندا تہ پوءِ ٻيو حصو پنهنجي ٻي رڪعت پڙهي پوري ڪري. اهڙي طرح پوري جماعت کي حضور خاتم النبيين ﷺ جي امامت بہ ملي ويندي ۽ صلواة خوف بہ ادا ٿي ويندي. پر ٻنهي گروهن لاءِ حڪم آهي تہ اهي نماز ۾ پنهنجا هٿيار گڏ رکن، جو تہ دشمن اهڙي موقعي جي تاڙ ۾ هوندو تہ اوهان

احتياط نہ ڪريو تہ اوهان تي حملو ڪري ڏين، ان ڪري پنهنجي بچاءُ جو پورو پورو انتظام رکو ۽ جماعت جي ٻنهي گروهن کي هٿيار گڏ رکڻا پوندا، جيڪڏهن ڪا تڪليف آهي، بارش آهي يا بيمار آهيو تہ پوءِ اوهان پنهنجا هٿيار لاهي رکي سگهو ٿا، پر پنهنجي بچاءَ ۽ دفاع جو پورو پورو خيال هجي تہ جيئن دشمن جي اوچتي حملي ۾ اوهان پاڻ کي بچائي سگهو. پوءِ جڏهن اوهان نماز خوف ادا ڪري چڏي تہ پوءِ بہ الله جو ذڪر ٻيني ويني پاسيرو ليٽي جاري رهي. گويا الله سان رابطو رڳو نماز وقت نہ، پر هر وقت هئڻ گهرجي. ”اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا“ جڏهن دشمن سان مقابلو ٿئي تہ ثابت قدم رهو ۽ ذڪر الٰهي ۾ مصروف رهو. (آل عمران: 191/3، بني اسرائيل: 18/17، **العنڪبوت:** 45/29، **الاحزاب** 41/33، **الجمعة:** 10/62، **المزمل** 8/73)

دست بڪار دل بيار

يعني هٿ ڪمن ۾ رڌل هجن پر دل جو يار (الله) سان رابطو قائم رهي.

صلواة خوف رڳو حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ لاءِ رعايت نہ هئي، پر عام اجازت آهي. حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ سان گڏ اصحاب سڳورن بہ جنگ ۽ سفر ۾ قصر ڪيو آهي. نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ جن جي پنيان قصر نماز جا مختلف طريقا بيان ڪيا ويا آهن، انهن مان هڪ طريقو مون بيان ڪيو آهي.

پوءِ جڏهن جنگ جو خطرو ٽري وڃي، امن جو ماحول هجي تہ پوءِ نماز پنهنجي اصل صورت ۾ قائم رکو. ياد رکو تہ نماز وقت مقرره تي ادا ٿيندي آهي. ڇو تہ نماز فرض ٿي تڏهن ٿيندي، جڏهن نماز جو وقت ايندو.

وَلَا تَهِنُوْا فِي ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ۭ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۰۴﴾ ع ۱۵ ۱۲

ياد رکو تہ جنگ جي ميدان ۾ دشمن جو تعاقب ڪرڻ ۾ سستي نہ ڪجو. جيڪڏهن لڙائي ۾ اوهان کي مشقت برداشت ڪرڻي پوي ٿي تہ مخالف ڌر کي

بہ اھڙي تڪليف سھڻي پوي ٿي. ليڪن الله پاران جيڪي نوازشون ۽ برڪتون توھان کي ملنديون، اھي ھنن مخالفن لاءِ تہ نہ آھن. الله جو ھر ڪم بصيرت ۽ حڪمت تي شامل آھي. (104)

ياد رکو تہ جنگ جي ميدان ۾ دشمن جو پيڇو ڪرڻ ۾ ڪمزوري يا سستي نہ ڏيکاريو، حق ۽ باطل جي جنگ ۾ حق جي فتح ٿيڻ واري آھي. ان ڪري آخري وقت تائين جرئت ۽ ھمت جو مظاھرو جاري رکو، جنگ ۾ جيڪڏھن اوھان کي ڪجھ تڪليف پھچي ٿي تہ اوھان وانگر اوھان جي دشمنن کي بہ سخت تڪليف ٿئي ٿي. جيڪڏھن اوھان جا مخالف ڪافر ۽ مشرڪ باطل نظام لاءِ تڪليفون برداشت ڪري رھيا آھن ۽ پوءِ بہ جنگ ڪري رھيا آھن. توھان تہ حق ۽ سچ لاءِ لڙي رھيا آھيو، جنھن لاءِ الله طرفان اوھان کي بي انتھا بشارتون ۽ نوازشون آھن. ڪافرن لاءِ تہ عذاب ئي عذاب آھي. ياد رکو، جنگ ۾ تہ ڪجھ نقصان ٿيندو، پر ھن جنگ ۾ الله جي ڪاميابي ۽ بشارت جي جيڪا اميد اوھان رکو ٿا، اھا اميد ڪافر ڪو نہ ٿا رکن. اوھان ڪامياب ٿيو تہ غازي، جي جان ڏيو تہ شھيد، جنت ۽ الله جي مغفرت ۽ رضامندي اوھان لاءِ استقامت جو ذريعو آھي. اوھان صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺو. (البقره: 2 /153 کان 156، آل عمران: 3/170-169، النحل: 16/128-127، الانبياءِ: 35/21، الحج: 58/22) ھنن ڪافرن ۽ مشرڪن جي جنگ ذاتي مفادن لاءِ يا باطل ديوين ۽ ديوتائن لاءِ آھي، جنھن جو نتيجو تباھي ۽ ذلت آھي پر اوھان تہ الله جي راھ ۾ ھن جي دين جي سربلنديءَ لاءِ جنگ ڪري رھيا آھيو، جنھن جو اجر الله وٽ آھي . بيشڪ الله کي ھر شيءِ جو علم بہ آھي ۽ سندس ھر ڪم حڪمت وارو آھي.

اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا
تَكُنْ لِّلْخَآئِنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾ وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٠٦﴾
وَلَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ
خَوَّانًا اَثِيْمًا ﴿١٠٧﴾ يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ

اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ۝۱۰۸
هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ
عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ۝۱۰۹ وَ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ
يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝۱۱۰ وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا
فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝۱۱۱

(جنگ بابت احڪامات ڏيڻ بعد تمدني ۽ معاشرتي زندگي متعلق رهنما اصول بيان ٿي رهيا آهن) اي رسول خدا خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم هي ڪتاب (القرآن) تو تي برحق نازل ڪيو آهي تہ جيڪو ڪجهہ الله توکي عطا ڪيو آهي، ان مطابق ماڻهن جا فيصلا ڪرين. پر خيال هجي تہ (منافق ۽ حقدار ۾ پرک رکندي) ڪنهن بہ صورت ۾ دغاباز ۽ خيانتدار جي طرفداري نہ ڪري ويهين (105) نازڪ معاملن ۾ خدا جي حفاظت جو طلبگار ٿيءُ بيشڪ الله بهتر حفاظت مهيا ڪندڙ بخشڻهار ۽ رحيم آهي (106) جيڪي ماڻهو دوکي ۽ دغابازي ڪري پنهنجو پاڻ سان خيانت ڪري رهيا آهن، اهڙن ماڻهن جي وڪالت نہ ڪجو، بيشڪ الله اهڙي ماڻهوءَ کي پسند نٿو ڪري جيڪو وڏو بدديانت ۽ بدڪار هجي. (107) اهي ماڻهن کان تہ پاڻ کي لڪائي سگهن ٿا پر الله کان لڪل نٿا رهن. هو تہ ان وقت بہ انهن سان گڏ هوندو آهي، جڏهن اهي (دغاباز) هن جي رضا جي خلاف سرگوشيون ڪندا آهن. هو جو ڪجهہ بہ ڪري رهيا آهن، خدا انهن کي پوري طرح گهيري رکيو آهي. (108) ها توهان هن دنياوي زندگيءَ ۾ تہ هنن (مجرمن) جي لاءِ جهيڙو ڪيو ٿا پر قيامت جي ڏينهن (جڏهن سندن عملن جا نتيجا مرڻ بعد سامهون ايندا) ڪير هنن لاءِ الله سان جهڳڙو ڪندو ۽ ڪير انهن جو اتي وڪيل

ٿيندو. (109) پر جيڪڏهن ڪو برائي ڪري ٿو يا (غلط ڪم ڪري) پاڻ تي ظلم ڪري ٿو ۽ الله کان معافي طلب ڪري ٿو ته الله نهايت بخشڻهار ۽ شفقت ۽ مغفرت ڪرڻ وارو آهي. (110) پر جيڪڏهن ڪو شخص گناهه ڪري ٿو ته ان جو وبال ان جي سر پوي ٿو. الله پوري طرح خبردار ۽ دائمي رحمت وارو آهي (111)

---

هن کان اڳ جنگ بابت حڪمن جو ذڪر هيو، هاڻي تمدني ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ معاملن متعلق بيان آهي. اي رسول خدا خاتم النبيين ﷺ! هي ڪتاب سچائي سان تو تي نازل ڪيو ويو آهي، تان ته تون خدا پاران ٻڌايل حڪمن موجب ماڻهن جي جهڳڙن جا فيصلا ڪرين. (المائده: 42-43/5) يعني الله تعالىٰ پنهنجن حڪمن بابت جيڪو علم نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ کي عطا ڪيو آهي، ڪيس اهو رڳو ٻڌائڻ لاءِ ناهي، پر مشاهدو ڪرائڻ آهي، ته جيئن ڪو شڪ جو گمان نه رهي. فيصلو ڪرڻ وقت اهو ڏسڻ ته هي پنهنجو مسلمان آهي ۽ ٻيو ڪافر آهي، يا هڪ عزيز، قريب ۽ دوست آهي ۽ ٻيو اجنبي آهي ته انهن ۾ فيصلي وقت فرق ڪرڻ ۽ فرق ڪان هڪ انچ هٽڻ به نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ جي شان ۽ مقامِ نبوت ۽ رسالت خلاف آهي. ائين هرگز نه ٿئي جو دغاباز ۽ خيانتدار ماڻهن جي طرفداريءَ ۾ ٻي ڌر سان لڙائي ڪرين. ٻن ڌرين جي وچ ۾ اختلاف بابت سچ ۽ حق وارو فيصلو ڪرڻ نهايت نازڪ معاملو آهي، جنهن ۾ سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ الله جي حفاظت ۽ پناهه طلب ڪجي. تون به غلطين کان بچاءَ لاءِ الله جي پناهه ۽ حفاظت طلب ڪندو رهه. الله نهايت غفور ۽ رحيم آهي، جنهن جو ٻڌايل هدايت نامو غلطين کان بچڻ لاءِ رهبريءَ جو ذريعو آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر خيانت ۽ بدديانتي رکن ٿا. تون انهن جو طرفدار ٿي هنن جي مدد ۾ جهڳڙو نه ڪر. الله اهڙن ماڻهن کي پسند نٿو ڪري، جيڪي خيانت ۽ گناهن ۾ غرق آهن. "خَآئِنٌ" (خيانت ڪندڙ) جي مدد ڪرڻ ۾ به ماڻهوءَ جو شمار خيانت ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو. مولانا مودودي رحمه الله لکن ٿا ته جيڪو شخص اهو سمجهي ٿو ته مان ڪنهن ماڻهوءَ سان خيانت ڪري رهيو آهيان، ائين نه آهي، پر اصل ۾ هو پاڻ پنهنجي نفس (ذات) سان خيانت ڪري رهيو آهي، ڇوته دل و دماغ جون قوتون ۽ صلاحيتون

جيڪي هن وٽ امانت طور رکيل آهن، هي انهن کي مجبور ڪري، حق جي راهه ڇڏي خيانت ڪري ٿو. اهي خيانتدار ماڻهو ماڻهن کان ته پنهنجي خيانت لڪائين ٿا، پر هو الله کان ڪجهه به لڪائي نٿا سگهن، حالانڪ ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي مجلسن ۾ اهڙا اهڙا فيصلا ڪن ٿا، جيڪي خدا کي پسند ناهن. ان وقت به الله هنن سان گڏ آهي ۽ سندن هر ڳالهه ۽ سازش کان باخبر آهي ۽ هر شيءِ سندس علم جي دائري ۾ آهي. "يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِي الصُّدُوۡرُ" (المؤمن: 19/40) هو خائن جي اکين واري خيانت ۽ دلين جي راز کان واقف آهي. مسلمانن کي گهرجي ته هو هم مذهب، هم مسلڪ يا پنهنجو قبيلو ۽ قوم سمجهي ڪنهن ڏوهاريءَ جي مدد نه ڪن ۽ بيگناهن تي الزام نه هڻن. (المائده: 5/8-2، التوبه: 78/9، النور: 24/ 23-12-11، الاحزاب: 33/ 58، البروج: 10/85)

ياد رکو هن دنيا ۾ ته اوهان پنهنجي چرب زباني يا طاقت جي زور تي ڪنهن مجرم جي مدد ۾ جهڳڙا ڪيو ٿا ۽ ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، پر حساب ڪتاب واري ڏينهن، مڪافات عمل جي عتاب ۾ خدا سان ڪير جهڳڙو ڪري سگهندو ۽ هنن جي وڪالت ڪندو. (بني اسرائيل: 47/17) ها جيڪڏهن ڪنهن کان ڪا غلطي ٿي آهي يا برائي ڪري وينو آهي، يا پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪري پنهنجو نقصان ڪري وينو آهي ۽ پوءِ پنهنجي غلطي ۽ گناهه تي شرمساري محسوس ڪري توبه ڪري ٿو ۽ بخشش گهري ٿو ته الله وٽ ان جي بخشش جو دروازو ڪليل آهي. (النساء: 171/4، هود: 114/11، الفتح: 6/48) هو پنهنجي رب کي هميشه بخش ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو ڏسندو. پر جيڪڏهن ڪو گناهه ڪري ٿو ۽ معافيءَ جو طلبگار نٿو ٿئي ته ان برائيءَ جو بدلو به ان کي ملندو. ان ڪري ڪو گناهه يا غلطي ٿئي ته ان جو اعتراف ڪري ۽ ان جي دنيا واري سزا پوڳي، الله کان بخشش گهري ته الله بخش ڪندو ۽ آخرت جي عذاب کان بچي ويندو. هر ماڻهو جيڪو به گناهه ڪري ٿو ته ان جو وبال به سندس سر تي ئي آهي. الله هر شيءِ جو علم رکڻ وارو ۽ سندس هر حڪم حڪمت وارو آهي.

قصوروار ہیں سب اعتراف کون کرے
سزا کا فیصلہ اپنے خلاف کون کرے

وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓـَٔةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـًٔا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّ
اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿١١٢﴾ وَلَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَرَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ
مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ۭ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ۭ
وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ۭ وَكَانَ فَضْلُ
اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾ لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ الثلثة
مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۢ بَيْنَ النَّاسِ ۭ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ
اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا
تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ
جَهَنَّمَ ۭ وَسَاۗءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾

ٿورو سوچيو تہ جيڪڏهن ڪو شخص گناهہ يا جرم ڪري ٿو ۽ ان جي تهمت ڪنهن بي گناهہ تي لڳائي ٿو تہ هن ٻيڻو گناهہ ڪيو. هڪ جرم جو گناهہ ٻيو بهتان جو گناهہ. (112) توتي قرآن جو نزول الله جو وڏو فضل آهي، پر جيڪڏهن خدا جو اهو فضل توتي نہ هجي ها تہ منافقن جو هڪ ٽولو پڪو پهہ ڪري چڪو هو تہ توکي سڌي رستي کان ٿيڙي ڇڏي. هو تنهنجو ڪجهہ بگاڙي نٿا سگهن پر پاڻ کي گمراهيءَ طرف ڌڪي رهيا آهن. اي نبي محترم ﷺ! الله توکي پنهنجي ڪتاب ۽ حڪمت سان نوازيو آهي ۽ توکي اها تعليم عنايت ڪئي آهي، جنهن ڪان هن ڪان اڳ تون واقف نہ هئين. توتي الله جو فضل عظيم آهي.(113) هنن مخالفن جي زياده تر سرگوشين ۾ ڪا بہ ڀلائي نہ هوندي آهي. ها اهڙن ماڻهن جي سرگوشين ۾ يقيناً ڀلائي آهي، جيڪي (ان ۾) صدقي ۽

خيرات جي تلقين ڪن ٿا يا نيڪي جو رستو ٻڌائين يا ماڻهن جي اصلاح بابت هجن. جيڪو شخص به الله جي رضا طلبڻ خاطر ائين ڪندو، انهن کي عنقريب اسان اجر عظيم عطا ڪنداسون. (114) پر جيڪو شخص به الله جي رسول (خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ) جي مخالفت ڪندو ۽ واضح هدايت اچڻ بعد حق جي راهه ڇڏي ٻيو رستو اختيار ڪندو ته اسان به ڪيس ان طرف موڙي ڇڏينداسون، جنهن طرف هو پاڻ مڙڻ وارو آهي ۽ آخر ڪار ان کي دوزخ حوالي ڪنداسون، جيڪو نهايت برو ٺڪاڻو آهي. (115)

---

جيڪڏهن ڪو ماڻهو گناهه يا غلطي ڪري ٿو ۽ ان جو الزام ڪنهن بيڏوهيءَ تي هڻي پنهنجي جان بچائي ٿو ته سمجهو هن پنهنجي مٿان وڏي بهتان ۽ گناهه جو بار وڌو، هڪ ته هن ڪان غلطي ٿي جو هن گناهه يا ڏوهه ڪيو، ٻيو اهو گناهه جو هو ڪنهن بيقصور تي ڪوڙو الزام هڻي گناهه ڪنهن ٻئي تي مڙهي ٿو ته ٻئي تي گناهه مڙهڻ به هڪ وڏو ڏوهه آهي. (النور: 23/24، الاحزاب: 58/33، البروج: 10/85) جيڪڏهن الله جو فضل ۽ رحمت توسان شامل نه هجي ها ته هنن منافقن جي هڪ ٽولي جو پڪو منصوبو هيو ته توکي گمراهه ڪن ۽ غلط بياني ڪري پنهنجي حق ۾ غلط فيصلو ڪرائين، جو گنهگار ڇٽي وڃي ۽ بي ڏوهي ڏوهي قرار ڏنو وڃي. حقيقت حال اها آهي ته هو دراصل پاڻ کي گمراهيءَ ۾ ڌڪيلي رهيا هئا ۽ توکي ڪو به نقصان پهچائي نه سگهيا، ڇو ته الله طرفان تنهنجي رهبري لاءِ آيات نازل ٿيون ۽ حڪمت عطا ڪئي اهڙي طرح جو ڪجهه توکي معلوم نه هيو، ان جو الله توکي علم عطا ڪيو. بيشڪ هي الله جو توتي وڏو احسان آهي، جو دشمنن جي سازش ناڪام وئي ۽ تنهنجو ڪيل فيصلو حق ۽ سچائي تي مبني رهيو. ”وَ عَلَّمَكَ مَالَمۡ تَكُنۡ تَعۡلَمُ مِنۡ خَبَرِ الۡاَوَّلِيۡنَ وَالۡاٰخِرِيۡنَ وَمَا كَانَ وَمَا هُوَ كَائِنٌ“ (تفسير ابن جرير) ۽ الله تعاليٰ توکي اهڙو ته علم عطا ڪيو، جنهن جو توکي پهريان علم ڪونه هيو. يعني گذريل زماني ۽ ايندڙ زماني، ماضي ۽ مستقبل جي علوم کان آگاهه ڪيو، جيڪو ڪجهه ٿي گذريو آهي ۽ جيڪي ڪجهه اڳتي ٿيڻ وارو آهي، اهو سمورو علم عطا ڪيو ويو. توکي

بيمثال ڪتاب قرآن جي احڪامن جو علم عطا ڪيو ويو ۽ انهن حڪمن يعني نهي ۽ امر جي حڪمن سان بہ تنهنجو سينو مبارڪ لبريز ڪيو ويو.

نفي جا 'لآ اِلٰہَ' ۾ آهي، تنهن انڪار تان صدقي
جو 'اِلَّا اللّٰہُ' ۾ اقرار، تنهن اقرار تان صدقي (سرشار عقيلي)

جَمِیْعُ الْعِلْمِ مِنَ الْقُرْآنِ لٰکِنْ
تَقَاصَرَ عَنْہُ اِفْھَامِ الرِّجَالِ

قرآن ۾ تہ اهي سڀ علم موجود آهن، جيڪي انسان جي رهبري ۽ هدايت لاءِ آهن، پر انساني فهم انهن جي سمجهڻ کان قاصر آهي.

حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ اُوْتِیَ الْقُرْآنَ فَرَاٰی اَحَدًا اُوْتِیَ مِنَ الدُّنْیَا اَفْضَلَ مِمَّا اُوْتِیَ فَقَدْ صَغَّرَ عَظِیْمًا وَ عَظَّمَ صَغِیْرًا" جنهن کي قرآن جو علم عطا ٿئي، اهو پاڻ کي دنيا واري علم کان ڪمتر سمجهي تہ هن ننڍڙي شيءِ کي وڏو ڪيو ۽ عظيم شيءِ کي حقير ڪيو.

هي منافق مسلمانن کان لڪي رات جو اونداهي ۾ ڪٺي گڏجي مسلمانن جي خلاف سرگوشيون ۽ مشورا ڪندا هئا. هنن جا اڪثر اهي ڳجها مشورا خيرو برڪت کان خالي هوندا هئا. (المجادله: 58/10-9) جنهن ۾ هنن جون منفي ڪارروايون شامل هيون، الله اهڙن مشورن کي پسند نٿو ڪري، پر جيڪڏهن ڪو صدقي، خير، صلح صفائي يا نيڪيءَ جي ڪمن ۾ صلاح مشورو ڪري ٿو تہ اهو درست آهي. جيڪو بہ ماڻهو اهڙا مشورا ۽ سرگوشيون الله تعالىٰ جي رضا خاطر ڪري ٿو تہ اسان ان کي عنقريب تمام وڏو اجر عطا ڪنداسون (المجادله: 9/58) پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن هدايت ۽ رهبري اچڻ کان پوءِ بہ الله جي رسول ﷺ جي مخالفت تي قائم آهي ۽ هو مؤمنن وارو رستو ڇڏي، ٻيو رستو اختيار ٿو ڪري تہ اسان بہ ان کي ان طرف موڙي ڇڏيندا آهيون، جنهن طرف هن پاڻ وچڻ اختيار ڪيو آهي. (الصف: 5/61) ۽ آخرڪار هن جو انجام جهنم جي باهہ آهي ۽ جنهن جو نڪاڻو دوزخ ٿيو تہ اهو تمام برو نڪاڻو آهي. اهو ئي الله جو قانون آهي تہ نيڪي ڪندڙن لاءِ جنت ۽ برائي ڪندڙن لاءِ دروزخ آهي.

ياد رهي تہ انصار جي بني ظفر قبيلي جي هڪ شخص طعمه نالي منافق جنهن

ظاهري طور مسلمانن جو روپ اختيار ڪيو هو، تنهن مسلمان جي زره چورائي، هڪ يهوديءَ وٽ گروي (يا امانت) رکي هئي. جاچ بعد مال يهودي جي گهر مان مليو. يهوديءَ چيو ته هي مال طعمه مون وٽ رکيو آهي. طعمه چيو ته يهودي ڪوڙ ٿو هڻي. طعمه جا هم خيال مسلماني لباس ۾ منافق طعمه کي بي قصور ڪرائي رهيا هئا. فيصلو نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ وٽ آيو. ظاهري طرح طعمه جو گروه مسلمان هجڻ جي ناتي حضور خاتم النبيين ﷺ کي يهودي خلاف فيصلو ڏيڻ جو چئي رهيا هئا. مگر الله هنن آيتن ذريعي پنهنجي رسول خاتم النبيين ﷺ جي رهنمائي ڪري صحيح فيصلو ڪرايو ۽ طعمه کي ڏوهي قرار ڏنو ويو ۽ يهوديءَ کي بري ڪيو ويو. طعمه هن فيصلي بعد سڌرڻ بجاءِ مشرڪن ۾ شامل ٿي ويو، جنهن لاءِ الله جو قول آهي ته جيڪو ماڻهو جيڪا راهه اختيار ڪندو، اسان به ان کي اوڏانهن وڃڻ جو اختيار ڏيندا آهيون. (الصف: 5/61) (ترمذي، حاڪم، ابن سعد، ابن جرير وغيره)

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَ يَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ
يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿۱۱۶﴾ اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّاۤ اِنٰثًا ۚ
وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿۱۱۷﴾ لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ
نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿۱۱۸﴾

وقف لازم

غور سان ڏسو ته منافقن جي اها روش شرڪ برابر آهي، ان ڪري ڪين ٻڌايو ته الله هن روش کي معاف نٿو ڪري ته ان سان ڪنهن کي شريڪ بڻايو وڃي. پر شرڪ کان گهٽ وارا گناهه جنهن کي گهري ته مشيت خداوندي مطابق معاف ڪري. جيڪو شخص الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪري ٿو ته اهو پرانهين گمراهي ۾ ڦٽڪي چڪو آهي. (116) (افسوس ته هي عقل جا انڌا) الله کان سواءِ جيڪڏهن اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن ٿا ته اها ديوين جي ڪن ٿا ۽ شيطان مردود کي ئي التجائون ڪن ٿا. (117) جن تي الله جي لعنت ٿيل آهي، جنهن اهو چيو آهي ته مان تنهنجي ٻانهن مان هڪ مقرر حصو ضرور حاصل ڪندس. (118)

هن کان اڳ شرڪ ڪرڻ ۽ توبه نہ ڪرڻ جي سزا جو بيان هيو. هاڻي انهن مشرڪن جي عقيدن ۽ اهي شيطان جي ڪهڙي طريقي سان پوڄا ڪن ٿا، ان جو ذڪر آهي. شرڪ سڀني گناهن کان وڌيڪ خراب، شنيع ۽ ذلت آميز عقيدو آهي. الله سان ڪنهن کي شريڪ بنائڻ اهڙو گناهہ آهي، جيڪو الله بخش نٿو ڪري. (النساء: 4/116-48) انسان جون ٻيون خطائون ۽ لغزشون، جيڪڏهن ٻانهو معافي گهري تہ قابل معافي آهن. پر شرڪ اهڙو گناهہ آهي، جنهن لاءِ معافيءَ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، ڇو تہ شرڪ خدا جي مقابلي ۾ متوازي حڪومت قائم ڪرڻ آهي. اها روش يعني الله سان شرڪ ڪرڻ صحيح رستي کان گمراهہ ڪري تمام پرانهين هنڌ تي پهچايو ڇڏي. هي مشرڪ خدا سان ڪنهن کي شريڪ بنائن ٿا ۽ ڪنهن کي تڪليف ۾ پڪارين ٿا، هي ديوين کي پڪارين ٿا ۽ اهي شيطان مردود کي سڏين ٿا، جيڪو الله جي لعنت ۽ ڦٽڪار هيٺ آهي. شيطان چيو تہ (اي الله) مان تنهن جي ٻانهن مان ڪجهہ کي گمراهہ ڪري پنهنجو مقرر حصو وٺي ڇڏيندس. ياد رهي تہ مڪي جي مشرڪن پنهنجن ديوين، جن جي هو پوڄا ڪندا هئا، مؤنث نالا رکيا هئا. جيئن لات منات عزّىٰ وغيره يا فرشتن کي الله جون نياڻيون (ڌيئرون) سمجهندا هئا ۽ انهن جي پوڄا ڪندا هئا. انسان پنهنجي هٿ جي جوڙيل بي جان، بي بس ۽ بي حس لڪڙي يا پٿر کي پنهنجو حاجت روا سمجهندي شرڪ ڪندا هئا. شرڪ ظلمِ عظيم آهي، جو انسان کي اشرف المخلوقات واري مقام کان محروم ڪري، هٿ جي بنايل مورتين آڏو جهڪي ۽ حاجت روائيءَ لاءِ پڪاري ٿو. اهو بہ شيطان کي پوڄا ڪرڻ ۾ اچي ٿو، ڇوتہ ديوي ديوتائون، فرشتا وغيره الله تعالىٰ جون ڌيئرون نٿا ٿي سگهن. هنن جي پوڄا شيطان جي پوڄا آهي. ”وَلَقَدۡ كَرَّمۡنَا بَنِيٓ ءَادَمَ“ بني آدم انسان تہ صاحب توقير عزت و اڪرام آهي. اهو شرڪ جهڙي ذلت جي کڏ ۾ ڪيئن ڪري ٿو. شرڪ جو ٻيو قسم هي آهي تہ پنهنجي علماءِ ۽ مشائخ جي حڪمن کي الله جي حڪمن تي ترجيح ڏيڻ، جيڪا روش مڪي جي مشرڪن جي بہ هئي تہ يهود ۽ نصارىٰ جي پوئلڳ ماڻهن جي بہ هئي. (البقرہ: 2/135، آل عمران: 3/64، يوسف: 12/106، النحل: 16/100) هو انهن بتن کي الله کونہ سمجهندا هيا، پر يقين رکندا هيا تہ اهي سندن حاجتون، مشڪلاتون، خواهشون ۽ اميدون پوريون ڪندا آهن، جنهن ۾ ڪين الله جي ضرورت ناهي، پر الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت ڪرڻ يا انهن جي حڪمن کي خدا جي حڪمن تي ترجيح ڏيڻ شرڪ آهي ۽ اهوئي شرڪ اعظم آهي. آيت 48 ۾ بہ

شرڪ جو بيان آيو آهي. ياد رهي ته شيطان ڪا مجسم شيءِ نه آهي، جو ان کي ڏسي سجدو ڪن، پر شيطان جي انڌي پيروي، جيڪا الله جي حڪمن خلاف هجي، اها به شرڪ آهي، جو ته اها به اطاعت آهي، جيڪا عبادت ٿئي ٿي. ڪافر الله کي ڇڏي، چند مؤنث مورتين جي پوڄا ڪن ٿا، جهڙيءَ طرح لات، منات عزىٰ وغيره. مورتين جي پوڄا سان گڏ شيطان سرڪش کي پڪارين ٿا يا ان جي پرستش ڪن ٿا. سواءِ ٿورڙن جي ٻيا شڪر ڪرڻ وارا نه آهن. (سبا: 13/34) هت "يَدْعُوْنَ" "يَعْبُدُوْنَ" جي معنىٰ ۾ آهي. شيطان حضرت آدم عليه السلام کي سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پاڻ کي آدم عليه السلام کان مٿي مخلوق سمجهيو ۽ حضرت آدم عليه السلام کي حقير مخلوق سمجهي، تڪبر ۾ اچي الله جي حڪم جو منفي جواب ڏنو، ان ڪري لعنتي ٿي ويو ۽ ان وقت ئي پڪو پهه ڪيائين ته آدم عليه السلام کان اهو بدلو ضرور وٺندس ۽ تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪرڻ وارو پنهنجو منصوبو ضرور بروءِ عمل آڻيندس.

وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الْاَنْعَامِ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَّخِذِ الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ﴿۱۱۹﴾ يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيْهِمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿۱۲۰﴾ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۫ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿۱۲۱﴾

۽ مان هنن کي ضرور گمراهه ڪندس، انهن کي غلط اميدن ۾ الجهائيندس. هنن کي حڪم ڏيندو رهندس ۽ جانورن جا ڪن ڪاٽڻ سيڪاريندس ۽ سيڪاريندس ته خدا جي ناهيل شين ۾ تبديلي آڻين ۽ بگاڙين جنهن به الله سان ناتو ٽوڙي شيطان کي پنهنجو سرپرست بڻايو ته سچ پچ اهو وڏي خساري وارو رهيو. (119) شيطان هنن سان (ڪوڙا) واعدا ڪري ٿو ۽ ڪوڙيون اميدون ڏيڪاري ٿو. شيطان جو وعدو فريب ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. (1120) هي اهي ماڻهو آهن، جن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهي اتان نڪرڻ جي ڪا به جڳهه نه ڏسندا.(121)

شيطان چيوتہ مان رازدانِ بارگاھہ تي ويو آھيان، ھاڻي ان جو بدلو انسان کان وٺندس ۽ ائين ضرور ڪندس تہ ھنن کي سچ حق ۽ عمل جي بدلي ڪوڙين خيالي آرزوئن ۾ مشغول رکندس ۽ ھر حالت ۾ انھن کان شرڪ وارا ڪم ڪرائيندس. ”اُمْنِيَّةٌ“ ڪوڙين اميدن، آرزوئن ۽ دلاسن کي سڏيو ويندو آھي. غور ڪريو تہ شيطان ڪھڙي مھارت ۽ افسرنگريءَ سان اميدن ۽ آرزوئن جا سُنھري خواب ڏيکاري، متاعِ ايمان لُٽي ٿو. اميدن جا خوبصورت محلات تعمير ڪري ٿو ۽ آرزوئن جا حسين ترين جھان اکين آڏو پيش ڪري ٿو. ڪھڙيءَ طرح جاہ و مرتب جا خيالي منظر پيش ڪري ٿو ۽ ھر شخص کي سندس خواھشن مطابق دعوت ڏئي، راهِ حق کان ٿيڙي ٿو. ھن گمراھيءَ سان گڏ ھنن کي جعلي معبودن لاءِ نذر نياز ڏيارڻ لاءِ سندن جانورن جا ڪن ڪٽين ٿا تہ ھي جانور بتن جي نذر و نياز لاءِ چڏيل آھن. خدا جي مخلوق ۾ تبديلي ڪرڻ لاءِ جانورن کي نشانزدہ ڪرڻ مردن کي خصي ڪرڻ، عورتن جو حليو بگاڙڻ جھڙا ڪم ڪرائي ٿو. پوءِ ھو پنھنجن غلط عقيدن موجب جانورن جا ڪن چيريندا ۽ پوءِ انھن جانورن کي پنھنجي ديوتا بتن جي نالي ڪري ڇڏيندا ۽ پوءِ مان ھنن کي حڪم ڏيندس ۽ ھو منھنجي حڪم جي پيروي ۾ خدا جي خلقت ۾ ردو بدل ڪندا. اھي مشرڪ پنھنجي ھر عمل ۾ شيطان جي وسوسن ۽ گمراھہ خيالن ۾ رھندا. ياد رکو جيڪو ماڻھو بہ الله جي اطاعت کي ڇڏي شيطان جي پيروي ڪندو ۽ ان کي پنھنجو دوست ۽ رفيق بڻائيندو تہ يقينًا اھو وڏي نقصان ۽ کلي تباھيءَ ۾ اچي ويندو. شيطان اھڙن گمراھہ ماڻھن کي دلفريب وعدن سان تباھي طرف ڌڪيلي ٿو. اھو گمراھہ ٽولو شيطان جي پاڻ تہ پوڄا ۽ پيروي ڪري ٿو، پر پنھنجي مال متاع کي بہ جدا جدا قسم جا نشان هڻي، بتن جي نذرونياز لاءِ مخصوص ڪري ٿو. اھي ئي ماڻھو آھن، جن جو نڪاڻو نيٺ جھنم ئي آھي ۽ ان ۾ ھميشہ سڙندا رھندا، ھو ان دوزخ مان ڀڄي نڪرڻ جي واٽ نہ لھي سگھندا.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ
قِيْلًا ﴿۱۲۲﴾ لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ

بِهٖ ۙ وَ لَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿۱۲۳﴾ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِنَ
الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا
يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿۱۲۴﴾ وَ مَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَ هُوَ
مُحْسِنٌ وَّ اتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿۱۲۵﴾
وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ مُّحِيْطًا ﴿۱۲۶﴾ ع ۱۸ ۱۱ ۱۵

پر انهن ماڻهن جي برعڪس جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا. انهن ڪي اسان عنقريب اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسون جن جي دامن ۾ نهرون وهندڙ هونديون، جتي هو سدا بهار جي زندگي بسر ڪندا ۽ هميشہ رهندا. الله جو وعدو سچو آهي ۽ الله کان وڌيڪ پلا ڪير پنهنجي قول تي سچو ٿي سگهي ٿو. (122) الله جي وعدي مطابق زندگي جون اهي شادابيون نہ اوهان جي آروزوئن مطابق ملي سگهن ٿيون ۽ نہ مخالف ڌر (اهل ڪتاب) جي امنگن موجب، پر جيڪو برائي ڪندو تہ ان جو بدلو ڪيس ملندو ۽ الله جي جاءِ تي الله کان سواءِ هو ڪنهن کي بہ پاڻ لاءِ حامي ۽ مددگار نہ لهي سگهندو. (123) ۽ جو ڪوئي نيڪ عمل ڪندو اهو مرد هجي يا عورت ۽ ايمان جي نعمت سان مشرف هوندو تہ اهڙا انسان ئي الله جي جنت ۾ داخل ٿيندا. ۽ انهن جي ذرا پر بہ حق تلفي نہ ٿيندي. (124) هي منافق مؤمنن تي مشرڪن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ نٿا سمجهن تہ ان شخص کان وڌيڪ ديندار ڪير ٿي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجو پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ هو صاحبِ احسان بہ هجي ۽ دين ابراهيم ؑ جو پيروڪار بہ هجي. جيڪو هر طرف کان ڪٽجي الله لاءِ يڪسو ٿي چڪو هو. ۽ الله ابراهيم ؑ کي پنهنجو دوست ڪيو هو. سو اهو ديندار شخص بہ ابراهيم

عليه السلام جي اتباع ۾ الله جو دوست ٿي ويو. (125) زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪي ڪجهه آهي، اهو الله جي دست قدرت ۾ آهي، اتي به اهو ساڳيو نظام ئي رائج آهي ۽ الله جو اهو اطاعت وارو قانون هر شيءِ تي لاڳو آهي. (126)

متي ذڪر ڪيل شيطاني ٽولي جي ابتڙ ٻيا اهڙا ماڻهو جيڪي الله ۽ الله جي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي زبان جي اقرار ۽ دل جي تصديق سان ايمان آڻين ٿا ۽ ان جي صداقت تي يقين رکن ٿا ۽ ان مطابق نيڪي ۽ ڀلائي وارا ڪم ڪن ٿا ته اسان انهن کي اهڙن ابدي راحت ۽ سرور وارن باغن ۾ رکنداسون، جن کي هميشه سرسبز ۽ شاداب رکڻ لاءِ انهن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون. هي خوشبخت ماڻهو هميشه انهن آرامده باغن ۾ رهندا. هي الله جو اهڙو واعدو آهي، جو سراپا سچ آهي. ڀلا وعدي ۽ قول و انجام ۾ الله کان وڌيڪ ڪير سچو ٿي سگهندو.

اي مسلمانؤ! نجات ۽ سعادت جو دارومدار نه توهان جي خواهشن تي آهي، ته نه وري اهل ڪتاب جي خود ساخته آرزوئن ۽ عقيدن تي آهي. ان جو تعلق صرف ۽ صرف ايمان ۽ نيڪ عمل تي آهي. جيڪو ماڻهو به برائي ڪندو ته يقينًا ان جو بدلو ان کي ملندو. اهڙي بدبخت انسان جو الله نه ئي دوست هوندو ۽ نه وري مددگار هوندو. پر جيڪو ماڻهو مرد هجي يا عورت چڱو ڪم ڪندو (آل عمران: 195/3، النساء: 124/4، النحل: 97/16، المؤمن: 40/40) ان جو الله تي پورو ايمان آهي. ته اهڙا ماڻهو ئي آهن، جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ جن جي نيڪ ڪمائي مان ذرو به ڪمي، حق تلفي ۽ بي انصافيءَ سبب زيادتي ۽ ظلم نه ٿيندو ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪير دينڊار ٿي سگهندو، جنهن الله جي آڏو اطاعت لاءِ سر جهڪائي، هن جي قانون جي پيروي ڪئي ۽ احسان جي اعلىٰ مقام تي فائز ٿيو ۽ ابراهيم عليه السلام جي ملت ۽ دين وارو طريقو اختيار ڪيو. ياد رکو ابراهيم عليه السلام کي الله پنهنجو خليل (مخلص دوست) جو درجو عطا ڪيو. يهودي ۽ عيسائي انهيءَ دين ابراهيميءَ کان هٽي ويا هئا. توريت ۽ انجيل ۾ خود ساخته ڳالهيون ابراهيم عليه السلام ڏي منسوب ڪندا هئا. حالانڪ توريت ۽ انجيل حضرت ابراهيم عليه السلام کان گهڻو بعد آيا. زمين ۽ آسمان ۾ شروع کان ئي الله جو اهو نظام جاري وساري آهي ۽ الله جي ڏنل طريقي تي

ڪاربند آهي. ڪائنات جون سموريون شيون قدرت جي قبضي ۾ آهن، جنهن هنن کي پنهنجي دائري اختيار جي گهيري ۾ رکيو آهي. انسان لاءِ ساڳيو نظام عدل ۽ توازن آهي. رڳو انسان کي ان ۾ اختيار ۽ ارادي جي اجازت آهي، باقي ڪائنات پنهنجي مقرر ڪيل رستي تي روان دوان آهي، ان ڪري انسان کي بہ ان الله جي اطاعت ۽ بندگي ڪرڻ گهرجي، جنهن جي زمين ۽ آسمانن تي حڪمراني ۽ اختيارآهي ۽ هو پنهنجي ارادي ۽ اختيار جو غلط استعمال نہ ڪري، پر درست استعمال ڪري، جهڙيءَ طرح باقي ڪائنات ڪري رهي آهي. (حٰم السجده: 41/ 30 کان 35)

وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ﴿۱۲۷﴾

۽ (اي پيغمبر ) تو کان ماڻهو عورتن بابت وڌيڪ معلومات وٺڻ گهرن ٿا. ڪين چؤ تہ هن کان اڳ ڏنل حڪمن کان علاوه الله هي حڪم بہ يتيم نياڻين يا بيوه عورتن يا يتيم غيرشادي شده عورتن لاءِ ڏئي ٿو تہ اوهان انهن جا حق مهر ڏيڻ بدران ساڻن نڪاح ڪرڻ گهرو ٿا اهو غلط آهي ۽ بي سهارا ٻارڙن لاءِ بہ ساڳيو حڪم آهي. يتيم ڪير بہ هجي ڇوڪرو ڇوڪري يا بي سهارا عورت، انهن سيني سان هميشه انصاف ڪريو. بلڪ انصاف کان بہ اڳتي حسن سلوڪ جو رويو اختيار ڪريو، جيڪا بہ ڀلائي توهان هنن سان ڪندؤ، اها رائگان نہ ويندي. خدا اوهان جي هر عمل جو علم رکي ٿو. (127)

الله جي ڏنل هن نظام مان معاشرتي ۽ عائلي قانون بابت ڪجهہ حڪم هن کان

اڳ بيان ٿي چڪا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ اي رسول ﷺ! ماڻهو عورتن جي باري ۾ مزيد معلوم ڪرڻ گهرن ٿا. ڪين ٻڌاءِ ته الله توهان کي هن ڪان اڳ هن سورت ۾ النساءِ: 3/4 ۾ جيڪي احڪام ڏنا آهن، انهن جي تسلسل ۾ مزيد احڪام ڏئي ٿو ته هن ڪان اڳ وَاِنۡ خِفۡتُمۡ اَلَّا تُقۡسِطُوۡا فِی الۡیَتٰمٰی مان مراد به يَتٰمَى النِّسَآءِ هيو، جيڪو هن آيت ۾ چتو ٿيو آهي ته هي احڪام انهن يتيم ڇوڪرين يا يتامیٰ النساء يعني بيوهه، يتيم عورتون، يا ڪنوارين يتيم عورتن جن جا مقرر حق ورثي، ترڪي ۽ مهر مان اوهان ڏيڻ نٿا گهرو ۽ گهرو ٿا ته هنن کي نڪاح ۾ آڻيو ته اهو غلط آهي. انهن جا واجبات مال وارثت هجي، يا مهر هجي يا جيڪو به عهد ڪيو هجي، هنن کي ضرور ڏيو ۽ اهو ئي حڪم ڪمزور يتيم ٻارن لاءِ آهي، جيڪي بي سهارا ٿي ويا آهن. بهرحال يتيم ڪو به هجي، عورتون، ڇوڪريون، يا ڇوڪرا انهن سان هميشه انصاف ڪريو. اجا به انصاف کان هڪ قدم اڳتي احسان يعني حسن سلوڪ ڪريو. هنن بي سهارا يتيمن سان اوهان جيترو به پلو هلندا، اهو ضايع ڪو نه ويندو. خدا وٽ ان جو اجر عظيم آهي. ڇو ته الله اوهان جي عمل ۽ نيتن جو پورو پورو علم رکي ٿو. يتيمن بابت وڌيڪ احڪام ڏسو (البقره: 220/2، النساء: 4/ 20-36 ، الحاقة: 34/69، الدهر: 76/ 8، الفجر: 89/ 17-18-19، البلد: 90/ 15، الماعون: 107/ 2-3)

ياد رهي ته ڇوڪرو بالغ ٿيڻ بعد يتيم نٿو رهي، پر نياڻيءَ جي جيستائين شادي نٿي ٿئي، تيستائين اها يتيم رهندي. هوءَ به يتيم ڪنواريءَ وانگر ئي آهي، جيڪڏهن بيوه سان مهر ڏئي شادي ڪري ۽ ان جي يتيم ٻارن جو خيال رکي يا سندن ملڪيت جو نگران ٿئي ته سٺو هوندو. پر ان وقت عرب خوبصورت يتيم نياڻيءَ سان بنا مهر جي نڪاح ڪري، سندس مال تي به ناجائز قبضو ڪندا هيا. جيڪڏهن نياڻي خوبصورت نه هوندي هئي ته ان جي مال تي قبضو ڪري، ان کي ڪنهن سان شادي ڪرڻ نه ڏيندا هئا، ته متان ان جو مڙس يتيم جي ملڪيت جو تقاضا ڪري.

وَ اِنِ امۡرَاَۃٌ خَافَتۡ مِنۡۢ بَعۡلِہَا نُشُوۡزًا اَوۡ اِعۡرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَیۡہِمَاۤ اَنۡ یُّصۡلِحَا بَیۡنَہُمَا صُلۡحًا ؕ وَ الصُّلۡحُ خَیۡرٌ ؕ وَ اُحۡضِرَتِ الۡاَنۡفُسُ الشُّحَّ ؕ وَ اِنۡ

تُحۡسِنُوۡا وَتَتَّقُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا ﴿۱۲۸﴾ وَلَنۡ تَسۡتَطِيۡعُوۡۤا اَنۡ
تَعۡدِلُوۡا بَيۡنَ النِّسَآءِ وَلَوۡ حَرَصۡتُمۡ فَلَا تَمِيۡلُوۡا كُلَّ الۡمَيۡلِ فَتَذَرُوۡهَا كَالۡمُعَلَّقَةِ ؕ
وَاِنۡ تُصۡلِحُوۡا وَ تَتَّقُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۱۲۹﴾ وَاِنۡ يَّتَفَرَّقَا يُغۡنِ
اللّٰهُ كُلًّا مِّنۡ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا حَكِيۡمًا ﴿۱۳۰﴾

ها جيڪڏهن عورت کي پنهنجي مڙس کان بيزاري يا بي پرواهي محسوس ٿئي تہ پوءِ انهن ٻنهي تي ڪو ڏوهہ نہ آهي جو هو ٻئي پاڻ ۾ اتفاق سان اصلاح ڪري ونن ۽ حقيقت ۾ صلح جهگڙي کان بهتر شيءِ آهي. صلح دوران رقم جي ڏيتي ليتي جو معاملو ايندو آهي ۽ معاملا سلجهڻ بدران الجهبا آهن. ڇو تہ طبيعتن ۾ بخل ۽ ڪنجوسي آهي. پر اوهان جذبات قابو ۾ رکي حسن سلوڪ کان ڪم وٺو ۽ الله جي قانون جي حفاظت ڪريو تہ ان جو اوهان کي اجر ملندو، خدا جو مڪافات وارو قانون اوهان جي هر ڪم کان آگاهہ آهي. (128) جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ زالون آهن تہ پوءِ اوهان جي وس ۾ ئي ناهي تہ انهن ۾ پورو پورو انصاف رکي سگهو، توڙي ڪٽي اوهان ڪيتري بہ ڪوشش ڪريو تہ برابري ڪري ڪو نہ سگهندا. ان جو تعلق جذبات ۽ دل لڳي سان آهي. جذبات ۽ دل لڳي ۾ برابري ممڪن ناهي. پر ايترو انصاف هجي تہ رڳو هڪ زال ڏانهن مائل نہ ٿي وڃو ۽ ٻيءَ کي لٽڪيل ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن اوهان معاشي ۽ معاشرتي معاملات ۾ حق تلفي ۽ زيادتي کان بچو تہ الله بہ حفاظت ڪرڻ وارو ۽ دائمي شفقت ڪرڻ وارو آهي. (129) پر جيڪڏهن نباهہ جي ڪا بہ صورت نٿي نڪري تہ پوءِ طلاق (عليحدگي) ڪانسواءِ ٻيو چارو نہ آهي. ان صورت ۾ الله هر هڪ کي پنهنجي وسعت سان (نوازي) هڪ ٻئي کان بي نياز بڻائي ڇڏيندو. بيشڪ الله وڏي وسعت وارو آهي ۽ سندس هر فرمان ۾ حڪمت آهي. (130)

جيڪڏهن عورت سرڪشي ڪري ۽ پنهنجي ضد ۽ هوڏ تان هيٺ نہ لهي تہ ان بابت احڪام هن سورت جي آيت 34 ۾ اچي چڪا آهن. هتي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن مرد سرڪشي ڪري ۽ عورت ڪان بي احتياطي ۽ بي پرواهي ڏيکاري ۽ عورت بہ مرد جي بي رغبتي محسوس ڪري تہ پوءِ هنن ٻنهي کي پاڻ ۾ صلح ڪرڻ جي اجازت آهي. (النساءِ: 34/4) جيڪا ٻئي ڌريون رضا خوشي سان قبول ڪن ۽ ان ۾ بي واجبي زيادتي جبر نہ هئڻ گهرجي. جهڳڙي ۽ روز مره جي ڪٽ ڦٽ ڪان مصالحت هر حال ۾ بهتر آهي. ان ۾ ثالث مقرر ڪن، جنهن جو ذڪر سورت جي آيت 34 ۾ اچي چڪو آهي يا مال مهر وغيره ۾ ڪمي پيشي ڪري معاملو سلجهائي ڇڏين. پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ انسان ڪنجوسيءَ ۽ بخل جو شڪار ٿي ويندو آهي. ان ڪري مال دولت تي انساني رشتي کي ترجيح ڏئي، ڌرين کي حسن سلوڪ ۽ خيرخواهيءَ ڪان ڪم وٺي ذاتي جذبات کي قبضي ۾ آڻڻ گهرجي. هڪ ٻئي سان جيترو بہ نيڪي ۽ ڀلائيءَ جو رستو اختيار ڪندو، الله ان ڪان پوريءَ طرح واقف آهي.

هن ڪان اڳ هن سورت جي آيت 3 ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ اوهان جي نڪاح ۾ جيڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ زالون آهن تہ پوءِ توهان کي انهن درميان عدل ۽ ميزان قائم رکڻو آهي. جيتري قدر قلبي ميلان، دلي ڪشش ۽ جاذبيت جو تعلق آهي تہ سڀ زالن سان محبت ۽ چاهت ۾ هڪجهڙو سلوڪ هجي سو انسان جي ڪمزور طبيعت لاءِ ممڪن نہ آهي، پر معاشي معاشرتي ۽ ازدواجي تعلقات ۾ يڪسانيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. ائين نہ ٿئي جو اوهان انهن متعين حڪمن جي لتاڙ ڪري رڳو هڪ زال طرف جهڪي وڃو ۽ ٻين کي مُعلّقه (لٽڪيل) ڪري ڇڏيو. ائين محسوس ٿئي تہ نہ هو شادي شده آهن ۽ نہ وري شادي جي ٻنڌڻ ڪان آزاد آهن. توهان جيڪڏهن اصلاح ڪريو ۽ تقوىٰ جو رستو اختيار ڪريو تہ بدگمانيون دور ٿي وينديون ۽ انهن جي خراب نتيجن ڪان بچي ويندؤ. الله تعالىٰ بہ بخشڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي ۽ الله جي قانون ۾ صلح صفائيءَ جو پورو پورو نظام آهي، پر جيڪڏهن زال مڙس جي اصلاح جي ڪا بہ صورت نٿي ٿي سگهي ۽ هر حالت ۾ هڪ ٻئي ڪان علحدگي ڪرڻ گهرن ٿا تہ پوءِ طلاق يا خلع ذريعي الڳ ٿيڻ جي اجازت آهي، حالانڪ اَبۡغَضُ الۡحَلَالِ اِلَى اللّٰهِ الطَّلَاقُ يعني جن شين جي

اسلام اجازت ڏني آهي، انهن ۾ سڀ کان زياده ناپسنديده طلاق آهي، پر طلاق جي اجازت
بہ ضروري آهي. اهڙي مجبوريءَ جي حالت واري طلاق کي بدسوڻ نہ سمجهيو وڃي.
ممکن آهي تہ هنن جي علحدگيءَ کان پوءِ ٻنهي لاءِ الله ٻيو بهتر انتظام ڪري جيڪو
ٻنهي جي لاءِ خوشحاليءَ جو پيغام هجي. الله وڏي وسعت وارو آهي. هن وٽ ڪنهن شيءِ
جي ڪمي ناهي. ان ڪري هن حڪم ۾ بہ الله جي حڪمت شامل آهي، جنهن جا نتيجا
سٺا نڪرندا بشرطيڪ طلاق ۾ بہ الله جي حڪمن جي پوري طرح پوئواري ڪئي ويندي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ
قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا
فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ۝۱۳۱ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ
وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ۝۱۳۲ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ
وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ قَدِيْرًا ۝۱۳۳ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ
ع ۱۹/۸/۱۲ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ۝۱۳۴ ع

هي الله جل شانه جا احڪام آهن، جن تحت آسمانن ۽ زمين جو نظام ڪاميابي
سان هلي رهيو آهي. ان ڪري اسان انهن ماڻهن کي جن کي توهان کان اڳ
ڪتاب (قانون خداوندي) ڏنا ويا هئا، اهوئي چيو هيو ۽ هاڻي اوهان کي چئون
ٿا تہ الله جي حڪمن جي بجا آوري (نگهداشت) ڪريو. پر جيڪڏهن اوهان بہ
انهن حڪمن جي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ ان سان الله جو ڪو بہ نقصان نہ آهي
(پر اوهان جو نقصان آهي) هي ڪائنات جو سلسلو ساڳي طرح الله جي قدرت
سان هلندو رهندو. الله اوهان جي هن روش کان بي نياز آهي ۽ هر حمد و ثنا جي
لائق آهي.(131) زمين آسمان ۾ جيڪا ڪارسازي ڪارفرما آهي اها سڀ الله

جي آهي ۽ الله جو ڪارساز هئڻ ڪافي آهي. ان ڪري انساني زندگي جا معاملا به ان الله جي سپرد ڪري ڇڏجن (132) اوهان جي هن نافرمانيءَ سبب مشيئت خداوندي گهري ته اوهان سمورن کي فنا ڪري ڇڏي ۽ اوهان جي جاءِ تي ٻين کي آڻي. الله هن ۾ پوري قدرت رکي ٿو (صالح قومون زنده رهن ٿيون، فاسق ۽ فاسد ختم ٿي وڃن ٿا) توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪو شخص دنيا ۾ بدلو وٺڻ گهري ٿو ته ان کي دنيا ۾ بدلو ملي ٿو حالانڪه الله وٽ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو ثواب آهي (133) جيڪو دنيا ۽ آخرت گهري ٿو ان کي ٻئي ملن ٿا. بيشڪ الله هر طلب کي پوري طرح ٻڌڻ ڏسڻ وارو آهي. (134)

هن کان اڳ عائلي، معاشرتي ۽ معاشي حڪمن ۽ هدايتن جو ذڪر هيو، هاڻي خدا جي انهن حڪمن جي پوري طرح پيروي ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اوهان جي زندگيءَ جي اصلاح ۽ خوشگوار بنائڻ لاءِ جنهن الله پاران هي نظام ڏنو ٿو وڃي زمين ۽ آسمانن جو نظام به انهيءَ جي قدرت سان قائم آهي ۽ سڀ ڪجھ ان الله جو ئي آهي. جيڪڏهن ان ۾ ٿوري به قانون جي خلاف ورزي ٿي ته ڪائنات جو سارو ڪارخانو تهس نهس ٿي ويندو. الله جي انهيءَ مقرر ڪيل قانون تحت اوهان کان اڳ جن ماڻهن کي ڪتاب الاهي ذريعي احڪام ڏنا هئا، ساڳي طرح اوهان لاءِ به (ڪتاب الاهي قرآن ذريعي) احڪام ڏنا ويا آهن ته الله جي حڪمن جي انحرافيءَ جي نتيجن کان ڊڄو، جنهن ۾ سخت عذاب جي وعيد آهي. اوهان الله جي حڪمن کي مڃو ۽ ان تي عمل ڪريو ته اوهان پنهنجي لاءِ الله جي رحمت سان خوشحالي ۽ خوشنودي حاصل ڪندا. اوهان کان اڳ ڪيترين ئي قومون بداعمالي ۽ نافرمانيءَ جي ڪري دنيا جي تختي تان مٽجي ويون، جن جو آثار قديمه کان سواءِ نالو نشان به نه آهي. جيڪڏهن اوهان به خدا جي دين ۽ قانون جي پيروي ۽ تابعداري نه ڪئي ته الله جي مشيت جو قانون اوهان کي به هن اقبال ۽ ڪامرانيءَ جي ميدان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي ۽ توهان جي جاءِ تي ٻين کي سرفراز ڪري. ان ڪري الله جي نافرماني ڪري پاڻ کي مڪافات عمل جي عذاب وارين نتيجن کان پاڻ بچايو. "وَاِنْ تَتَوَلَّوْا

يَسۡتَبۡدِلۡ قَوۡمًا غَيۡرَكُمۡ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوۡنُوۡۤا اَمۡثَالَكُمۡ ۠" (محمد: 38/47) پر جيڪڏهن هن هدايت باوجود الله جي حڪمن جي پيروي نه ڪندؤ ته الله جي خدائيءَ کي ڪو نقصان نه ٿيندو، اهي زمين آسمان ان جي ڏنل طريقي تي ڪاربند رهندا. اوهان قانون شڪني ڪري پاڻ کي ئي نقصان ڏيندؤ. الله کي اوهان جي ڪا به پرواهه ناهي، هو غني آهي ۽ هر شيءِ کان بي نياز ۽ هر حمد ۽ تعريف جو مالڪ آهي. ان ڪري انساني زندگيءَ جا سارا معاملا الله جي سپرد ڪري ڇڏجن.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو (شاهه)

* * *

سپردم بتو مایہ خویش را تو دانی حسابِ کم و بیش را

* * *

کارسازِ ما بفکرِ کار ما کار ما درِ فکر ما آزار ما

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

هي زمين ۽ آسمان جيڪي الله جي نظام هيٺ هن جي قدرت سان قائم آهن، ٻڌائي رهيا آهن ته هنن جو ڪارساز الله ئي آهي ۽ ان کانسواءِ ڪو به ٻيو ڪارساز ناهي. هنن ڪائناتي شين کي خدا جي قانون کان سرڪشي ڪرڻ جو اختيار نه آهي، پر انسان کي الله جي مشيت واري قانون مطابق اختيار آهي ته هو حڪم تي عمل ڪري يا نه ڪري. پنهنجو ڀلو برو پاڻ سوچي، پر جيڪڏهن انسان کي به زوريءَ جبر ڪري حڪمن تي عمل ڪرايو وڃي ته اها ڳالهه به الله لاءِ مشڪل نه هئي ۽ ڪري سگهيو ٿي. پر الله انسان کي اختيار ۽ ارادي جي اجازت ڏني آهي پر جيڪڏهن اوهان جي بدلي اهڙا انسان آڻي جيڪي (ٻي ڪائنات وانگر) بغير ڪنهن سوال جواب جي خدا جي حڪمن جي اطاعت ڪن ها ته خدا ائين به ڪري ٿي سگهيو، ائين ڪرڻ جي پوري قدرت رکي ٿو. (ابراهيم: 14/19-29) پر الله تعالىٰ انسان کي اختيار ۽ ارادي جي اجازت ڏني آهي، جنهن ۾ هو دنيا ۽ آخرت جو اجر حاصل ڪري سگهي ٿو. الله جي قانون ۾ هر چڱي ڪم جو اجر هن دنيا ۾ به ملندو ۽

آخرت ۾ به ملندو. (البقره: 200-201/2، آل عمران: 148/3، هود: 11/ 15، بني اسرائيل: 18/17، الشورىٰ 20/42) پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو رڳو دنيا جي نفعي ۽ نقصان جو سوچيندو ته ان کي دنيا ۾ ته ڪجهه ملي ويندو پر آخرت جي اجر کان محروم هوندو. هي ڪيڏي نه ناداني ۽ ڪم عقلي آهي، جو ماڻهو مال و دولت لاءِ جهھاد ڪري ۽ آخرت جي فائدن کان محروم رهي. الله ته دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو ثواب ڏئي ٿو. الله انسان جي دنيا واري درخواستن کي به ٻڌي ٿو ۽ آخرت جو اجر به هن جي علم ۾ آهي ۽ اهو رڳو الله جي اطاعت ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ۾ آهي، ٻئي ڪنهن به قانون ۾ گنجائش نه آهي. جيڪي ڪتاب هن کان اڳ نازل ٿيا ۽ هي قرآن به ماڻهن کي ساڳيو تقوىٰ جو حڪم ڏئي ٿو. دين جو سارو دارومدار تقوىٰ تي آهي. دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿي ويو ته پوءِ انسان جو ظاهر ۽ باطن سڌري ويندو، پر جيڪڏهن دل خوفِ خدا کان آشنا ناهي، ته پوءِ زبان سان ڀلي پارسائي ۽ بزرگيءَ جا هزارين دعوىٰ ڪيا وڃن، هنن جي اصلاح نٿي ٿي سگهي.

خرد نے کہہ بھی دیا لا الٰہ تو کیا حاصل
دل و نگاہ مسلماں نہیں تو کچھ بھی نہیں (اقبال)

قرآن مجيد جو اهو اندازِ خطاب آهي ته جڏهن به معاشي معاشرتي، اخلاقي ۽ اطاعتِ خداوندي جا احڪام ڏنا ويندا آهن، ته ان جي آخر ۾ اهڙي حقيقت ذهن نشين ڪرائي ويندي آهي، جنهن سان متي ڄاڻايل حڪمن جي بجا آوريءَ لاءِ مشعلِ راهه ٿئي. (1) معاملن جو بگاڙڻ يا بنائڻ انسان جي هٿ وس ناهي، اهو اختيار ان الله وٽ آهي،جنهن جي حڪمراني زمين ۽ آسمانن تي آهي. (2) پوين قومن کي به انهن حڪمن جي تعميل نه ڪرڻ ۾ نقصان برداشت ڪرڻو پيو، ان ڪري خدا انهن جي جاءِ تي ٻي قوم آندي. جيڪڏهن اوهان به انحرافي ڪندا ته اوهان کي به هٽايو ويندو. (3) دنيا ۽ آخرت جا فائدا الله وٽ آهن. جيڪي رڳو دنيا جو طالب ٿيندو ته ان کي دنيا ۾ ملندو،پر آخرت ۾ ڪجهه نه ملندو، پر جيڪو دنيا ۽ آخرت گهرندو، ان کي ٻئي فائدا ملندا. اها انسان جي ڪوتاهه نظري آهي، جو هو رڳو دنيا جي بي ثبات شين جو طالب آهي ۽ آخرت جي دائمي راحتن کان محروم آهي.

قناعت نہ کر عالمِ رنگ و بو پر
چمن اور بھی، آشیاں اور بھی ہیں (اقبال)

* * *

تو ہی نادان چند کلیوں پر قناعت کر گیا
ورنہ گلشن میں علاجِ تنگیٔ داماں نہ تھا (اقبال)

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ
اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۥ قف فَلَا
تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
خَبِيْرًا ۝١٣٥ يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ عَلٰى
رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ
كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ۝١٣٦

(هن انقلابي نظام لاءِ عدل و انصاف ضروري آهي، جنهن جي شه رڳ گواهي آهي.) مؤمنؤ! توهان انصاف لاءِ مضبوطي سان قائم رهڻ وارا ۽ فقط الله لاءِ گواهي ڏيڻ وارا ٿيو. (ڪنهن جي طرفداريءَ بدران الله جا گواهه ٿيو) سچي سچي شاهدي ڏيو توڙي ڪٽي اها اوهان جي پنهنجي ذات (پاڻ) خلاف هجي يا توهان جي والدين يا توهان جي رشتيدارن خلاف هجي. امير هجي يا غريب ڪو امتياز نہ ڪيو (دشمن سان بہ عدل ڪريو، سچي شاهدي ڏيو) توهان ڪان وڌيڪ الله ڪي هنن جي خير خواهي جو زياده فڪر آهي، پنهنجن خواهشن (جذبات)

۾ اچي عدل ڪرڻ کان هٽي نہ وڃو نہ وري سچي گواهيءَ بدران ڦيري گھيري بيان ڪريو. ۽ نہ وري گواهي ڏيڻ کان ڪيٻايو. ياد رکو الله جو قانون مڪافات اوهان جي سمورن جذبن لاڙن کان چڱي طرح آگاھ آهي. (135) هنن حڪمن کي دل جي خوشي سان مڃڻ لاءِ اي مؤمنؤ! نالي جا مسلمان نہ ٿيو، پر الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ ڪتاب جيڪو هن پنهنجي رسول ﷺ تي نازل ڪيو آهي ۽ اهو ڪتاب جيڪو هن کان اڳ نازل ٿيو آهي ان تي دل جي اٿاھ سچاين سان ايمان آڻيو. جيڪو بہ الله جو ۽ ان جي فرشتن جو ۽ هن جي ڪتابن جو ۽ هن جي رسولن جو ۽ آخرت جي ڏينهن جو انڪار ڪري ٿو تہ بيشڪ هو ڏورانهين گمراهي ۾ پئجي ويو (جتان واپس اچڻ مشڪل آهي). (136)

هن کان اڳ معاشري جي نهايت ڪمزور طبقن يتيم، بيواھ، مسڪين، قيدي ۽ مجبور انسانن جي خيرخواهيءَ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي. معاشري جي انهن بيشمار معاملن ۽ مسئلن کي صحيح طور ادا ڪرڻ لاءِ ٻن خاص شين جو ذڪر ٿي رهيو آهي. هڪ عدل و انصاف، ٻيو سچي گواهي. عدل و انصاف سان ئي حقدارن جي حقن جي حفاظت ٿي سگھندي ۽ عدل انصاف لاءِ سچي گواهي ئي آبِ حيات جو ڪم ڏئي ٿي. ان ڪري انسانيت جي هن عالمگير فلاح بهبود لاءِ عدل ۽ انصاف ضروري آهي ۽ عدل و انصاف کي زندھ رکڻ لاءِ سچي گواهي لازم ملزوم آهي. يعني اهڙي گواهي، جيڪا پنهنجي ذات خلاف اولاد ۽ والدين، رشتيدارن ۽ غيرن درميان فرق محسوس نہ ڪري. سچ سچ چوي. گواهي الله عزوجل جي امانت آهي ۽ الله جي هن ادائگيءَ جي سؤ فيصد پيروي ڪرڻ لازمي آهي. اصل گواھ الله آهي. انسان الله جي پاران شاهدي ڏئي ٿو.

مسلمانؤ! الله جي دين يعني نوع انسان جي ڀلائي واري نظام کي قائم رکڻ لاءِ عدل ۽ انصاف جا مضبوط محافظ ۽ نگران بڻجي وڃو. (النساءِ: 125/4) انصاف جي معاملي ۾ شهادت يا گواهي اهم عنصر آهي. ان ڪري گواهي ڏرين مان ڪنهن بہ هڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ نہ، پر الله جي طرفان گواھ بڻجي گواهي ڏيو. يعني سچي سچي شاهدي

ڏيو. پلي اوهان جي گواهي اوهان جي خلاف هجي يا توهان جي ماءُ پيءُ يا رشتيدارن خلاف چو نہ هجي. شاهدي ڏيڻ وقت امير ۽ غريب ۾ بہ ڪوئي فرق نہ رکو. يعني نہ ڪنهن دولتمند، اقتدار ۽ اختيار واري ماڻهوءَ جي اثر و رسوخ ڪري سندس خلاف سچي شاهدي نہ ڏيڻ، رعب ۽ دٻدٻي کان ڊڄي، ان کي خوش ڪرڻ يا غريب ۽ مسڪين تي رحم کائي، ان جي خلاف شاهدي نہ ڏيڻ وڏو ڏوهہ آهي. ڪٿي اهو اوهان جو دشمن چو نہ هجي. (المائده: 8/5، الشوریٰ: 15/42) پر شاهدي بلڪل صحيح ۽ سچي ڏيو تہ غريب تي ترس کائي نہ امير جي رعب ۽ رغبت ۾ اچي گواهيءَ ۾ ڦير ڦار ڪيو. توهان هنن جي کهڙي خيرخواهي ڪري سگهو ٿا. جڏهن تہ توهان کان وڌيڪ الله انهن جو خير خواهہ آهي. اوهان پنهنجن خواهشن پسند يا ناپسند ۾ اچي عدل ۽ انصاف جي رڪاوٽ نہ ٿيو نہ وري حقيقت کي مروڙي ڦيرائي پيش ڪيو يا سچي گواهي ڏيڻ کان پرهيز ڪريو، سچي گواهي اوهان تي فرض آهي چو تہ اوهان شهداءَ الله يعني الله جا گواهہ بڻجي گواهي ڏيندڙ آهيو. الله جو قانون مڪافات اوهان جي اعمال جذبات ۽ تعلقات کان واقف آهي. ان ڪري ان الله جو ڌيان دل ۾ رکي سچي گواهي ڏيو. گويا اصل گواهہ ان جو الله آهي. اوهان ان الله جا نمائندا ٿي هن جي گواهيءَ پاران اوهان گواهي ڏيو ٿا. ڏسو گواهي ڪيڏي ذميداري آهي ان ڪري سچي سچي گواهي ڏيو، الله اوهان جي تمام اعمال کان واقف آهي ۽ جهڙو عمل ڪندؤ، ان جو اجورو بہ توهان کي اهوئي ملندو. مسلمانن وارو نالو رکڻ يا مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ سان مسلمان نٿو ٿئي جيستائين اصل صداقتن تي ايمان نٿو رکي. (البقره: 26/2) اهي بنيادي اصول هي آهن: الله تي ايمان، ان جي رسولن تي ايمان، ان جي ڪتاب تي ايمان، جيڪو هن پنهنجي رسول حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ تي نازل ڪيو آهي ۽ انهن سيني ڪتابن تي ايمان، جيڪي هن کان اڳ نبين ۽ رسولن تي نازل ٿيا، فرشتن ۽ آخرت جي ڏينهن ۽ آخرت جي زندگي تي ايمان.

ياد رکو تہ جيستائين الله تي سچي دل سان ايمان نٿو ٿئي، تيستائين چڱن عملن جي ڪرڻ جي صلاحيت ۽ برن ڪمن کان رڪجڻ جي قوت پيدا نہ ٿيندي، ان ڪري حق پرستيءَ تي سچو ايمان هجي ۽ الله تي سچي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي تہ ان جي طرفان هدايت جي پوري سرشتي ۽ ان جي آخرت ۾ حساب ڪتاب تي يقين هجي. الله جي

فرشتن، رسولن، نبين، ڪتابن تي ايمان هجي تہ اهي الله جي طرفان آهن. (البقره: 285/2) ۽ نوع انسان جي هدايت ۽ رهبري جو ذريعو آهن، جنهن جو ليکو انسانن کي آخرت ۾ ڏيڻو آهي. پر جيڪڏهن ڪو هنن بنيادي اصولن ۽ ضابطن جو انڪاري آهي تہ سمجهو اهو گمراهہ ٿي سڌي رستي صراط مستقيم کان گهڻو پري وڃي ڀٽڪي ڪريو.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ
اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ﴿۱۳۷﴾ بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا
اَلِيْمَا ﴿۱۳۸﴾ الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ اَيَبْتَغُوْنَ
عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿۱۳۹﴾

ايمان تہ دل جي سچائين جو آواز آهي ۽ هر شڪ وهم ۽ وسوسي کان پاڪ آهي پر بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو وري ڪافر ٿي ويا وري ايمان آندو وري ڪافر ٿي ويا ۽ پوءِ ڪفر ۾ وڌندا ويا. الله اهڙن نافرمان ماڻهن کي هرگز بخش ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ نہ وري انهن کي سڌي رستي تي هلائيندو (137) اي نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تون هنن منافقن کي خبر ڏئي ڇڏ تہ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي (138) هي اهي ماڻهو آهن جيڪي مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن سان دوستي رکن ٿا. ڇا هو انهن (ڪافرن) وٽ (پنهنجي) عزت تلاش ڪن ٿا. دراصل عزت تہ الله وٽ ئي آهي ۽ اتان ئي ملي ٿي (139)

بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ وري ڪفر اختيار ڪيو، وري ايمان آندو ۽ وري ڪفر ڪيو ۽ پوءِ ڪفر ۾ وڌيڪ وڌندا ويا (المائده 51/5) تہ اهي ماڻهو سچيءَ دل سان ايمان آڻڻ وارا نہ آهن، پر ذاتي مفادن خاطر ظاهر ۾ مسلمانن وانگر ايمان جي دعويٰ تہ ڪن ٿا پر باطن ۾ اڃان ڪفر کي ئي قبول ڪري رهيا آهن. انهن ماڻهن جو اهو ظاهري رسمي

طور ايمان آڻڻ ايمان تصور نہ ڪيو ويندو. هنن ٻيائي رکندڙ منافقن کي نہ الله جي پاران بخشش ۽ حفاظت جو سامان ملندو ۽ نہ وري هدايت ۽ ڪاميابيءَ جو رستو ڏسي سگهندا. (البقره: 2/ 8 کان 20) اي نبي ڪريم ﷺ تون انهن منافقن کي اها خوشخبري ڏي تہ اوهان لاءِ سخت دردناڪ عذاب آهي، يعني اوهان جيڪي ايمان ۽ عمل کي ڇڏي ڪفر، منافقت ۽ بداعمالي طور ڪمايو آهي اوهان کي توهان جي ڪمائيءَ جو پورو پورو معاوضو ملي ويو، هي اهي منافق آهن، جيڪي مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن ۽ حق جي انڪارين سان دوستي رچائين ٿا. (النساء: 4/ 144) ڇا هو ڪافرن سان ان ڪري دوستي ڪن ٿا تہ ڪين انهن وٽان عزت ۾ اضافو ٿيندو ۽ غريب مسلمانن سان دوستي رکڻ ۾ هو حقير سمجهيا ويندا. (الفاطر: 10/35) هنن کي ٻڌاءِ تہ اها اوهان جي خام خيالي آهي. عزت تہ دراصل الله وٽ ئي آهي. يعني ان جي اختيار ۾ آهي. ان جي مشيت مطابق ئي عزت ماڻي سگهجي ٿي، جيڪا الله تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ تي آهي. (آل عمران: 25/3) اهي لَآ اِلٰى هٰؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰى هٰؤُلَآءِ لاءِ واري ڪشمڪش جي ڪيفيت ۾ آهن. صبح جو مسلمان تہ شام جو ڪافر، شام جو مسلمان تہ صبح جو ڪافر. اهي الله کان ڪهڙي عزت پائيندا. عربي زبان ۾ عزت جو لفظ فقط احترام لاءِ نہ، پر انسان جي اهڙي بلند ۽ محفوظ حيثيت لاءِ اچي ٿو، جنهن کي ڪوبہ نقصان نہ ڏئي سگهي، يعني عزت ڪافرن سان دوستي رکڻ ۽ محبت ڪرڻ سان نہ ملند، پر عزت جهڙو اعلىٰ مرتبو ۽ حرمت وارو مقام الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن کي عطا ڪندو آهي. ”مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا“ (الفاطر: 10/35) جيڪو شخص عزت جو طلبگار آهي، ان کي سمجهڻ گهرجي تہ عزت الله وٽان آهي. ” وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ○“ (المنافقون: 63 /8) الله عزوجل، سندس رسول اڪرم ﷺ ۽ مؤمنن کي ڇڏي ٻين سان دوستيءَ ذريعي عزت حاصل ڪرڻ دراصل عزت نہ، پر ذلت ۽ خواري آهي.

سندس امت سان الفت آل سان اصحاب سان رک تون
ٻين سان دوستيءَ جو هٿ ونديندين، دربدر ٿيندين
(مشتاق سچاروي)

”اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ○“ (البقره: 257/2، آل عمران: 28/3، المائده: 55/5، النحل: 6/16، الممتحنه: 1/60)

وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَيُسْتَهْزَاُ
بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖٓ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعًا ۙ ﴿۱۴۰﴾ الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ
بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ
نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْٓا اَلَمْ نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَنَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ
بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ۧ ﴿۱۴۱﴾ اِنَّ ع ۲۰ / ۱۷
الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا
كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ ﴿۱۴۲﴾ مُّذَبْذَبِيْنَ
بَيْنَ ذٰلِكَ ۖ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ
لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۱۴۳﴾

انهيءَ ڪتاب ۾ اوهان لاءِ اها هدايت (حڪم) نازل ڪري چڪو آهي ته جڏهن اوهان ٻڌو ته الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ٿو وڃي ۽ انهن جو مذاق ڪيو ٿو وڃي ته اوهان انهن مذاق ڪندڙن ڪافرن سان گڏ نه ويهو جيستائين هو (هن روش کي ڇڏي) ٻئي مضمون (ڳالهه) ۾ نه لڳي وڃن. ورنه توهان به انهن وانگي ٿي ويندو. الله جو فيصلو آهي ته هو اهڙن منافقن ۽ منڪرن کي جهنم ۾ هڪ هنڌ تي گڏ ڪندو. (140) (اهي منافق) جيڪي همشه توهان جي (فتح و شڪست

جي نتيجن جي) انتظار ۾ رهن ٿا. پوءِ جيڪڏهن الله جي فضل و ڪرم سان اوهان کي ڪاميابي نصيب ٿئي ته چون ٿا ته ڇا اسان اوهان جا ساٿي نه هياسون ؟ پر جيڪڏهن ڪافرن کي عارضي ڪاميابي مان ڪجهه حصو مليو ته انهن کي چون ٿا ته اوهان جي هي ڪاميابي اسان جي ڪري آهي. اسان ئي اوهان کي ترغيب ڏئي مسلمانن تي حملي لاءِ آماده ڪيو. اسان ئي اوهان جي همت ۽ جرئت ۾ اضافو آندو ۽ اسان ئي اوهان جي مؤمنن کان حفاظت ڪئي. پوءِ الله قيامت جي ڏينهن اوهان جي درميان فيصلو ڪندو ۽ الله ڪافرن کي مسلمانن مٿان (غلبي) جي ڪا به راهه نه ڏيندو (141) بيشڪ منافق (پنهنجي خيال ۾) الله کي ڌوڪو ڏيڻ گهرن ٿا. حالانڪ هو کين سندن ئي ڌوکي ۾ مبتلا ڪري رهيو آهي ۽ هو جڏهن نماز جي قيام لاءِ اٿن ٿا ته سستي ۽ بري سان رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ قيام ڪن ٿا. هو الله کي به تمام ٿورو ياد ڪن ٿا (142) سندن هن ٻيائي جي ڪري يقين محڪم وارو اطمينان حاصل ٿي نٿو سگهي (ڪفر ۽ ايمان) جي درميان هميشه تذبذب جو شڪار رهن ٿا. هو پوري طرح ڪافرن جي طرف آهن ته وري نه پوري طرح مؤمنن جي پاسي آهن ۽ جيڪو پنهنجي گمراهي سبب مشيت الاهي سان گمراهه قرار ڏنو وڃي ته ممڪن ناهي ته توهان هن لاءِ هدايت جو ڪو به رستو لهي سگهو. (143)

---

الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب (قرآن) ۾ هي حڪم نازل ڪيو آهي ته جڏهن توهان ڏسو يا ٻڌو ته جنهن ڪچهري ۾ خدا جي آيتن ۽ حڪمن جي کلي عام شرارت ڪري انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ته الله جا احڪام نه آهن يا انهن احڪامن جو مذاق ڪيو وڃي، جنهن ۾ الله جي آيتن جي تحقير مقصود هجي ته پوءِ اوهان اهڙي مجلس ۾ نه ويهو، اٿي هليا وڃو، جيستائين هو انهي مڪروهه عادت کان باز نه اچن ۽ اهو بحث بند ڪري ڇڏين. (الانعام: 68/6) پر جي ڪن ڊرا ڪري اوهان وينا رهيا ۽ الله جي آيتن جو انڪار ۽ مذاق

ٿيندو رهيو تہ اوهان بہ انهن ۾ شامل سمجهيا ويندا. ياد رکو منافق جيکي الله جي آيتن جو انڪار ۽ مذاق ڪن ٿا ۽ اهي مسلمان جيڪي اهڙي مجلس ۾ شريڪ رهن ٿا، انهن سڀني کي جهنم ۾ ڪٺو ڪيو ويندو ۽ دردناڪ عذاب ۾ برابر جو شريڪ بڻائيندو.

هنن منافقن جي اوهان جي حالتن تي نظر آهي، جيڪڏهن اوهان کي (مسلمانن کي) ڪاميابي ملي ٿي تہ هو پاڻ کي اوهان جا ساٿي سڏائي چون ٿا تہ اسان جو اوهان سان پورو پورو ساٿ هيو، ائين چئي هو اوهان مسلمانن کان مفاد حاصل ڪن ٿا. پر جيڪڏهن ڪافرن کي ڪاميابي ملي وڃي ٿي تہ هو ڪافرن وٽ وڃي کين پنهنجو احسان ٻڌائين ٿا تہ اسان اوهان ڪافرن تي جنگ ۾ غالب ٿي ويا هئاسون پر پوءِ اسان اوهان کي مسلمانن کان بچائي اوهان کي ڪاميابي ڏياري آهي. الله هنن منافقن جي انهن چالن کان پوري طرح واقف آهي، ان ڪري قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو ۽ کين جهنم رسيد ڪندو. پر هت دنيا ۾ بہ منافقن کي ڪافرن جي ڪا مدد ڪنهن ڪم نہ ايندي ۽ الله تعالىٰ ڪڏهن بہ ائين ٿيڻ نہ ڏيندو تہ هي ڪافر ۽ منافق مسلمانن تي غالب ٿي سگهن. (آل عمران: 139/3، حٰم السجده: 80/41) پر جيڪڏهن مسلمان الله جي نافرماني ڪن ۽ دين جي حڪمن کان دوري اختيار ڪن، تہ پوءِ پنهنجي شڪست جا اسباب خود پيدا ڪندا، پر جيڪڏهن الله جي دين تي مضبوط ۽ مستحڪم رهندا، تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ طاغوتي طاقت هنن تي غالب نہ ايندي. هي منافق سمجهن ٿا تہ هو پنهنجن هن سازشي چالن سان الله کي بہ بي خبر رکي ان کي ڏکو ڏئي رهيا آهن. (البقره: 9/2، النساء: 142/4) حالانڪ هو پنهنجو پاڻ کي ئي دوکو ڏئي رهيا آهن. هو جڏهن نماز پڙهن ٿا تہ اها سستي ۽ ڪاهلي واري نماز رڳو مؤمنن کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ نماءَ واري نماز پڙهن ٿا. (الماعون: 5/107) اها نماز بہ خشوع ۽ خضوع سان نہ ٿا پڙهن، پر منتشر خيالن ۾ ڏانوان ڏول ۽ پريشان رهن ٿا. (الحج: 13/22) نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جو فرمان آهي: ”اَثْقَلُ الصَّلٰوةِ عَلَى الْمُنَافِقِيْنَ الْعِشَآءُ وَالْفَجْرُ“ (صحيح بخاري) منافق تي عشا ۽ فجر جي نماز سڀ کان زياده ڀاري (ڳوري) آهي. ”لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ“ (نہ هيڏي، نہ هوڏي) پنهنجي انهيءَ ٻيائي واري چال سبب نہ هو مسلمانن سان سچا آهن، تہ نہ وري ڪافرن سان سچا آهن. هي پنهنجي عملن سبب

گمراهيءَ ۽ ضلالت ۾ اچي ويا آهن، ان ڪري الله بہ هنن کي گمراهہ سڏيو آهي ۽ جنهن کي الله گمراهہ سڏي تہ ان جي لاءِ هدايت جو ڪٿي بہ رستو نہ آهي. (التوبه: 54/9، الماعون: 5/107) ياد رهي تہ ان وقت مسلمانن جي سڄاٽپ پنج وقت نماز باجماعت ادا ڪرڻ ۾ هئي ۽ مسلمان وڏي شوق، محبت، خشوع ۽ حضور سان مسجد ۾ وقت کان اڳ ايندا هئا ۽ نماز بعد بہ مسجد ۾ رهڻ ۾ سرور محسوس ڪندا هئا، پر منافقن کي مسجد ۾ اچڻ لاءِ بہ ٻرو ٿيندو هيو تہ بہ ٺونگا هڻي، حاضري ڏيکاري هليا ويندا هئا. ”اَلْمُؤْمِنُ فِی الْمَسْجِدِ کَالسَّمَکُ فِی الْمَآءِ وَالْمُنَافِقُ فِی الْمَسْجِدِ کَالطَّیْرِ فِیْ قَفَصٍ“ مؤمن مسجد ۾ ائين آهي، جيئن مڇي پاڻيءَ ۾ ۽ منافق مسجد ۾ ائين آهي، جيئن پکي پڃري ۾. ڇاڪاڻ تہ هنن ٻنهي جا ڪردار ۽ عقيدا مختلف آهن.

کافر کی یہ پہچان ہے کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان ہے کہ گم اس میں ہیں آفاق

***

گذر اوقات کرلیتا ہے وہ کوہ و بیاباں میں
کہ شاہین کے لیے ذلت ہے کارِ آشیاں بندی (اقبال)

”وَلَا تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾“ ”اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ○ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ○ نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ○“ (حٰم السجده: 41/ 30 کان 32) جنهن بہ الله تي سچيءَ دل سان ايمان آندو ۽ ان تي ثابت قدم رهيا تہ انهن تي فرشتا نازل ٿيندا. اهي کين چوندا تہ ڪوبہ خوف، خطرو ۽ غم نہ ڪريو، هي آهي الله طرفان اوهان جي ميزبانيءَ جو مانُ.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ
اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٤٤﴾ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي
الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿١٤٥﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا

وَاَصۡلَحُوۡا وَاعۡتَصَمُوۡا بِاللّٰهِ وَاَخۡلَصُوۡا دِيۡنَهُمۡ لِلّٰهِ فَاُولٰٓـئِكَ مَعَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ‌ؕ وَسَوۡفَ يُؤۡتِ اللّٰهُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۱۴۶﴾ مَا يَفۡعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمۡ اِنۡ شَكَرۡتُمۡ وَاٰمَنۡتُمۡ‌ؕ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيۡمًا ﴿۱۴۷﴾

مؤمنؤ! اوهان جا رفيق رڳو مؤمن آهن، ان ڪري ڪافرن کي پنهنجو دوست ۽ ڪارساز نہ بڻايو. ڇا اوهان هنن سان دوستي رکي پنهنجي خلاف سزا لاءِ خدا طرفان چٽو ثبوت پيش ڪيو ٿا. (144) بيشڪ منافق دوزخ جي هيٺئين طبقي ۾ هوندا ۽ تون هنن جو ڪنهن کي حامي يا مددگار نہ ڏسندين (145) ها! مگر اهي جن پنهنجن غلطين کان موٽ ڪاڏي توبه ڪئي ۽ آئنده لاءِ پنهنجي اصلاح ڪن ٿا ۽ الله جي دين جي پيروي ڪن ٿا تہ پوءِ هو مؤمنن جي جماعت ۾ هوندا ۽ ان اجر عظيم جا حقدار ٿي ويندا جيڪو عنقريب الله مؤمنن کي عنايت ڪندو. (146) تون هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان خدا جي نعمتن جو صحيح استعمال ڪري خدا جو شڪر ڪريو ۽ ايمان جي راهہ اختيار ڪريو تہ پوءِ الله اوهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪندو؟ الله هر حق ادا ڪندڙ جو قدر شناس آهي ۽ هر عمل جو پوري طرح علم رکي ٿو. (147)

مسلمانو! ياد رکو ائين نہ ٿئي تہ اوهان مسلمانن بجاءِ ڪافرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار ناهيو. اهي ڪافر ڪڏهن بہ اوهان جا سڄڻ نہ آهن. (النساءِ: 4/ 139) ڇا اوهان خدا جي هن حڪم جي نافرماني ڪري پنهنجي ذاتي مفادن کي مدنظر رکي ڪافرن کي پنهنجو همراز ۽ دوست ناهي خدا پاران هڪ وڏو الزام پاڻ تي هٿڻ گهرو ٿا، جنهن جي دردناڪ سزا آهي، حقيقت ۾ دوزخ جي بلڪل هيٺين طبقي ۾ جتي باهہ جا ٻيڙ هوندا، منافقن کي ان ۾ وڌو ويندو ۽ ان عذاب کان ڇڏائڻ لاءِ سندن ڪو بہ حمايتي ۽ مددگار نہ هوندو، جنهن کي "هاويه" چيو ويندو آهي. منافقن جي دوستيءَ ۾ اوهان بہ هنن سان گڏ هوندا. منافقن سان دوستي ۽ همدردي بہ منافقت ئي آهي. پر جيڪڏهن هنن منافقن مان

جن پنهنجي غلطيءَ تي شرمسار ٿي توبه ڪئي ۽ پنهنجي اعمالن ۾ اصلاح آندي ۽ الله جي حڪمن تي مضبوطيءَ سان عمل پيرا ٿيا ۽ پنهنجي دين ۾ رڳو الله جا ٿي ويا تہ اهڙن ماڻهن کي الله تعالىٰ مؤمنن ۾ شمار ڪري ڇڏيندو ۽ اهڙن مؤمنن کي جلد الله طرفان اجر عظيم عطا ٿيندو. جيڪڏهن اوهان الله جا شڪرگذار ٻانها ٿيا. شڪرگذاريءَ جو مطلب آهي تہ الله جي حڪم جي مطابق براين کان دوري ۽ اجتناب ڪرڻ ۽ عمل صالح جو اهتمام ڪرڻ. هي گويا الله تعالىٰ جي نعمتن جو عملي شڪرانو آهي. ”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ○“ (البقره: 152/2) منهنجي حڪمن کي ياد رکو يا منهنجي ياد کي دل ۾ جاري رکو ۽ منهنجي حڪمن جي نعمتن عوض اهڙيءَ طرح عمل ڪري، خدا جو شڪر ڪريو ۽ پاڻ کي گناهن کان بچايو. خدا جي حڪمن جي اطاعت ڪري ان جي نعمتن جي قدرداني ڪندا ۽ الله تي سچي دل سان ايمان آڻيندا ۽ زندگي ڀر نيڪ اعمال ڪندا رهيا تہ پوءِ الله اوهان کي ڇو عذاب ڏيندو، الله تعالىٰ تہ انسانن جي چڱن ڪمن جو قدر ڪرڻ وارو آهي ۽ هن کي نيڪ بد جو پورو پورو علم آهي. منافقن جي منافقت کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي. (آل عمران: 3/ 118 کان 120، النساء: 89/4-144-139، المائده: 57/5-50، التوبه: 125/9-124-123، الممتحنه: 1/60. ان کان علاوه هود، الرعد، احزاب وغيره) عذاب ۽ ثواب ان ڪري ناهي تہ الله خوش ٿي انعام ڏيندو آهي ۽ انتقام جي جوش ۾ اچي عذاب ڏيندو آهي. جهڙيءَ طرح بت پرست پنهنجي نقلي معبودن ديوين ۽ ديون بابت عقيدو رکن ٿا، يهودين ۽ عيسائين جي اعتقاد ۾ بہ آميزش ٿي وئي آهي، پر الله وٽ نيڪ ۽ بد عمل جو بدلو قانونِ مڪافات هيٺ ٿين ٿا. ياد رهي تہ ثواب ۽ عذاب انساني اعمالن جو نتيجو آهي، جيڪو انسان پنهنجي پاڻ لاءِ ڪمائي ٿو، انڪري منافقن جي پرڪشش وعدن ۽ دلفريب ڳالهين ۾ اچي، هنن جي هٿ ۾ هٿ نہ ملايو ۽ ”ها“ ۾ ”ها“ نہ ڪريو.

اے بسا ابلیس آدم روء ہست
پس بہر نہ باید را دست (شيخ سعدي رحمة الله عليه)

ڪيترائي اندر جا ابليس ظاهر انساني روپ رنگ ۾ ايندا. ان ڪري هر هٿ تي بيعت نہ ڪجو.